# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

جلد: نائون - شمارو: ٻيو، ٽيون

سال: جون ۽ سيپٽمبر 2006ع



شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي

جلد: نائون - شمارو: ٻيو ۽ ٽيون
سال: جون ۽ سيپٽمبر 2006ع

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

**ايڊيٽر**

ڊاڪٽر فهميده حسين

**سب ايڊيٽر**

شاهده برفت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي.

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل


ايڊيٽر : ڊاڪٽر فهميده حسين

ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس : حبيب الله جاکرو

ڇاپو : پهريون

سال : جون ۽ سيپٽمبر 2006ع

ڇپائيندڙ : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

ڇپيندڙ : شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي.

مُلهه : 50 رُپيا


# Kalachi Research Journal


Editor : **Dr. Fahmida Hussain**

Composing & Graphics : **Habibullah Jakhro**

Published by : **Shah Abdul Latif Bhitai Chair, University of Karachi.**

Printed at : **B.C.C.T. & Press, University of Karachi.**

Price : **Rs. 50/-**

Email : **shahlatifchair@hotmail.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي پاران | ڊاڪٽر فهميده حسين | 5 |
| 1. ڪيپٽن جارج اسٽيڪ | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 7 |
| 2. شاهه لطيف سائين ـ سراپا سنڌيت | ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي | 17 |
| 3. شاهه لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو معمار | تاج جويو | 30 |
| 4. هند ۾ سنڌي تعليم ۽ تحقيق | ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي | 47 |
| 5. ادب جي نفسياتي تنقيد | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | 59 |
| 6. هتان ڪٿي هُت | شازيہ پتافي | 67 |
| 7. سُر سامونديءَ جي واين تي اعتراض | ڦلومل ميگهواڙ | 79 |
| 8. شاهه جي تخليقي ڪيفيت ۽ اهميت | احمد سومرو | 99 |
| 9. عالمي سنڌ ڪانفرنس ـ هڪ تاثر | مشتاق راڄپر | 109 |
| 10. سنڌ ـ ماضي، حال ۽ مستقبل | ذوالفقار هاليپوٽو | 117 |


## English Section


| | | |
|---|---|---|
| 11. Sindh - Past, Present & Future | Dr. Fahmida Hussain | 5 |
| 12. Awareness Among Students of Secondry Schools. | Dr. G. R. Memon | 8 |
| 13. Higher Eduation in Sindh | Dr. Suleman Shaikh | 21 |

# ايڊيٽوريل بورڊ


1. ڊاڪٽر پيرزاده قاسم رضا صديقي (وائيس چانسلر) سرپرست
2. سراج الحق ميمڻ ميمبر
3. ڊاڪٽر غلام علي الانا ميمبر
4. پروفيسر محمد سليم ميمڻ ميمبر
5. ڊاڪٽر فهميده حسين ميمبر


**نوٽ:** ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن تہ تحقيق تي ٻڌل هوندا آهن، ان ڪري ان جي لکندڙن جي خيالن ۽ حوالن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري ناهي.

# پنهنجي پاران

ـ سو خير سان ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه لطيف چيئر ۽ سنڌي شعبي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران رٿيل ۽ ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس ڪاميابيءَ سان ٿي گذري، جنهن جو عنوان "**سنڌ ماضي حال ۽ مستقبل**" ايترو ته اهم ۽ وقتائتو هو جو ان جو پڙاڏو سنڌ، پاڪستان ۽ سموري دنيا مان ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. ان ۾ پيش ٿيل مقالا ۽ پيپر ايترا ته پرپور، پرمغز ۽ اعليٰ تحقيقي معيار جا هئا جو ڪانفرنس ۾ شريڪ عالمن، اديبن، مختلف مضمونن ۽ شعبن جي ماهرن ڪانسواءِ عام ماڻهن انهن مان گهڻو ڪجهه پرايو ۽ موقعي جي مناسبت سان بحث ۽ سوال جواب ڪري پنهنجي ذهني اڄ اجهائي... انهيءَ حوالي سان هيءَ ڪانفرنس مڪمل طور تي يادگار اڪيڊمڪ گڏجاڻي ثابت ٿي جيڪا هڪ مثبت روايت طور آئندي به جاري رهندي.

جيتوڻيڪ هن ڪانفرنس جو مقصد سنڌ سان لاڳاپيل موضوعن تي علمي ۽ اڪيڊمڪ گفتگو ڪرڻ هو ۽ "سنڌ اسٽڊيز" جي ڏس ۾ ٿيل مطالعي ۽ تحقيق کي سامهون آڻڻ هو پر ڪانفرنس جو دائرو (Scope) ان کان گهڻو اڳيان وڌي ويو ۽ سنڌ جي شاندار ماضيءَ کي فخر سان ياد ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي بيحال حال تي ڏک بلڪه ماتم جهڙو ماحول بنجي ويو ۽ مستقبل جي باري ۾ خدشن جو اظهار ڪيو ويو.

ٿي سگهي ٿو ته ڪي ماڻهو اهو سمجهن ته هن اڪيڊمڪ ڪانفرنس ۾ سياست گهڙي آئي. پر ڇا سياست اڪيڊمڪ معاملو ڪونهي؟ يونيورسٽين ۾ پوليٽيڪل سائنس جا اڪيڊمڪ شعبا به ته هوندا آهن ڇا اتي سياست تي بحث ڪونه ٿيندو آهي! جڏهن ڪنهن به مضمون جا ڏاها، دانشور ۽ عالم گڏجي ويهندا ته اهي ضرور ان مضمون

سان لاڳاپيل شعبن ۾ ٿيندڙ ترقي ۽ تنزل بنهي تي ڳالهائيندا. جڏهن اقتصاديات جي ماهرن ڳالهايو ته سنڌ جي ابتر اقتصادي حالت جي تصوير پيش ڪيائون جڏهن سماجيات جي ماهرن ڳالهايو ته سنڌي سماج جي درجي بدرجي پنتي پوڻ جي ڪارڻن تي روشني وڌائون. جڏهن سنڌي ٻوليءَ جا ماهر مقالا پڙهڻ آيا ته سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج جي ڏس ۾ آيل رڪاوٽن جو ذڪر ڪيائون. جڏهن آرڪيالاجي يعني قديم آثارن جا عالم اسٽيج تي آيا ته سنڌ جي قومي ورثي جي بربادي ۽ بيقدريءَ تي ڏک ڪيائون ۽ جڏهن سنڌ جي شهه رڳ "سنڌو" جي مٺي پاڻيءَ تي ڳالهائڻ لاءِ عالمن ۽ ماهرن انگ اکر پيش ڪيا ته انهن چڻ سنڌوءَ جو نوحو ٿي پڙهيو جنهن هر هڪ ماڻهوءَ جي اکين مان ڪارو پاڻي جاري ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن عالم ۽ استاد حقيقتون پيش نه ڪندا ته ڪير ڪندو ۽ جيڪڏهن اها سياست آهي ته ڀلي هجي... سنڌ جو ماضي شاندار هو پر اهو گذري ويو. سنڌ جو حال بيحال آهي ۽ خدا ڪندو ته اهو به گذري ويندو... پر اسان کي فڪر ڪرڻ گهرجي سنڌ جي مستقبل جو، نئين نسل جو. جنهن لاءِ اسان کي حال جي ڪمين ڪوتاهين جو تجزيو ته ڪرڻو پوندو ته جيئن انهن جو تدارڪ ڪري سگهون. ان ڪري ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالا به ڇاپيا اٿئون ته جيئن رڪارڊ رهي ۽ آئيندي لاءِ به اسان هن قسم جي ڪانفرنس هر ٻئي سال ڪرڻ جو پهه ڪيو آهي.

ڪلاچيءَ جو هي پرچو ڪانفرنس جي رپورٽ ۽ تصويرن جي شامل ڪرڻ لاءِ ٿورو دير سان ڇاپيو اٿئون ان لاءِ معذرت.

ڊاڪٽر فهميده حسين

مرليڌر جيٽلي

# ڪئپٽن جارج اسٽئڪ

## (سنڌي ٻوليءَ جو پهريون لغت نويس)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پهريون يوروپي عالم آهي، جنهن اُڻويهين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري انگريزي – سنڌي ۽ سنڌي – انگريزي شبد ڪوش تيار ڪيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو انگريزيءَ ۾ ويا ڪرڻ بہ لکيو. هن اٺن ڪن سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۾ سرڪاري ملازمت دؤران اهو اتڪائيو ڪم ان زماني ۾ ڪيو، جڏهن ڪيس سنڌي ٻولي پاڙهڻ لاءِ ڪو بہ استاد نہ مليو. ان وقت تعليمي سرشتي ۾ سنڌي ٻولي شامل ڪيل نہ هئي ۽ فارسيءَ ٻوليءَ جو بول بالا هئو. اها يارهن ڪن صدين کان سنڌ ۾ راڄ – ڪاروبار ۽ ادب جي ٻولي هئي. سنڌي فقط روزاني زندگيءَ ۾ پاڻ ۾ وهنوار رکڻ لاءِ ٻول چال جي ٻولي هئي. ڪن صوفي درويشن ۽ سنتن، سنڌيءَ ۾ پنهنجن اُمنگن ۽ ويچارن جو اظهار بہ ڪيو. اهڙين اؤکين ۽ مشڪل حالتن جي وچ ۾ رهندي، جارج اسٽئڪ پنهنجي شخصي شوق وچان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو. هن لغت نويسيءَ جهڙو نهايت ئي ڏکيو ڪم اڪيلي سر ڪري ڏيکاريو. ان ڪم ۾ ڏينهن – رات نور نچوئيندي، اسٽئڪ پنهنجيءَ صحت کي ئي جهوري ڇڏيو ۽ نيٺ ساسين سکالو ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اهڙي شيدائيءَ جي هتي ٿوري ۾ واقفيت ڏيڻ ئي منهنجو مقصد آهي.

## اسٽئڪ جي زندگيءَ جو احوال

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي جنم جي تاريخ، سندس فوٽو ۽ هن جي زندگيءَ جو سربستو احوال گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي بہ اڃان تائين ملي نہ سگهيو آهي. ممڪن آهي تہ اهو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جهونن رڪارڊن ۾ سنڌ آرڪائيز ۾ محفوظ هجي. حاصل ٿيل معلومات موجب، هو انگريزن جي اُن فوج ۾ ڪئپٽن هئو. جنهن چارلس نيپئر جي اڳواٽيءَ هيٺ، حيدرآباد ويجهو مياڻيءَ ۽ دبي جي لڙائين ۾ ميرن يا ٽالپرن کي شڪست ڏيئي، سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت جو پايو وڌو هئو. ان بعد چارلس نيپيئر جي ايامڪاريءَ دؤران (1843 – 1847ع)، جارج اسٽئڪ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. ان عهدي تي رهي، سرڪاري فرض پورا ڪندي، هن پنهنجي شوق وچان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. کيس سنسڪرت، هندي، اردو ۽ ٻين ڪن هاڻوڪين هندستاني ٻولين جو علم اڳي ئي هئو. سنڌي سکڻ لاءِ هن کي ڪو بہ لائق استاد ملي نہ سگهيو. نڪو ان وقت ڪنهن ڏيهي عالم جو لکيل ڪو بہ سنڌي ويا ڪرڻ وغيرهہ موجود هئو. جنهن جي مدد سان هو سولائيءَ سان انهيءَ ٻوليءَ جو اڀياس ڪري سگهي. ان زماني ۾ جارج اسٽئڪ اڳيان، سنڌي ٻوليءَ جا انگريزيءَ ۾ لکيل فقط ڪجهہ مختصر خاڪا موجود هئا، جيڪي پرنسيپ، واٿين، رئموس، ست – اَٺ سال اڳ ۾ لکي شايع ڪرايا هئا. انهن کان سواءِ وٿس ايسٽ وڪ، ليچ ۽ ٻين ڪن انگريز عملدارن جون شايع ڪيل چوند سنڌي لفظن جو فهرستون هيون، جيڪي رومن لکاوٽ ۾ انگريزي معنيٰ سان تيار ڪيل هيون. انهن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪرڻ ممڪن نہ هئو. اهڙين حالتن ۾ اسٽئڪ سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ نرالي واٽ اختيار ڪئي. هو روزاني زندگيءَ ۾ پنهنجي آس پاس جن سنڌين کي ڳالهائيندو ٻڌندو هئو، تن جا لفظ ۽ اُچار جاچي پيو پاڻ وٽ قلمبند ڪندو هئو. ڪانئن لفظن جون معنائون پڇي پيو پنهنجيءَ

ڊائريءَ ۾ درج ڪندو هئو. اوهين خود اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ ٻوليءَ سکڻ جو اهو طريقو ڪيترو نہ اؤکو ۽ وقت وٺندڙ آهي پر اسٽئڪ اورچائيءَ ۽ لگن سان ان ڪم ۾ لڳو رهيو ۽ نيٺ ايتري قدر سنڌي ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪيائين، جو انهيءَ جو ويا ڪرڻ ۽ لغتون بہ تيار ڪري سگهيو. ان زماني ۾ ڪنهن بہ سنڌي عالم اهڙا ڪتاب تيار نہ ڪيا هئا.

انگريزيءَ ۾ لکيل سنڌي گرامر جي مهاڳ ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ لکيو آهي تہ:—

"I believe that the forms and rules I have given, will be found the most correct, and to apply generally throughout the country. Should an occasional inaccuracy or omission be discovered, I trust it will be excused on the consideration that I have had little aid of any kind from native works, and that the rules I have given, have been fixed solely from watching the conversation of those around me, and noting and comparing all striking points. I have not met a single native of Sindh, who until taught by myself, had any, even the most remote knowledge of the Grammar of the Language he was talking. The study of it has been always despised the most by those who had pretensions to education. Learned Muslimans read Arabic and Persian, Hindus the latter, or Punjabi and Hindi. The Speech they learned at their mothers' breasts, was thought only fit for clowns. Yet I am confident the Sindhi will, to the philologist, prove a more interesting study than that of many of the other Indian dialects. The habit of affixing signs to words in lieu of the Pronouns and the Prepositions governing them – the regular forms of the Passive voice – the use of Impersonals – the reduplicated Causal verbs – and other points which the learner will marks as he proceeds, give to it beauties distinct from most Indian tongues."

**(A Grammar of Sindhi, 1849)**

سنڌي ٻوليءَ جو ويا ڪرڻ، جارج اسٽئڪ مارچ 1847 ڌاري لکي تيار ڪيو هئو. پر اهو ٻن ڪن سالن بعد 1849 ۾ ممبئيءَ مان شايع ٿيو. ان گرامر سان گڏوگڏ، جارج اسٽئڪ انگريزي – سنڌي لغت بہ تيار ڪندو رهيو، جيڪا پڻ سال 1849 ۾ ممبئي مان ڇپجي ظاهر ٿي. انهن ٻن ڪتابن سان گڏ هن سنڌي – انگريزي ڏڪشنري تيار ڪرڻ جي بہ رٿا هٿ ۾ ڪنئي. هڪ طرف سرڪاري دفتر جا ڪم، ٻئي طرف انهن ڪتابن تيار ڪرڻ جو جنون تنهن اسٽئڪ جي صحت کي هٽي ڏاهي ڇڏيو. ان ڪري مجبوراً کيس موڪل وٺي، علاج لاءِ انگلينڊ روانو ٿيڻو پيو. هو سال 1849 جي آخر ڌاري سنڌ مان روانو ٿيو ۽ ٽي سالن ڪن پنهنجي وطن ۾ زير علاج رهيو. جڏهن تندرست ٿيو تہ هن ٻيهر هندستان ۾ اچي، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ ڪم ڪرڻ چاهيو. سرڪار کيس آچ ڪئي تہ سنڌ جي بدران ڪنهن سُٺي آبهوا واري علائقي ۾، ڪنهن وڏي عهدي تي ڪم ڪر. ان ۾ تنخواهہ بہ وڌيڪ ملندءِ. پر جارج اسٽئڪ سنڌيءَ سان گهڻي سڪ هئڻ ڪري، ان آچ کي ٺُو ڪتا ڪري ڇڏيو. ان جو هڪ سبب اهو بہ هئو تہ اسٽئڪ جي سنڌي – انگريزي ڏڪشنري تيار ڪري ڇپائڻ جي يوجنا اڌ ۾ ٺي پيئي هئي. ان جو دستخط هو تيار ڪري رهيو هئو تہ بيماريءَ سببان کيس انگلينڊ وڃڻو پيو. ان طرح جارج اسٽئڪ سال 1853ع جي شروعات ڌاري وري سنڌ ۾ موٽيو. هن دفعي سرڪار کيس جاگيرن واري ڪاتي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي مقرر ڪيو. آفيس جي ڪمن مان وقت ڪڍي، هو سنڌي – انگريزي ڏڪشنريءَ جي دستخط کي مڪمل ڪرڻ ۾ جنبي ويو. ان يوجنا ۾ کيس حيدرآباد سنڌ جا بہ سنڌي براهمڻ بہ گهڻي مدد ڪرڻ لڳا، جن جا نالا ڏڪشنريءَ جي مهاڳ ۾ جاٽايل آهن. اهي هئا – پنڊت برهم سچدانند ۽ پنڊت جيشٺ برهم يا جيتارام. جارج اسٽئڪ، ان ڏڪشنريءَ جي پريس

ڪاپي تيار ڪري قسطن ۾ ممبئيءَ ۾ ڇپڻ لاءِ موڪليندو ويو. ڊڪشنريءَ جا شروعات 160 ڪن صفحا ڇپجي چڪا هئا، تہ نائين ڊسمبر 1853ع تي، سنڌيءَ جي هن شيدائيءَ جو پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو نالو سندس رچنائن ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي اتهاس ۾ امر آهي. سنڌي – انگريزي ڊڪشنريءَ جو باقي حصو پوءِ بي – ايچ – ايلس، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ، ڇپائي پڌرو ڪيو.

## جارج اسٽئڪ جون رچنائون

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي رچنائن جا تفصيل هن ريت آهن :–

1. A Grammar of the Sindhi Language, printed by American Mission Press, Bombay. 1849. pp. VII +134 + 37
2. English & Sindhi Dictionary, printed by American Mission Press, Bombay. 1849. pp. VI + 230.
3. Sindhi & English Dictionary, printed by American Mission Press, Bombay. 1855, pp. VI + 437.

اهي ٽيئي ڪتاب بمبئي سرڪار ڇپائي پڌرا ڪيا. انهن ۾ پهريان ٻہ ڪتاب ڊيمي سائيز ۾ آهن ۽ ٽيون ڪتاب رايل سائيز 21x 16 cm آهي. انگريزي – سنڌي ڊڪشنري، نئي دهليءَ مان ايشين ايڊيوڪيشنل سروسز طرفان ٻيهر شايع ٿي چڪي آهي. سنڌي – انگريزي ڊڪشنري تازو هن سال ڊسمبر مهيني ۾، هريش ڏوڙيجا، نوبل پرنٽرس، پوٽي ٻيهر شايع ڪئي آهي. ان لاءِ هن کي ڪجهہ مالي مدد راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، وڊودڙا وٽان ملي آهي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي انهن رچنائن جي سڀ کان گهڻي اهميت ان ڪري آهي، جو انهن ۾ اسان کي ڏيڍ سؤ سال اڳ واري دؤر جي سنڌي ٻوليءَ جو روپ ملي ٿو. سندس تيار ڪيل ڊڪشنرين ۾ اسان کي گهڻيئي جهونا سنڌي لفظ ملن ٿا، جيڪي اڄ ڪالهه جي ٻوليءَ ۾ واهپي ۾ نہ ٿا اچن. جارج اسٽئڪ، سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش مان سنڌيءَ ۾ وراثت ۾ مليل گهڻي ئي لفظ ڏنا آهن. ان سان گڏ هن سنڌ ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن جي ديشي لفظن جو بہ چڱو ذخيرو ڊڪشنرين ۾ ڏنو آهي. هن جي انهن رچنائن جي وڏي اهميت اها بہ آهي تہ جارج اسٽئڪ سنڌي لفظن جي اُچارن کي جيئن ٻڌو آهي، تيئن ايمانداريءَ سان انهن کي لکيت ۾ درج ڪيو آهي. ان خيال کان اسين انهن رچنائن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي ۽ ٻين ٻولين سان مشابهتي اڀياس بہ ڪري سگهون ٿا. عربي – فارسيءَ ۽ ٻين وديشي ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آيل لفظن جي اُچارن ۾ جيڪا تبديلي آئي آهي، انهن جا بہ تز مثال اسان کي جارج اسٽئڪ جي ڊڪشنرين ۾ ملن ٿا.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ڀرپور عالم آهي، جنهن پنهنجي لکيل سنڌي گرامر ۾ سنڌ جي نرالي ۽ نج لکاوٽ جا چارٽ بہ ڏنا آهن. انهن اکرن کي هن ”سنڌي لپي“ ڪري سڏيو آهي. عام طور سنڌي، انهيءَ لپيءَ کي ”هٽ – واڻڪي“ لپي ڪري سڏيندا آهن. سنڌ جي جدا جدا ايراضين ۾ انهيءَ لپيءَ جا تيرهن – چوڏهن نمونا ملن ٿا. انهن مان مکيہ لکاوٽ جا طريقا جارج اسٽئڪ پنهنجي ويا ڪرڻ ۾ ڄاڻايا آهن. جيئن تہ – خداوادي، شڪارپوري، ساکرو، ٿٽئي (ڀاٽين ۽ لوهاڻن جي لپي)، لاڙائي، ونگائي، راجائي، خواجڪي، ميمڻڪي، سيوهاڻي ڀاٻڙا، اوچڪي پنجابي. عام طور سنڌ جا واپاري اهي اکر پنهنجين واپاري وهين ۽ لکپڙهہ ۾ استعمال ڪندا آهن. اسماعيلي خواجن جا گنان ۽ ٻيو ڌرمي ساهت پڻ انهن اکرن ۾ لکيل

آهي. هيءَ لپي سنڌ علائقي جي نج پنهنجي نرالي لپي آهي، جنهن جو وڪاس براهمي لپيءَ ۽ موهن جي دڙي جي لکاوٽ مان مجيبو وجي ٿو. سنڌي لپيءَ جي جهوني ۾ جهوني لکاوٽ اسان کي ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل ٺڪرين تي ملي آهي، جيڪي سنڌ ۾ عربن جي آمد کا اڳ، ڇهين – ستين عيسوي صديءَ جون آهن. اها لپي ڪاهي ڪان ساڃي پاسي لکي ويندي آهي.

## جارج اسٽئڪ جو سنڌي ساهت ۾ حصو

جارج اسٽئڪ پهريون عالم آهي، جنهن پنهنجي سنڌي گرامر ۾ ضميمي طور، نثر ۾ چيل پنج سنڌي لوڪ ڪٿائون زباني روايتن مان قلمبند ڪري ڏنيون آهن. اهي هن ريت آهي :–

- ٻن عورتن جو ٻار تان جهڳڙو ڪرڻ ۽ قاضيءَ جو فيصلو ڪري اُهو ٻار حقيقي ماءُ کي ڏيارڻ.
- ٻن ڄٽن جو پنهنجو ناڻو هڪ مائيءَ وٽ ڌراوت طور رکڻ، پوءِ انهن جي جهڳڙڻ تي قاضيءَ جو فيصلو ڪرڻ.
- واڻهين جي دوڪان تي چوڪري طرفان پڳڙا خريد ڪرڻ ۽ ڏاهرين جو فيصلو ڪرڻ.
- شهزادي امل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي آکاڻي.
- راءِ ڏياچ جي آکاڻي.

سنڌي گرامر جو هيءُ ڪتاب ناياب آهي. ان ڪري ڪن عالمن ان ۾ ڏنل لوڪ ڪٿائن جي باري ۾ غلط بيان پئي ڏنا آهن. محمد صديق ميمڻ، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي ته راءِ ڏياچ جو قصو، اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ زباني روايتن مان هٿ ڪري پهريون دفعو ڇپايو هئو. پر حقيقت اها آهي ته هن

جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ ديوناگري اکرن ۾ ڏنل قصي کي فقط عربي – سنڌي لکاوٽ ۾ آڻي ڇپايو هئو. منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ اسٽئڪ جي گرامر ۾ دودي چنيسر جو قصو بہ ڏنل آهي (ڏسو صفحو 16) جيڪا بلڪل غلط ڳالهہ آهي. انهن غلط فهمين کي دور ڪرڻ لاءِ مون اهي سڀ لوڪ ڪٿائون، عربي سنڌي لکاوٽ ۾ آڻي، تنقيدي اڀياس سان گڏ، "اَوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" نالي ڪتاب ۾ ڏنيون آهن. اهو ڪتاب پوٽي مان 1986 ۾ شايع ٿيل آهي.

شهزادي امل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي آکاڻي ۽ راءِ ڏياچ جي آکاڻي سنڌي لوڪ ڪٿائن جا نهايت ئي عمدا مثال آهن. جارج اسٽئڪ کي جس آهي، جنهن انهن آکاڻين کي چارڻن ۽ ڳالهيڙن جي ان عبارت ۽ بوليءَ ۾ قلمبند ڪيو آهي، جنهن نموني اهي ڳوٺاڻين ڪچهرين ۾ نثري ڳالهيون ۽ نظمي قصا ٻڌائيندا آهن. پهريون چار آکاڻيون نثر ۾ ڇپيل آهن، پر راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ ۾ نثر ۽ نظم جو ميل آهي. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ طرفان سنڌي لوڪ ادب کي چاليهن جلدن ۾ شايع ڪيو ويو آهي. عجب جي ڳالهہ آهي تہ انهن ڪتابن جي ايڊيٽر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي شهزادي امل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ واري آکاڻي هٿ نہ آئي آهي. ممڪن آهي تہ کيس جارج اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ڏسڻ جو ڪڏهن موقعو نہ مليو آهي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، هتي ڄاڻايل سنڌي لوڪ ڪٿائن کان سواءِ، "گاسپل آف سينٽ مئٿيو" جو ترجمو بہ سليس ۽ سهڻي سنڌيءَ ۾ ڪيو هئو، جيڪو ممبئيءَ جي آگزيلئري بائيبل سوسائٽيءَ ديوناگري – سنڌي اکرن ۾ سن 1850ع ۾ شايع ڪيو.

## جارج اسٽئڪ جا سنڌي لکاوٽ بابت ويچار

جارج اسٽئڪ، هتي ڄاڻايل پنهنجن سيني ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري – سنڌي لپي ڪتب آندي آهي. سندس ويچار موجب سنڌي ٻولي هڪ

اندو – آريائي زبان آهي، جنهن جو مول سنسڪرت ۾ آهي. انهيءَ ڪري ان کي ديوناگري اکرن ۾ گهربل سڌارا ڪري، ان لپيءَ ۾ لکڻ ئي بهتر آهي. هن پنهنجي وياڪرڻ ۽ شبد ڪوشن ۾ ديوناگري لپي استعمال ڪرڻ جو هيو سبب اهو ڄاڻايو آهي ته اهي ڪتاب هن مکيہ طور انهن يورپي عملدارن لاءِ تيار ڪيا آهن، جيڪي هندستان جي جدا جدا پرانتن مان سنڌ ۾ سرڪاري عهدن تي مقرر ٿين ٿا. اهي ديوناگري لپيءَ کان اڳ ۾ ئي واقف آهن، ان ڪري ڪين جلد ئي سنڌي ٻولي سکڻ ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

هتي انهيءَ ڳالهہ جو ڌيان رکڻ گهرجي تہ 1843ع ۾ انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ ڪا بہ هڪ لپي ڪتب نہ ايندي هئي. سنڌي مسلمان عربي ۽ فارسي اکرن ۾ ضروري سُڌارا ڪري، انهنَ ۾ سنڌي ٻولي لکندا هئا. لکاوٽ جو ڪو بہ هڪ مقرر سرشتونہ هئو. هر ڪو ڪاتب پنهنجيءَ سمجهہ موجب پيو انهن اکرن جو استعمال ڪندو هئو. ٻئي طرف سنڌي هندو گهڻو ڪري پنهنجي مادري زبان لکڻ لاءِ ديوناگري ۽ گرمکي اکرن جو استعمال ڪندا هئا. سنڌي هندو واپاري توڙي خواجا ۽ ميمڻ مسلمان، وهين – کاتن لکڻ ۽ ٻيءَ واپاري لکپڙهہ ۾ "سنڌي لپي" (هٽ واڻڪا اکر، کوجڪي، ميمڻڪي) ڪتب آڻيندا هئا.

انهن حالتن ۾ سن 1847ع ڌاري، جڏهن انگريز سرڪار اهو فيصلو ڪيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري ڪاروبار ۽ لکپڙهہ ۾ فارسيءَ بدران مڪاني سنڌي ٻولي استعمال ڪئي وڃي، تڏهن سرڪار اڳيان اهو مسئلو پيدا ٿي پيو تہ سنڌي ٻولي ڪهڙي لکاوٽ ۾ لکجي؟ اهو سوال وڌيڪ پيچيدو ان ڪري بہ بڻجي پيو جو سرڪار پنهنجن يورپي عملدارن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ کي لازمي بڻايو. ان مسئلي تي ڇهہ کن سال لکپڙهہ هلندي رهي، ۽ سرڪاري عملدارن ۾ بحث ٿيندو رهيو. انگريز سرڪار جا ہہ عملدار، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا بہ ماهر هئا، تن ۾ سخت اختلاف پيدا ٿي پيا. رچرڊ برٽن جو رايو هئو تہ سنڌ ۾ پنجهتر سيڪڙو آدمشماري مسلمانن جي آهي، جيڪي سنڌي ٻولي عربي – فارسي

اکرن ۾ لکن تا ان ڪري انهن اکرن کي معياري روپ ڏيئي، سنڌيءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ٻئي طرف ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو اهو ويچار هئو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ انهيءَ جي نج "سنڌي" لپي اپنائڻ بهتر ٿيندو. هن انهيءَ لکاوٽ ۾ ضروري سڌارا ڪري، ان جي هڪ معياري ورڻمالا بہ تيار ڪري پيش ڪئي. اسٽئڪ جو اهو بہ دليل هئو تہ انهيءَ لپيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي نرالي سڃاڻپ قائم رکي سگهبي.

1851ع ۾ بارٽل فريئر سنڌ ۾ ڪمشنر مقرر ٿيو. ان وقت تعليم کاتي جون واڳون اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس جي هٿن ۾ هيون. هن سنڌ جي سياسي حالتن کي ڌيان ۾ رکندي، گهڻائيءَ کي راضي رکڻ جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي – فارسي اکرن جو استعمال ڪرڻ بهتر سمجهيو. سال 1853ع جي شروعاتي دؤر ۾ ايلس پنهنجيءَ صدارت هيٺ سنڌي عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي. انهن جي صلاح سان هن عربي ۽ فارسي اکرن ۾ ضروري سڌارا ۽ واڌارا ڪري، انهيءَ رسم الخط ۾ سنڌي الف – بي جو هڪ چارٽ تيار ڪرايو. جيڪو جولاءِ 1853ع ۾ سيني اسڪولن ۽ سرڪاري کاتن ڏي موڪليو ويو. انهن کي هدايت ڏني ويئي تہ سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاروبار ۽ تعليم جي کيتر ۾ انهيءَ رسم الخط ۾ لکي وڃي. سنڌيءَ لاءِ اها معياري تيار ڪيل الف – بي اڄ تائين هلندي پيئي اچي، جيتوڻيڪ جدا جدا لفظن جي هجيئن ۽ زبرن – زيرن جو مسئلو اڃان تائين حل نہ ٿي سگهيو آهي.

ايلس، انهيءَ دؤر ۾ سياڻپ ڪري انهن سنڌي هندن کي بہ راضي رکيو، جن گهر ڪئي تہ سندن ٻارن کي ديوناگري، گرمکي يا هندو – سنڌي اکرن ۾ سنڌي ٻولي سيکاري وڃي. انهيءَ طبقي لاءِ سرڪار طرفان پرائمري سطح جا درسي ڪتاب انهن لپين ۾ بہ ڇپايا ويا. پر جيئن تہ سرڪار سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي – سنڌي رسم الخط اپنائڻ جي فائدي ۾ هئي، انهيءَ ڪري ٻين لکاوٽن جو دائرو ۽ پاڻمرادو ڏينهون ڏينهن محدود ٿيندو ويو.

❊ ❊ ❊ ❊ ❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

# شاهہ لطيف سائين سراپا سنڌيت

اسان جي هند – پاڪ اپکنڊ جو اتهاس ڏاڍو پراڻو آهي. اِها ڳالهہ اسان جي فخر لائق آهي تہ دنيا جو پهرين ڪتاب رگويد وسيع تر سنڌ (Greater Sindh) ۾ سنڌو نديءَ جي ڪناري رچيو ويو. اهو سنڌو درياهہ تبت مان نڪري، هند/ ڀارت ۾ ليهہ (لداخ) وٽان لهي، پاڪستان ۾ گهڙڻ کان پوءِ سنڌ ۾ وهي ٿو. اَڳي تہ اسين ان کي سنڌ جي شهہ رڳ (jugular vein) چوندا هئاسين. اميد تہ ان جو جلوو ۽ جمال سدائين قائم رهندو.

وسيع تر سنڌ (Greater Sindh) ۾ سنڌو نديءَ جي ڪناري چار ويد رچيا ويا هئا. انهن ويدن منجهان پهرئين رگ ويد ۾ سنڌو نديءَ بابت شلوڪ ڏنا ويا آهن. انهن شلوڪن جو سنڌي بيت فارم ۾ (هن بندي جو ڪيل) ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

هي ورڻ ! نديون سڀ، خوش ٿي وَهَن ست ئي ٿي
وڏيڪ وَهين، اي سنڌوُ! منجهان لوڪن ٽنهي!

سنڌوُ، تو هلڻ لاءِ، وَرُڻ راهہ وڏي جوڙي
اُپائين جهجهو ان، ندين ۾ تون مٿيري!

جيئن رنيي ڍڳو، سنڌو! تون ديولوڪ مان،
گرجي ميگهہ ملهار، تون پاڻي پالوٿ سان!

وَچڙن ساڻُ گانءِ، ندين ساڻ سنڌُو وَڏي،
ميدانِ جنگ ۾ ڪو راجا وَڏي اَڳتي!

ترشتاما سان ٿي نہ، پر اي سنڌُوا! وَهين تون،
سُسَرت، رَسا، شويتيا، گومتي، ڪرمُو هين!

گوري گوري سنڌُوا! تيز ڌارا! چمڪ واري،
گهوڙيءَ جيان چُست، ڦرت، وڏي پاٽ واري!

سُندر گهوڙن، رتن، ڳهڻن ڪپڙن واري،
اَناج، ماڪي، پشم، زرخيز زمين ساري!

اَنُ ڏَنُ ڏي، سنڌُوا! گهوڙن رتن سان هرُ ڪاهي،
يگيہ ۾ سنڌو رت سندو ڳڻگان ڳائي!

(رگ ويد، منڊل 10، سُوڪت 75)

انهن شلوڪن ۾ سنڌو نديءَ کان سواءِ ٻين ڇهن ندين جهڙوڪ ترشتاما، سُسَرت، رسا، شويتيا، گومَتي ۽ ڪرمو جو پڻ ذڪر ڪيل آهي. ساڳئي رگ ويد ۾ ڏيکاريل آهي تہ اسان گڏجي هلون ۽ پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ نيڪ نيت سان گڏجي ڪريون:

Move together in unison. سَنگڇڇَ ڌوَم

(And) Conduct dialogues among yourselves with goodwill سَنوَدَ ڌوَم

دنيا ۾ اجوڪي هن گڏجاڻيءَ جيان، ڪيترائي سيمينار، ڪيترين ئي ڪانفرنسون ٿين ٿيون، جن جي شروعات "اسان گڏجي هلون ۽ پنهنجي ڳالهه – ٻولهه نيڪ نيت سان گڏجي ڪريون" مُراد سان ٿيندي آهي. اَج به اسين سڀ هتي ان مراد سان پنهنجي ڳالهه – ٻولهه ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون.

سنسار ۾ جيڪي ڪجهه سار تَتُ آهي، سو ورهاڱي (1947) کان اڳ اڻ – وراهيل هندستان (Undivided India) ۾ هو ۽ ان کان پوءِ هندستان – پاڪستان اُپَکنڊَ ۾ آهي. جيڪي ڪجهه هند – پاڪ اُپکنڊ ۾ سار تَتُ آهي، سو ان هنڌِ (سنڌو ماتريءَ ۾) جتي انسان پهريون دفعو اک کولي، يا چئجي ڪٿي تہ ان سنڌ جي سنڌيت (Primordial Sindhism) ۾ موجود آهي.

اسين سنڌي اَد جڳاد کان سناتن (قديم ترين) سنڌي آهيون، ۽ ان کان سواءِ (سنڌ – سنڌي سنڌيت/ هند – هندي – هنديت جي جدول موجب) آڳاٽي زماني کان هندو ۽ پوءِ مسلمان آهيون. ليڪن آهيون آد جڳاد کان سنڌي ئي.

اَوهان ڏٺو، تہ اسان پهريائين سنسار جي، پوءِ ورهاڱي کان اڳ اَڻ – ورهايل هندستان جي، ۽ وري پوءِ هند – پاڪ اُپکند جي ڳالهه ڪئي. ان کان پوءِ بہ وري اسان هندستان ۽ پاڪستان جي سنڌين جي، جنهن اُپکند ۾ اسان سنڌي آهيون. يا ٻين لفظن ۾ چئجي تہ اسان سنڌي جنهن سنڌو – ماتري سيپتا جا وارث آهيون، ان جي ڳالهه ڪئي. اَهي ڪو اهڙو بني بشر، جو ان ڳالهه کي جهٹلائي سگهي، تہ اسان کي ئي سڀ کان آڳاٽي سنڌو – ماتري سيپتا جي وراثت ملي آهي؟

اهڙيءَ ريت، سنڌو ماتريءَ واري علائقي سنڌ کان پوءِ شهر، قصبي، ڳوٺ ۽ پاڻ/ خود (Self) جي ڳالهه ڪري سگهجي ٿي. ايتروئي نہ، اسين اها ڳالهه ٻئي

نموني پاڻ/ خود کان شروع ڪري جڳت تائين ڪٽي وڃي سگهون ٿا. در اصل، اها هڪ ئي ڳالهہ آهي، جدا جدا ڳالهيون ڪين آهن. جيئن هڪ گول چڪر ۾ هڪ مرڪز ۽ ان جو گهيرو ٿيندو آحي ۽ اسين ڪڏهن مرڪز کان گهيري ڏانهن (centrifugal) ويندا آهيون، تہ ڪڏهن گهيري کان مرڪز ڏانهن (centripetal) وڌندا آهيو، تيئن اسين پاڻ/ خود کان جڳت تائين (يا ٻين لفظن ۾ چئجي تہ جيوَ کان برهمانڊ تائين) ۽ جڳت کان پاڻ/ خود تائين (برهمانڊ کان جيو تائين) ڳالهہ ڪري سگهون ٿا.

اهو ائين آهي، جيئن ڌرتي پنهنجي محور تي گهمندي گهمندي سورج جي چؤڌاري پڻ گهمي ٿي. اسان جو شاهہ لطيف سائين پڻ پنهنجي 'سُر سارنگ' جي هيٺئين بيت ۾ سنڌ ۾ چؤڌس ۽ چوڌار وڄن جي وسڻ جي ڳالهہ ڪري پورب کان پڇم تائين پهچي ٿو، ۽ سنڌ ۾ واپس اچي ان ۾ سُڪار هئڻ جي دعا پني ٿو، وري عالم جي آباد هئڻ لاءِ دعاگو ٿئي ٿو:

موٽي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وِڄون وَسڻ آئيون، چوڌس ۽ چوڌار،
ڪي اُتي ويئيون استنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پار،
ڪي رمي ويئيون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قنڌار،
سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوس! منا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين!

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌو ماتريءَ جي ڪوزي ۾ انسان ذات جو سارتت لبالب ڀريل آهي. ان لبالب ڀريل ڪوزي مان انسانيت وهي نڪتي ۽ دنيا ۾ دور دور تائين ڦهلجي ويئي. اڄ گيان وگيان جي کيتر ۾ جو ڪجهہ

اهميت پريو ڪم ٿيو آهي، تنهن جي شروعات سنڌو نديءَ دٿاران پوتر ڪيل ڪيتر ۾ ٿي هئي. اسان جي اڳوڻن دارشنڪن ۽ فيلسوفن، اچارين ۽ اُستادن پنهنجين تخليقن ۾ هن ڪائنات جي گيان – وگيان، سج – چنڊ، گرمي – سردي، رات – ڏينهن، جنم – مرڻ، ڌرتي – آڪاس، وحدت – ڪثرت، شفي – نفي، روايت – جدت، روحانيت – ماديت، پرورتي – نورتي، سينٽر يفيوُگل – سينٽرپيٽل هلچل وغيره ڏسڻ ۾ ايندڙ تضادن يا ورودن (آپوزٽس) کي ڄاتو – سڃاتو، ۽ ٻڌايو تہ ڏسڻ ۾ ايندڙ تضادن جي بنياد ۾ ميل – ميلاپ (Harmony) آهي ۽ انسان پنهنجي تصور جي قوت (ڪلپنا – شڪتيءَ) ذريعي تضادن ۾ هم – آهنگي پيدا ڪري سگهي ٿو. هنن وحدت الوجود (Unity of Existence) جو سبق سيکاري هاڻوڪن دانشورن جهڙوڪ سر جگديش چندر بوس، آئنسٽين وغيره لاءِ رستو صاف ڪيو ۽ گذريل زماني جي جدت ۾ بدلايو.

سنڌيت ڇا آهي؟ هند – پاڪ اُپکنڊ جي سار تت جو ہيو نالو اد جڳاد ڪان مليل سنڌيت (Primordial Sindhism) آهي. ان سار تت ۾ هن اُپکنڊ جا قدر (values) اچي وڃن ٿا. جڏهن اسين چئون ٿا تہ شاهہ لطيف سائين "سراپا سنڌيت" هو، تڏهن اسان جو ڇا مطلب آهي؟ هتي مون کي ڪجھہ ڏينهن اڳ ۾ پڙهيل پنهنجي ئي هڪ پرچي مان ڪجھہ حصو پڙهڻ جي اجازت ڏيو. ان حصي ۾ بہ مون چيو هو، تہ شاهہ لطيف سائين "سراپا سنڌيت" هو. ان وقت جي سرڪاري ٻولي فارسيءَ کي ڇڏي، سنڌ ڀونءَ جي سنڌي ٻولي اپنايائين. فارسي لوڪ ڪٿائن کي تلا نجلي ڏيئي، ('تلا نجلي ڏيڻ' – اهي سخت لفظ آهن، انهن جي بجاءِ مون کي تڏهن بہ 'ڇڏي' لفظ لکڻ کپندو هو) پنهنجين ڄاتل سڃاتل سنڌي لوڪ ڪٿائن جون تمثيلون جوڙيائين، ۽ سرحد پار جي هڪ ڌارئي علم عروض جي بجاءِ پنهنجن ئي

هندي چندن تي آذاريل سنڌي بيتن ۽ واين ۾ تخليق ڪيائين. مون اُن حصي ۾ اهو ٻڌائڻ چاهيو هو تہ شاهہ لطيف سائين سنڌ پونءَ ۾ جيڪي ڪجهہ (اُهو جيڪي ڪجهہ، گهڻو ڪجهہ آهي) سُپاويڪ هو، اُهو ڪجهہ ڪارگر ڪارآند ڇاتو.

سندس اها 'سنڌيت' وسيع شيءِ آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي سپيتائن (هندو، ٻُڌ، عيسائي، اسلام، سک) جا، انهن سپيتائن سان وابستہ ٻولين (سنسڪرت ۽ سنسڪرت مان نڪتل ٻولين: پالي؛ فرنگي ٻولي انگريزي، عربي – فارسي ٻولين: پنجابي) جا جذبا ۽ خيال نمائندگي پائين ٿا. اڄو تہ هن صاحب جو گهڻ – سپيتائي نظريو (multi – culturalism) ڏسون. سندس شاهہ جي رسالي ۾ هندو ٻانيڻ سسئي ۽ مسلمان ٻروچ پنهونءَ ۾ پريت جو پيچ اَڙيل ڏيکاريل آهي. هو صاحب چوي ٿو:

ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻانهي، ٻانهوتي،
ٻئي ٻاروچي هٿ ۾، چڳن سر چوٽي،
ٻانيڻ ڪي موٽي، پاٺهي پڄندو پَب ڏٿي.

(سُر ڪوهياري)

اهو بيت تہ ٺهيو، اسين سندس هيٺئين بيت ۾ ڏسنداسين تہ ٻڌ ڌرم جي اثر هيٺ برپا ڪيل گور ڪنات جي پنت جو ذڪر پڻ ڪيل آهي:

جتي عرش نہ اُپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نڪو چاڙهائو چنڊ جو، نڪو سج سَرو،
اُتي آديسيُن جو، لڳو دنگ دَرو،
پري پيِن پَرو، نات ڏنائون ناهہ ۾.

(سُر رامڪلي)

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف سائينءَ کي سنڌيت جو ورثو مليو. ۽ هن صاحب ان وراثت کي پنهنجي جاچنا شڪتيءَ ذريعي، ايندڙ نسلن جي ضرورت کي ڌيان ۾ رکي، پنهنجي وقت ۾ اهڙيءَ طرح جدت ۾ بدلايو. جو اڄ بہ اُها وراثت اسان سنڌين جي زندگيءَ ۾ ڀرپور لياڪا پائي ٿي ۽ اسان سنڌين جي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور اشارا ڪري ٿي.

توهان پڇندا تہ ڇا اسين سنڌيت جو بيان اُپ – سڀيتا (Sub- culture) جي روپ ۾ نہ ڪريون؟ هائو، ڀيُن اُپ – سڀيتائن جيان، سنڌيت جو بيان بہ اُپ – سڀيتا جي روپ ۾ ڪري سگهجي ٿو. دراصل، جيئن مون اڳ ۾ ئي چيو آهي، تہ هند – پاڪ اُپکنڊ جي سارتت جو ٻيو نالو آدجڳاد کان سنڌيت آهي، اها سنڌيت اُپ – سڀيتا کان گهٽو گهٽو وڌيڪ بذات خود هڪ متان – ڪمان واري سڀيتا (over-arching culture) يا پورڻ – ريت سڀيتا (full-fledged culture) آهي. جهڙي نموني متان – ڪمان واري سڀيتا سان گهڻ – سڀيتائي نظريو (multi – culturalism) گڏجي هلڻ ڪپي، تهڙي نموني اسان جي سناتن (قديم ترين) سنڌيت سان پڻ آهي. ان ۾ اُپ – سڀيتائن (Sub-culture) کي پنهنجيون پنهنجيون خاصيتون برقرار رکڻ جا موقعا ملڻ ڪپن. شاهه لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ اهو ائين ٿيو آهي. پر ڇا سنڌي لوڪن ۾ پڻ اهو ائين ٿي سگهيو آهي؟ اسان ڏٺو آهي تہ ڪڏهن ڪنهن مذهب جي نالي ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي نالي ۾ اهو ائين ٿي نہ سگهيو آهي. پر ان لاءِ شاهه لطيف سائينءَ جي شاعري کان اتساهه پائي، اسان سيني کي اهو ائين ڪرڻ ڪپي. جيستائين سندس شاعريءَ جو اعليٰ ترين نمونو (آدرش) اسان جي سماجي ڍانچي ۾ ممڪن نہ ٿي سگهيو آهي، تيستائين اسان کي سک سان سمهڻ نہ ڪپي. اسان کي ڪپي تہ، اسان سڀيئي سندس شاعريءَ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اُتاريون.

جُڳن کان هند – پاڪ اُپ کنڊ جو اهو عقيدو پئي رهيو آهي تہ سموري ڌرتي هڪ ڪٽنب آهي – ”وسڌئيو ڪُٽمبڪم“. اسان سڀ هن ڌرتيءَ جا باشندا هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آهيون، پاڻ ۾ ڀائر ڀينر آهيون. شاهہ لطيف سائينءَ جي هيٺئين بيت مان اها ڳالهہ واضح آهي تہ نہ صرف هن ڌرتيءَ جا باشندا، بلڪ ڪائنات جا فرشتا وغيره رهاڪو پڻ هڪ ئي ڏور ۾ ٻڌل آهن. مسلمان ڀائرن جي عقيدي موجب، جڏهن مرده سسئي کي قبر ۾ داخل ڪرڻ کان اڳ ڪانئس منڪر ۽ نڪير نالي ٻن فرشتن اچي پڇيو تہ تنهنجو رب ڪير آهي ۽ تنهنجو دين ڪهڙو آهي، تہ هن کين ”ادا“ ڪوٺي (فرشتن سان پڻ ڀاءُ – ڀيڻ جو رشتو جوڙي) سندن سوال جو جواب، سوال ۾ ئي ڏنو، تہ ”ادا، اٿائين ڪو ويو ساٿ سجڻ جو؟“

منڪر ۽ نڪير کي جڏهن ڏٺائين،
اَڳيان اُٿي، ان کي پُنهون پُڇيائين،
ادا ! اِٿائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

(سر سسئي آبري)

سنڌيت سسئيءَ سان وابستہ ان سر ۾ اهو ڪٽنبي رشتو قائم ڪرڻ ۾ ئي نہ آهي، بلڪ اها شاهہ لطيف سائينءَ جي سٽن سورمين جي خصلتن ۾ پڻ عيان آهي. سنڌيت هن صاحب جي سٽن سورمين – سهڻي، سسئي، ليلا، مومل، مارئي، نوري ۽ سورٺ جي خاصيتن جو مرڪب آهي. اهو مرڪب اسان جي مايہ ناز شاعر ڏنڊي – ڪونڊي مان نڪرندڙ سنڌو نديءَ جي ڏنڊي سان، ۽ سنڌو ماترِيءَ جي ڪونڊي ۾ پيهي ٺاهيو آهي. ان مرڪب جو نالو آهي – ”پاڻ سڃاڻڻ“. جو شاهہ لطيف سائينءَ پنهنجين سورمين جي ذريعي اسان جي آڏو رکيو آهي.

هو صاحب اَڻ – ورهايل هندستان (Undivided India) جي آڳاٽي رهسيوادي (mystic) طريقي کان متاثر هو. جنهن طريقي موجب پاڻ اهي سورميون بڻيون. جيڪي مطلوب خدا جي نمائندگي ڪن ٿيون ۽ پنهنجن پنهنجن پريتمن کي پائڻ لاءِ ڪامياب (يا پنهنجي پنهنجي ڪنهن غلطيءَ وچان ناڪام) ڪوششون ڪن ٿيون . اهي سورميون هن صاحب لاءِ روح جي علامت آهن. جي خدا کي پائڻ چاهيون ٿيون. اهو هندستاني طريقو عربستان – ايران جي طريقي کان علحدو آهي. جنهن طريقي موجب اُتان شاعر، سورمين جي بجاءِ سُورما بڻجي، پنهنجين پنهنجين پريتمائن کي (جن ۾ ڪين خدا جو نور ڏسڻ ۾ اچي ٿو) پائڻ لاءِ سرگردان هوندا آهن.

شاهه لطيف سائين ست سورميون بڻيو آهي، سي سيئي اَزحد سهڻيون آهن ليڪن هو صاحب سندن سونهن جو ورنن نہ ٿو ڪري. هو ٻڌائي ٿو. تہ سندن پريتم (جي خدا جي علامت آهن) ازحد سهڻا آهن. سندس شاعريءَ ۾ ميهار، پنهون، چنيسر، راڻو مينڌرو، عمر، تماچي ۽ راءِ ڏياچ سونهن جا جيئرا جاڳندا مثال آهن. سرُ سهڻيءَ ۾ هن صاحب سهڻيءَ جي واتان ميهار جي سونهن جي واکاڻ ڪئي آهي:

ڏٺي جن هيڪار، صورت ساهڙ چام جي،
سُک ٿي ستيون ڪين ڪي پري ساڻ پتار،
گهڙيون گهڙنئان ڏار، ڪاهي پيئون ڪُن ۾.

جڏهن سهڻي وچ سير ۾ گهڙو ڪچي گهڙي ٿي، تہ هوءَ پاڻ سان پاڻ نہ ٿي ڪٽي. سنساري وسيلن تان ڀروسو هٽائي، سچا ڪم سبحان جي مرضيءَ حوالي ڪري ڇڏي ٿي. شاهه لطيف سائينءَ سندس ان توڪل جو ذڪر هيٺئين بيت ۾ ڪيو آهي:

پاڻُ مَرَ ڪٽُج پاڻَ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق سان اُناءِ، پيرِ پريان جي پارَ ڏي.

هن صاحب جي هڪ ٻي سورمي سسئي آهي، جنهن لاءِ 'شاهه جي رسالي' ۾ پنج سُر وقف ڪيل آهن. سر سسئي آبري، سر معذوري، سُر ديسي، سُر ڪوهياري ۽ سُر حسيني. اسان کي لڳي ٿو ته شاهه لطيف سائينءَ جي سڀ کان پياري سورمي سسئي آهي، جا پنهنجي پيتار پنهونءَ جي تلاش ۾ ڀَٽَ جبل جا ڏکا ڏچڪا ڪائي ٿي. هوءَ ان تلاش ۾ هڪ گهڙي به سک چئن سان نه ٿي وهي. شاهه لطيف سندس فطرت ڄاڻي چوي ٿو:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پيرُ نه لهين پرينءَ جو.

(سُر حسيني)

شاهه لطيف سائينءَ سسئي سان وابسته سُرن جي ذريعي سنڌيت جو پرورتي مارگ وارو هڪ اهم سنيهو ڏنو آهي. پرورتي مارگ (Path of life - affirmation) اسان کي پنهنجي ڪرم جي راهه تي اڳتي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ چوي ٿو.

هو صاحب 'سُر ليلا چنيسر' جي ذريعي، پنجن وڪارن مان هڪ اهم وڪار – لوڀ لالچ نه ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. ليلا هڪ راڻي هئي، جا پنهنجي پيتار راجا چنيسر سان، سکيا ڏينهن گذاريندي هئي. پر هن هڪ راجڪماريءَ جي ويس ۾ سندس محل ۾ آيل پنهنجي داسي ڪؤنروءَ کان مٽئي جو هار وٺي لوڀ لالچ ڪئي ۽ کيس پنهنجو پيتار چنيسر، هڪ رات لاءِ ئي سهين، وڪڻي ڇڏيو. پوءِ هوءَ پڇتائي رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي:

مٽئي متي جي هئا، تن چٽن قيريم چٽ،
هار ڪتيندس هوڏ ۾، نيبهه ٿيندم نت،
ڪؤنروءَ جو ڪرت، مونهان مَتاهون ٿيو.

جڏهن اسين ادوئت يا وحدت الوجود ڪي ڏيان ۾ رکنداسين، ته اسان کي لڳندو ته مومل جي ڪردار ۾ ڪا وڏي ڪمي رهجي ويئي هئي. هوءَ پنهنجي پيتار راڻي مينڌڙي جو اوسيڙو ڪندي، پنهنجي ڀيڻ سومل سان سمهي پيئي ۽ اهڙيءَ ريت راڻي مينڌڙي سان سندس يڪ وجودگيءَ ۾ خلل پيدا ٿيو. هن راڻي کي راند پانيو. جڙتو راڻي (سندس ڀيڻ سومل) کي ريجهايو. سندس پيتار هونئن ئي ڏکٽو، ويتر جڏهن ڏٺائين ته ڪيس ڏاريو شخص (سومل) پانڌ پيو آهي، ته ساڻس هيڪڙائي ٽوڙي ڇڏيائين. هاڻي ته هوءَ راڻي مينڌڙي کي گهٽو گهٽو ياد ڪندي رهندي:

راڻو پانيو راند، وجيو ڪٺن وڙ رائيين؟
وَر وڏوٽو ايهين، جئن پَر پڄتوءِ پاند،
هيءِ! يَڳيءَ هيڪاند، سوڍو سارينديِنءَ گهٽو.

هتي اسين ڏسنداسين ته ليلا پڻ لوڀ لالچ ۾ اچي ڪري پنهنجي پيتار چنيسر جو پيار ونديو هو. شايد ان ڪري اها ڳالهه شاهه لطيف سائينءَ جي تحت الشعور ۾ آئي هوندي، ۽ هن صاحب جتي ٻين سُرن جا سرا عدد واحد ۾ (جهڙوڪ سُر سهڻي، سُر مارئي) ڏنا آهن، اُتي ليلا ۽ مومل سان وابسته سُرن ۾ عدد جمع (سُر ليلا چنيسر ۽ سُر مومل راڻو) ڪم آندا اَٿس.

سُر مارئيءَ ۾ حب الوطنيءَ جي جذبي کي واڪاڻيو ويو آهي. عمر ڪوٽ جو حاڪم، عمر، مارئيءَ کي سندس ڳوٺ جي کوهه تان پڃائي وٺي ويو/

پچائي ڪٽي ويو. هتي مان 'پچائي وٺي ويو' جي بجاءِ 'پچائي ڪٽي ويو' جا لفظ ڪم آڻڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ تہ 'وٺي وڃڻ' ۾ مارئي هڪ شخص ۽ 'ڪٽي وڃڻ' ۾ هوءَ هڪ سامان (Cargo) جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. هوُ ڪيس 'پچائي' تہ ڪٽي ويو، پر هوءَ سندس محل ۾ پهچي وري هڪ شخص بڻجي پيئي. هن سندس اُچا ڪپڙا پائڻ ۽ لذيذ کاڌا کائڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هوءَ پنهنجي وطن ملير کي ساريندي رهي ۽ پنهنجي مڱيتر کيت سينَ کي ياد ڪندي رهي:

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهُ،
هيءُ سرُ ساڻيهہ سامهون، منهنجو نِج، ميان!

نوري مُهاڻي هئي. مهاڻي تہ هئي، نماڻي بہ هئي. ڄام تماچي نماڻي مُهاڻيءَ تي هرڪ هاري وينو ۽ کيس پَٽَ راڻي بڻايائين. هوءَ کيس وَرَ – وَرَ ڪري چوي ٿي:

تون سَمو، آءُ گندري، مون ۾ عيبن لکَ،
ڪارڻ رب الکَ، متان ماڳر متئين!

سندس اها نهٺائي ڏسي، ڄام تماچي ساڻس ايتري محبت ڪئي، جو هڪ دفعي هو ڄار ڪُلهي تي ڪري مُهاڻن جي وچ ۾ وينو. واقعي، عشق اونچ – نيچ سڀ ٻوڙي ڇڏي ٿو.

وري اوهين سورٺ جو ڪردار تہ ڏسو: دانوير (سخي) راءِ ڏياچ ٻيجل کي سرُ وڍي ڏئي ٿو، تہ سورٺ پنهنجي پتار راءِ ڏياچ جي محبت وچان پاڻ قربان ڪريَ ڇڏي ٿي. هونئن راءِ ڏياچ پنهنجي هوندي يا اڻ هوندي، سورٺ جي قرباني ڪين

چاهي هئي، پر هوءَ پاڻ متس، قربان ٿي هئي. شاهه لطيف سائين سُرسورٺ جي آخري وائيءَ ۾، سورٺ کان چوائي ٿو:

الوداع، ووا! اَلوداع، جاني ڪيوءِ جدا
هيءِ! هيءِ! سورٺ ٿي ساري،
سورٺ سِرَتين وچ ۾، ووا! اُپي اوساري،
ڪنڌ منهنجو ڪاٽيو، نيهن سندي نعري.

پنهنجي يتار جي وچوڙي ۾ سندس 'ووا!' جي صدا، ٻڌنڙ/ پڙهندڙ جي دل جي واديءَ ۾ پڙاڏا ٿي ڪري.

آخر ۾ هڪ دفعو وري اسين سمجهون، ته هن بندي سنڌيت ڪي اُپَ – سيپيتا (sub-culture) نه چئي، ان کي پورڻ – ريت سيپيتا (full-fledged culture) جو درجو ڏنو آهي. حقيقت ۾ شاهه لطيف سائينءَ جي پيرن جا نشان ڪٽي، مون سنڌيت کي گيان (علم)، ڪرم (عمل) ۽ ڀڳتيءَ جو يوگ (ميلاپ) چيو آهي. سمورو 'شاهه جو رسالو' نه صرف گيانُ (معرفت) سان ڀرپور آهي، بلڪ ان جي سُر ڪاپائتي، سُر ساموندي وغيره سُرن ۾ ڪرم يوگ ۽ ڀڳتي يوگ جاپڻ بي بها مثال آهن. 'ذات نه آهي ذات تي، وهي سو لهي' ۾ ڪرم يوگ ۽ 'قير مَ هنئون، ڪُنڌ، ڪياڙي، تيندءِ هاج هٿائين' ۾ ڀڳتي يوگ ڏيکاريل آهي. ان پرمپرا (رواج) ۾ اَڳتي هلي چئنراءِ ساميءَ صاف صاف چيو، 'ڪرم، ڀڳتي، گيان ڳالهه چون ٽا هڪڙي'. اسان سنڌين ٽنهي يوگن کي هڪ جاٽي ان کي پنهنجي پنهنجي شخصيت ۾ جاءِ ڏني آهي ۽ دنيا ۾ سنڌيت جو نادُ وڄايو آهي.

(سنڌي شعبي_ سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ سان ڪوٺايل گڏجاڻيءَ ۾ پڙهيل)

تاج جويو

# شاهه لطيف
## سنڌي ٻوليءَ جو معمار

شيخ اياز، پنهنجي شعري مجموعي ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ ۾ پنهنجي نثري اقتباسن ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

”اُهي شاعر جي پنهنجي موضوع ۽ مخصوص اظهار سبب سند ٿي ويا هجن؛ جن جي ٻولي، هڪ مثالي ٻوليءَ جو درجو رکندي هجي؛ جن انسان جي فڪري سرمائي کي وڌايو هجي؛ جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولا ڪئي هجي؛ انسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو هجي؛ جن پنهنجي فڪر، مشاهدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذهن کي وسعت ۽ عظمت ڏني هجي، جن انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي هجي؛ جن ساپيا کي سُونهن ڏني هجي ۽ سونهن کي ساپيا ڏني هجي؛ جي پنهنجي خاص انداز ۾ پنهنجي قوم لاءِ هوندي بہ سڀ جا هجن ۽ هر ڪنهن سان ڳالهائيندا هجن؛ جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي هڪ ٿي ويا هجن؛ جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ هجي، جو هر دور ان کي پنهنجي لکت سمجهي، جن جون تخليقي صفتون وقتي هوندي بہ دائمي ۽ آفاقي هجن۔ انهن شاعرن جي شاعري ”عظيم ڪلاسڪ“ جو درجو حاصل ڪري ٿي. هن نندي ڪنڊ ۾ ان معيار جا شاعر فقط ٽيائي ۽ ٽئگور آهن.“ (ص 40 — 39)

اياز جي ان پرک جي روشنيءَ ۾، شاهه جي شاعري عظيم ڪلاسڪ ۾ شمار ٿئي ٿي، ۽ ان حوالي سان نہ رڳو اسان جي ماضيءَ جي ترجمان آهي، پر اسان جي

حال ۽ مستقبل جي پڻ ترجمان شاعري آهي. شاهه پنهنجي موضوع ۽ مخصوص اظهار سبب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بي مثال شاعر آهي، جنهن جي شاعري اڍائي – ٽي سؤ سالن گذري وڃڻ جي باوجود نه رڳو دائمي ۽ آفاقي قدرن سان مالا مال آهي، پر نت نئين آهي، جنهن جو اثر صدين جي سفر ڪان پوءِ به قائم ۽ دائم رهڻو آهي.

شاهه لطيف پنهنجي دور ۾ پنهنجي قوم، وطن، تهذيب، تاريخ ۽ ٻوليءَ جو رکپال شاعر رهيو آهي. هن پنهنجي تخليق "شاهه جي رسالي" ذريعي صدين جي امرتا حاصل ڪري ورتي آهي. جيئن ته سندس تخليقي پورهيو (شاهه جو رسالو) سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، ان ڪري شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ذريعي پنهنجي دور جي ٻوليءَ کي سدا حيات ۽ سدا بهار بڻائي ڇڏيو آهي.

ڀٽائيءَ اُن پُر آشوب دور ۾ جنم ورتو هو، جڏهن مغل سلطنت زوال پذير هئي ۽ پنهنجي بچاءَ ۽ بقا لاءِ چڙهيون هٽي رهي هئي. مغل گورنرن ۽ سنڌ جي جاگيردارن، پنهنجي اقتداري مفادن لاءِ پاڻ ۾ ٻٽ ۽ جٽَ ٿي، سرزمين سنڌ جي عظيم انقلابيءَ "شاهه عنايت" کي شهيد ڪرايو هو: جنهن ان دور ۾ جاگيردارن ۽ سندن مُربي مغل حڪومت خلاف تحريڪ هلائي هئي ۽ زمين جو مالڪ انگ اگهاڙي ۽ پيٽ بکئي هاريءَ کي قرار ڏنو هو. هن "جوکيڙي سو کائي" جو اُصولي پيغام ڏئي، "اِنَّ ارضَ للهُ" (بيشڪ زمين خدا جي آهي) جو سچو سبق ڏنو هو. نتيجي طور جاگيردارن جا ستايل هاري شاهه عنايت وٽ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ گڏجي پوک ڪندا هئا ۽ پوک جي ڪمائي پاڻ ۾ ونڊي ورهائي کائيندا هئا. اُن دور جا مغل – مطيع جاگيردار هيءَ انقلابي هلچل، جيڪا اقتصادي قُرمار جي خلاف هئي، برداشت نه ڪري سگهيا ۽ هنن مغل حڪمرانن سان گڏجي شاهه عنايت کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. اُن ڪڌي عمل ۾ ٻاهرين حاڪمن جو پرجهلائو متعصب مُلان به مقامي جاگيردارن سان گڏ هئو ۽ ٽئي قوتون، سنڌ اندر انسان دوستيءَ،

رواداريءَ، حب الوطنيءَ ۽ برابريءَ تي ٻڌل سماج جي تعمير لاءِ ڪوششون ڪندڙ فڪر جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺيون هيون.

ساڳئي وقت ٻئي پاسي اهڙي ماحول ۾ اڪيون ڪوليون هيون، جڏهن دربار ۽ سرڪار جي زبان فارسي هئي. مغل – مطيع سنڌي حڪمرانن (ڪلهوڙن) جو سمورو دفتري ڪاروبار فارسي زبان ۾ هلندو هو ۽ حڪمرانن جي ٻولڙين – "سنڌي وائي، قلم نہ آئي" ۽ "پارسي گهوڙي چاڙهسي" جهڙا فقرا گهڙي، مغل سلطنت جي خوشامد ۾ حد ڪري ڇڏي هئي. اهڙيءَ ريت مقامي حڪمرانن ۽ سندن درٻاري خوشامدڙين ڄڻڪ هڪ طرح سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجو ناتوئي ٽوڙي ڇڏيو هو.

ان پس منظر ۾، شاهہ لطيف غلاميءَ واري ماحول ۾ ڪوڙ ۽ خوشامد جي گهيرن کي ٽوڙڻ لاءِ انسانيت، اخوت، اتحاد، محبت ۽ حب الوطنيءَ جو پيغام ڏنو. ان لاءِ هن هڪ طرف مخدوم معين عرف مخدوم ناري ٺٽويءَ، ميان صاحب ڏني فاروقيءَ، مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري ۽ شاهہ عنايت رضويءَ جهڙن محب وطن، آزادي پسند ۽ حق پرست عالمن ۽ بزرگن سان دوستيءَ، ويجهڙائپ ۽ علمي رابطي جو رستو قائم رکيو؛ تہ ٻئي طرف پنهنجن جذبن ۽ امنگن جي اظهار لاءِ جيڪا زبان منتخب ڪئي، اها عام ماڻهن جي زبان "سنڌي" هئي. ان ريت ڀٽ ڌڻيءَ پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي، ٻٽي غُلاميءَ، خلاف جدوجهد ڪئي. هڪ طرف هن پنهنجي شاعريءَ جا موضوع ۽ ڪردار اهڙا چونڊيا، جيڪي عوامي هئڻ سان گڏ حب الوطنيءَ، بهادريءَ، سچائيءَ، انسانيت، قربانيءَ، اخلاقي قدرن، قومي ڪردار ۽ تهذيبي حسن جي علامت هئا؛ جن جو مطالعو عوام ۾ هڪ حقيقي (De facto) قوم واريون خصوصيتون ۽ گڻ پيدا ڪري پئي سگهيو تہ ٻئي طرف هن پنهنجي مادري ۽ قومي ٻولي سنڌيءَ جو پاسدار بنجي، فارسيءَ جي سياسي، لساني،

تعليمي ۽ ادبي غلبي خلاف نعرو بلند ڪري، پنهنجي سدا حيات شاعريءَ وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي دور جي هڪ وسيع، شاهوڪار، عوامي ۽ قومي زبان بنائي ڇڏيو.

شاهه لطيف، ڪلهوڙن جي دور يعني 18 صديءَ واري سنڌ ۾، سنڌي زبان کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي جيڪا تخليقي سگهه، جيڪو اظهاري حُسن، جيڪا احساس ۽ ڪيفيتن جي بيان جي قوت ۽ جيڪو ويا ڪرڻي – سٽاءُ (Grammatical Structure) ۽ سونهن بخشي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

شاعر، سياستدانن ۽ حڪمرانن کان وڌيڪ دوررانديش ۽ دوربين نگاهه جا مالڪ هوندا آهن. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ڪلهوڙا سنڌ جا محب وطن حاڪم هئا، هو مغل سامراج جي زوال کي اکئين ڏسي رهيا هئا، اُن ڪري سنڌ کي سندن تسلط کان آزاد ڪرڻ لاءِ ڪوششن ۾ مصروف هئا. پر اِن جدوجهد دوران حڪومتي مصلحتن ۽ مفاد پرست سياست جو شڪار ٿي هنن ٿي وڏيون غلطيون ڪيون، جهڙوڪ:

1. يار محمد ڪلهوڙي پاران شاهه عنايت جي شهادت ۾ مغلن جي پرجهلائوءَ ۽ مقامي جاگيردارن – بلڙيءَ جي سيدن، حمل جت ۽ نور محمد پليجي – جي سهڪاريءَ طور ڪردار ادا ڪرڻ.

2. نور محمد ڪلهوڙي پاران شاهه لطيف جي شُهرت کان خائف ٿي، ڪوتاهه انديش صلاحڪارن جي مشوري تي شاهه لطيف کي جڙي گهوڙي سواريءَ لاءِ موڪلڻ ۽ ڪيس زهر ڏيارڻ جي ڪوشش ڪرڻ؛ ۽

3. مغلن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ فارسي زبان کي درٻار، سرڪار ۽ مڪتبن جي زبان بنائڻ – جيتوڻيڪ مغلن جي دور کان وٺي ڪلهوڙن جي دور تائين ڪيترا محب وطن عالم مڪتبن ۽ مدرسن ۾ سنڌي زبان ۾ درس ۽ تدريس ڏيندا رهيا هئا.

جيڪڏهن ڪلهوڙا حڪمران، اهي ٽي سياسي غلطيون نہ ڪن ها، ۽ پنهنجن وڏن آدم شاهہ ڪلهوڙي ۽ شاهہ علي عرف شاهل محمد ڪلهوڙي جي پيروي ڪندي، شاهہ عنايت جي ”عوامي سگهہ“ ۽ شاهہ لطيف جهڙي عوامي شاعر جو ساٿ حاصل ڪن ها ۽ کين پنهنجو همدرد ۽ همدم بنائين ها، تہ هو ڪافي وقت اڳ نہ رڳو سنڌ مغل تسلط کان آزاد ڪرائي وٺن ها، پر سنڌ ۾ پنهنجي مستحڪم ۽ مضبوط حڪومت پڻ قائم ڪري سگهن ها.

ڪلهوڙن حاڪمن جي ڀيٽ ۾ شاهہ لطيف جي دورانديشي ۽ مستقبل شناسيءَ کي داد ڏيڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي، جنهن هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن مُغل سامراج پوڙهو پئجي رهيو هو، مقامي ڪلهوڙن/ سنڌي حاڪمن خلاف بغاوت نہ ڪئي، بلڪ روايت آهي تہ شاهہ صاحب نور محمد ڪلهوڙي کي دعا ڪئي هئي تہ کيس گلان مان هڪ اهڙو گل پيدا ٿيندو، جيڪو سندس ناماچاريءَ سان گڏ سنڌ جي ناموس جو ڪارڻ بنبو. اها حقيقت آهي تہ نور محمد ڪلهوڙي جو فرزند غلام شاهہ ڪلهوڙو، مغلن کان سنڌ مڪمل خود مختيار ۽ آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو هو، اها ڌار ڳالهہ آهي تہ اُن کي استحڪام بخشڻ جو کيس مناسب موقعو نہ مليو.

شاهہ لطيف، شاهہ عنايت جي شهادت واري واقعي تي رنجيدو هو ۽ يار محمد ڪلهوڙي جي ڪردار ۽ عمل جو سخت مخالف هو، اهو ئي سبب آهي جو شاهہ صاحب، پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف هنڌن تي علامتي انداز ۾ شاهہ عنايت

جي تحريڪ جي نہ رڳو حمايت ڪئي آهي، پر ان واقعي کي ڳايو بہ آهي ۽ شاھ عنايت جي شهادت تي ڳوڙها بہ ڳاڙيا آهن، جيئن هيٺين بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو:

پنيءَ پڙڪا ڪن، باهيون بيراڳين جون،
هلو تہ سيڪيون هٿڙا، مٿي تن مچن،
مون پڻ مُلا تَن، جڙ لڳي جان ۾.

* * *

جهجان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي.

* * *

اج نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

* * *

(رام ڪلي)

ليڪن شاھ صاحب هن ”عظيم سانحي“ تي رد عمل ۾ اچي، عوامي بغاوت جي ڳالھ نہ ڪئي آهي. ان جو ڪارڻ منهنجيءَ نظر ۾ اهو هو تہ هن نہ ٿي چاهيو تہ مقامي حمڪرانن جي ان ظلم ۽ غلط ڪاريءَ خلاف ايڏي وڏي ڪا 'طبقاتي جنگ' شروع ٿي وڃي، جو وطن سنڌ جي ”آزاديءَ ۽ وحدت“ واري وڏي مقصد کي ڇيهو رسي. پر اها حقيقت آهي تہ شاھ صاحب سنڌي زبان واري معاملي تي ڪمپرومائيز ۽ مصلحت کان ڪم وٺڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ هو، ڇو تہ هن ڄاتو ٿي تہ جڏهن حڪومتن جي سياسي ۽ اقتصادي محاذن تي شڪست کائڻ جو امڪان هجي، يا اُهي ٻئي محاذ مڪمل طرح عوامي وس ۾ نہ

هجن ۽ ملڪي وحدت کي خطرو سامهون هجي تہ اهڙي سمي 'ثقافتي محاذ' تان جنگ جوٽڻ گهرجي. جيئن تہ ثقافت يا تهذيب جو وڏو ۽ متحرڪ عنصر زبان آهي، اُن ڪري لطيف سائينءَ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ سنڌي زبان جي بچاءَ ۽ سلامتي جو جهنڊو بُلند ڪيو. ڇاڪاڻ تہ ڪيس خبر هئي تہ ان جنگ ۾ هو مڪمل عوامي حمايت حاصل ڪري سگهيو ٿي ۽ مقامي ڪلهوڙا حڪمران پڻ سنڌي هئڻ جي ناتي هن لاءِ ايڏو وڏو خطرو بنجي نہ پئي سگهيا. ڇو تہ انهن فارسيءَ کي درباري ۽ سرڪاري زبان جو درجو فقط پنهنجي اقتدار جي بحاليءَ جي هڪ وسيلي طور ڏنو هو.

پٽ ڌڻيءَ جي حب الوطنيءَ واري ساڃاهہ ۽ ڏاهپ جو اِهو ڪمال آهي تہ هن انهيءَ (ٻوليءَ واري) هڪ مورچي تان وطن جي وحدت ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ سلامتيءَ جي ٻٽي جنگ، ڪاميابيءَ سان وڙهي. هن هڪ طرف مغل سامراج ۽ مقامي ڪلهوڙن حاڪمن جي پرجهلائو، متعصب، اورنگزيبي سياست جي حامي ۽ وحدت الشهودي ملان جي مخالفت ڪري، سنڌ اندر 'قومي وحدت' ۽ 'هندو مسلم ايڪتا' جي فضا کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ 'سنڌي زبان' هڪ مؤثر ذريعو هئي، جيڪا سنڌي مسلمان ۽ هندوءَ جي مشترڪ مادري زبان ۽ قومي زبان هئي، جنهن سان ٻنهي جي جيءَ جون جڙون هيون — ٻئي طرف هڪ دربار ۽ سرڪار جي زبان توڙي سرڪاري مڪتبن ۽ مدرسن جي زبان فارسيءَ جي سياسي، لساني، ادبي ۽ تعليمي غلبي خلاف آواز اُٿاري، سنڌي ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪئي ۽ کين پنهنجي ٻوليءَ ۾ وطن جي وحدت ۽ آجپي جو سنيهو ڏنو.

آءُ پنهنجي موقف جي حمايت ۾ ڪجهہ بيت پيش ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو، جن مان متعصب وحدت الشهودي مُلي جي مخالفت ۽ سنڌي زبان جي حيثيت جي بحاليءَ جي حمايت ظاهر ٿئي ٿي.

(1)

منهن تي آهير يا نئي اُجرو، اندر ۾ ڪارو،
ٻاهر زيب زبان سين، دل ۾ هچارو،
ان پر ويچارو، ويجهو ناهِ وصال کي.

(2)

مارِ مَ مُطيعَ کي، مَجوسيءَ کي مارِ،
وڏي جنگِ مَ وسارِ، ننڍيان نفعو ناهِ ڪِي.

(3)

پيہم پٺاڻن سين، ٻولي جي نہ ٻُجهن،
آءُ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو 'پارسيون' پُڇن،
مون پڻ مُلان تن، سرتيون سُور پرائيا!

(4)

جي تون سکيو فارسي، گولو توءِ غُلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪِئن چائي چام،
اُجيو تا آب گهُري، بکيو تا طعامُ،
اِي عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿئي !

هنن بيتن مان پهريون بيتُ، ان وحدت الشهودي ۽ ٻہ قومي نظرئي جي حامي ملان جي خلاف آهي، جنهن جو منهن تہ آهريءَ/ آرسيءَ کان بہ وڌيڪ چمڪندڙ آهي، پر اندر ۾ منافقت جي ڪاراڻ سمايو وتي. ٻاهران زبان زيب واري اٿس، پر دل ۾ هچارو آهي ۽ 'قومي وحدت' ۽ 'قومي وصال' کان وانجهو رهيو آهي. ٻيو بيت، اُن 'هچاري ملان'، جيڪو 'ٻہ قومي نظريي' ۽ 'هندو مسلم تضاد'

واري اورنگزيبي سياست جو قائل آهي، توڙي ان طبقاتي ويڙهه جي حاميءَ، جيڪو 'قومي آجپي جي جنگ' تي 'ننڍن ننڍن جهيڙن' کي اهميت ڏئي ٿو. ٻنهي تي اها ڳالهه واضح ڪري ٿو ته 'وڏي جنگ' (وطن جي وحدت ۽ آزاديءَ واري جنگ) کي نه وسارڻ ۽ 'ننڍين جنگين' (هندو مسلم ويڇن ۽ طبقاتي ويڙهه) ۾ نفعي نه هجڻ جو فلسفوئي سچو فلسفو آهي.

پويان ٻه بيت جيتوڻيڪ 'سسئيءَ جي داستان' سان واسطو رکندڙ آهن. پر انهن ۾ 'پناڻ'، 'سنڌي جو سعيو'، 'پارسيون'، 'فارسي'، 'گولو'، 'جام'، 'عامن' ۽ 'خاصن' — لفظ ۽ ترڪيبون خاص اهميت لهڻن ٿيون.

پنهونءَ کي سسئيءَ جا ڏير ٻروچ ڪٺي ويا هئا ۽ نه ڪيس "پناڻن" اغوا ڪيو هو، ان ڪري هي ٻئي بيت ۽ انهن ۾ مٿي بيان ڪيل لفظ ۽ ترڪيبون خاص ڏيان ڇڪائين ٿيون. 'پناڻن سان پوڻ'، 'ٻولي نه ٻُجهڻ'، 'سنڌيءَ جو سعيو ڪرڻ'، 'پارسيون پڇڻ'، 'سور پرائڻ'، 'فارسي سکڻ'، 'گولو ۽ غلام ٿيڻ'، 'ٻن ڳالهين ۾ ٻڌجڻ'، 'جام چوائڻ'، 'عامن مان ٿيڻ' ۽ 'خاصن مان نه ٿيڻ' وغيره اصطلاح صورتحال ۽ مسئلي کي بلڪل واضح ڪري بيهارين ٿا.

هتي آءٌ اها ڳالهه به واضح ڪري ڇڏيان ته ڀٽائي 'فارسي زبان سکڻ' جو مخالف ڪو نه هو. ڀٽائي ته خود فارسيءَ جو وڏو عالم هو. هو 'مثنوي مولانا روم' هميشه پاڻ سان گڏ کڻندو هو، جيڪا فارسيءَ ۾ هئي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيترائي فارسي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندل آهن. خاص ڪري شاهه عنايت جي شهادت واري بيت ۾ 'سر در قدم يار فداشد چه بجاشد' فارسي شاعريءَ جي سٽ تضمين طور ڪم آندل آهي، جيڪا ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته ڀٽائي نه رڳو فارسي ڄاڻندو هو. پر فارسي شعر جون سٽون تضمين طور ڪم آڻڻ جو هنر به ڄاڻندو هو. هو مولانا روم سان گڏ الائي ڪيترن فارسي شاعرن جو وسيع مطالعو رکندو هو. پر ڪيترا تاريخي شعر سنڌيءَ ۾ تخليقي ترجمو به ڪيا اٿس. جهڙوڪ:

پير را بگُزين ڪہ بي پير اين سفر
هست بس پرُ آفت و خوف و خطر
هر ڪہ اُو بي مرشدي در راه شُد
توز غولان گمره و در چاه شُد

(مرشد ڳول، جو رهبر بنا هيءُ سفر مصيبتن، خوفن ۽ خطرن سان ڀريو پيو آهي. جيڪو بہ هن واٽ تي بنا مرشد هليو، ديون، راڪاسن هٿ گمراهہ ٿي وڃي کوهہ ۾ پيو).

مولانا روميءَ جو هي ڇئن سٽن وارو شعر، لطيف سائينءَ ٻن سٽن جي بيت ۾ نہ رڳو ترجمو ڪيو آهي، پر ان کي اهڙي تہ تخليقي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي، جو ڪير بہ نہ چوندو تہ ڪو هيءُ ترجمو آهي، ۽ ترجمو بہ اهڙو، جو اصل کان وڌيڪ تخليقي ۽ مڪمل:

اَوَجهڙ اَ سُونهن، ڏيهہ گهٽو ئي ڏوريو،
سگهُر ريءَ سُونهن، پهتي ڪا نہ پنڌ ڪري.

روميءَ جو ٻيو بيت آهي:

تشنگان گر آب جُويند از جهان
آب هم جُويد بعالم تشنگان

(جيڪڏهن اُڃايل، جهان ۾ پاڻيءَ ڳولين ٿا، تہ پاڻي پڻ دنيا ۾ اُڃايلن کي ٿو ڳولي.)

هن ٻہ سٽي شعر جو لطيف سائينءَ، بيت جي هڪڙيءَ سٽ ۾ ڪمال جو ترجمو ڪيو آهي:

اندر جنين اُڃ، پاڻي اُڃئو ان کي.

روميءَ جو هڪ چئِن سٽن جو شعر آهي:

مابَها و خون بهارا يا فتيم،
جانب جان باختن بشتا فتيم،
اي حياتِ عاشقان در مُردگي،
در نِيا بيَ جُزکه در دل بُردگي.

(يعني: اسان بها ۽ خون بها ہٿي حاصل ڪيا. جان ڏيڻ لاءِ تڪڙا تياسين. مرڻ (فنا) ۾ عاشقن لاءِ حياتي (بقا) آهي، (جا) دل ڏيڻ بنا حاصل ڪري نہ سگهندين.)

ساڳيو مفهوم، ڏسو تہ لطيف سائين ڪيئن ٿو بيان ڪري، ۽ "خون بها" لاءِ اُن جو سنڌيءَ ۾ هم معنيٰ لفظ "دَيَت" استعمال ڪري ٿو، جيڪو غور طلب آهي:

ڪتارو ۽ ڪوسُ، اگڻ آريءَ ڄام جي،
دَيت آهي دوسُ، مارڳ ۾ مُين جي.

فارسي زبان ۾ لکيل اُهي ہہ خط تہ عالمن ضرور پڙهيا هوندا، جن مان هڪ خط ۾ شاهہ لطيف، مخدوم معين ٺٽويءَ کان 'اويسي' طريقي بابت ڪي سوال پُڇيا آهي، ۽ ہئي خط ۾ مخدوم معين ڪيس جواب ڏنا آهن. اُهي ہئي خط 'رسالہ اُويسيہ' ۾ ڇپيل آهن، جيڪو نياز همايونيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، ۽ جنهن جو اردو ترجمو زيب ادبي مرڪز پاران پڻ ڇپجي چڪو آهي. آءُ مثال طور: صرف شاهہ لطيف جي خط جا اصل لفظ هتي درج ڪريان ٿو:

"چہ فرمايند علماءَ ڪرام مراجع انام اندر آنچہ لفظ "اُويسي" درڪلام طائفہ صوفيہ رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقعہ شده يا نہ؟

(علماءِ ڪرام ڇا ٿا فرمائين تہ لفظ "اويسي" صوفين جي حمايت ۾ آهي يا نہ؟)

شُماڪہ علمائي حامي – دين وبيان ڪننده قبيح وحُسن اند. مي پرُسم شمارا ڪہ جواب اين مقدمات چہ با شد؟

ميخواهم ڪہ بعبارت فارسي سهل الماخذ آنرا بقيد قلم آريد ڪہ نفع عام شود و انتفا ع باقي ماند –

(چاهيان ٿو تہ انهن جوابن کي سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪيو تہ جيئن عام فائدو ٿئي ۽ اهو نفعو هميشہ لاءِ باقي رهي.)

اُهو خط پڙهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان راءِ تي پهتو آهي تہ:

”شاهہ صاحب جو مخدوم صاحب کي خاص تاڪيد تہ سليس فارسيءَ ۾ جواب ڏنو وڃي اُنهيءَ لاءِ تہ هر ڪو هن ڳالهہ کي سمجهي سگهي.“

ڏيکاري ٿو تہ شاهہ صاحب کي سليس ۽ ڳوڙهي فارسي عبارت جي فرق جي پوري ڄاڻ هئي ۽ سليس فارسيءَ جي عام فائدي جو احساس هو. هيءَ اندروني شاهدي شاهہ صاحب جي فارسيءَ مان واقفيت تي هڪ خاص دليل آهي.

- تہ اهڙو شاعر فارسيءَ جو مخالف ڪيئن ٿو ٿي سگهي! شاهہ صاحب فارسي پڙهڻ ۽ سکڻ جو مخالف نہ هو، پر جڏهن فارسي زبان کي حڪمرانن دربار ۽ سرڪار جي زبان سان گڏ ذريعہ تعليم جي بہ زبان بنائي ڇڏيو تہ لطيف سائينءَ نہ رڳو فارسيءَ جي ان لساني، ادبي غلبي ۽ ذريعہ تعليم طور مڙهڻ جي خلاف آواز اٿاريو، پر حڪمرانن ۽ سندن چاپلوسن کي، جيڪي فارسيءَ ۾ قصيده گوئي ڪندا هئا، مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

”اوهان فارسيءَ کي درٻارن ۽ سرڪارن ۾ لاڳو ڪرڻ ۽ ذريعہ تعليم طور سکڻ واري ڳالهہ عوام تي مڙهيو ٿا، اها گولاٽپ ۽ غلاميءَ جي ڳالهہ آهي. اوهان ٻن ڳالهين – اقتدار ۽ ذاتي مفادن – لاءِ جدوجهد ڪريو ٿا. اوهان ”جام“

(حڪمران جو نعم البدل لفظ) سڏائڻ جي لائق نہ آهيو. اوهان تہ اهڙا ”عامي شخص“ آهيو، جن ڪي اُڃ اُجهائڻ لاءِ پاڻي ۽ بک مٽائڻ لاءِ طعام گهرجي. اوهان ”خاص ماڻهو“ / حاڪم ٿيڻ جي لائق نہ آهيو، عوام جي نمائندگيءَ جي اهل نہ آهيو، ڇو تہ ”ڄام“ ۽ ”خاص“ (حاڪم) عوام جي حقن جا محافظ ۽ رکوالا هوندا آهن“.

اهڙي غُلاميءَ ۽ غلبي واري ماحول ۾ ئي لطيف سائين چوي ٿو. ”اسان جي اهڙن ماڻهن (ڌارين، سامراجين) سان اچي پئي آهي، جيڪي اسان جي ٻولي (سنڌي) سمجهي ئي نہ ٿا سگهن. آءُ سنڌيءَ ۾ مافي الضمير بيان ڪرڻ گهران ٿو، ۽ هو فارسي ڳالهائڻ جي تلقين ڪن ٿا. اهڙن ڌارين سامراجين/ پناڻن (مغلن) سنڌ کي سوڙهو ڏنا آهن، غلام بنايو آهي.“

ان حوالي سان جڏهن لطيف سائين فارسيءَ جي سياسي ۽ ادبي غلبي خلاف آواز اُٿاري ٿو ۽ سنڌي زبان کي پوري حسن، سگهہ ۽ تهذيبي قدرن سان مالا مال ڪري، جڏهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آڻي ٿو ۽ ان ۾ تخليقي حُسن، وسعت، بلند خيالي بيان ڪري ٿو، تہ ڄڻ پنهنجي دور جي ٻولي تخليق ڪري ٿو ۽ پنهنجي مادري سنڌيءَ جي اهڙي تشڪيل ۽ تعمير ڪري ٿو، جيڪا قوم ۽ وطن جي تعمير ۽ تشڪيل جو ذريعو بڻجي ٿي. ان صورت ۾ شاهہ لطيف 18 صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڪڙو اهڙو معمار شاعر ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو جهنگ جهر، وستي واهڻ، ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر ۽ لاڙ ۾ نڪري پوي ٿو. ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ موجود عوامي ٻوليءَ کي پنهنجي شاعريءَ جي مختلف موضوعن لاءِ منتخب ڪري ٿو، ۽ اظهار جي مخصوص انداز ذريعي هڪ مثالي سنڌي ٻوليءَ کي جنم ڏئي ٿو ـ ۽ علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي لفظن ۾ ائين چوڻو ٿو پوي تہ:

”دراصل اُها لطيف جي هٿن جي برڪت هئي، جو 18 صديءَ واري سنڌي زبان ايترو وسيع ۽ ملائم صورت اختيار ڪئي. سنڌي زبان، جيڪا ان وقت هڪ

محاوري يا لهجي جي حيثيت رکندي هئي، جڏهن لطيف جي هٿن ۾ پهتي ته نهايت گران مايه ۽ وسيع ترين زبان بڻجي وئي.“

علامه آءِ. آءِ. قاضي، لطيف جي ان ڪرشمي کي عربيءَ جي وسعت سان ڀيٽ ڏيندي چوي ٿو:

”عربي ٻوليءَ جي مضراب کي جنهن قوت ۽ شگفتگيءَ سان بلڪ جنهن اثر انگيزيءَ جي حد تائين گذريل 1500 سالن اندر محمد عربيءَ ان جو استعمال ڪيو، اهو ٻيو ڪو به نه ڪري سگهيو آهي.

لطيف سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪري ڏيکاريو، جيڪو نه هن کان اڳ ڪنهن ڪيو ۽ نه وري ڪائنس پوءِ صديون پوءِ ائين ڪري ڏيکارڻ جي جرئت ڪري سگهيو آهي.“

(Shah Abdul Latif: An Appriciation of his art)

جيڪڏهن نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ لطيف چاهي ها ته پنهنجي بزرگي ۽ علمي ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ فارسيءَ ۾ شاعري ڪري ها، ۽ پڪ اتم ته اُها سندس شاعري، درٻاري شاعر عظيم ٺٽويءَ جي فارسي شاعريءَ کان هزار درجا اُتم هجي ها. پر هن ائين نه ڪيو. هن سنڌي سماج ۾ مقامي حاڪمن طرفان سنڌ جي خود مختياريءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي باوجود جيڪا مايوسي ڇانيل ڏٺي، ۽ جيڪا نادر شاهه قاچار ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي ڦر مار وسيلي پيدا ٿيل صورتحال ڏٺي، ان جو اظهار، هن نموني پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيو.

نڪا ٻوءِ بزار ۾، نه ڪا چلڙ ڇٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اگهٽ،
هي پڙ پسئو پٽ، ماڻهو وڃن موٽيا!

❊ ❊ ❊

اڄ پڻ ڪِنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي منهين،
جه پُڻ پيين سنجهہ، هو پنيون، هوُ پٽيون !

※ ※ ※

پٽائيءَ سنڌ جي سماجي ڪرب کي جنهن تخليقي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي، ان ۾ پيڙا تہ حد درجي جي آهي، پر سندس بيان جو انداز ۽ ٻوليءَ جي سهڻي جڙت ۽ تخليقي حسن بہ انتها جو آهي.

پٽائيءَ وٽ شاعريءَ جو فن پنهنجي پوري ڪمال تي پهتل آهي. هن انتهائي ڳورهن ۽ فڪر انگيز خيالن ۽ مسئلن جو اظهار پنهنجي دور جي سادي، آسان ۽ عام زبان ۾ ڪيو آهي. ليڪن سندس زبان جي ان سادگيءَ ۾ سليس — پڻي ۾ بہ عوامي سمجهہ ۽ فڪر توڙي فن جو اهڙو تہ رچاءُ موجود آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صدين جي ڏاهپ ۽ حسن سمايل آهي.

پٽائيءَ جي شاعريءَ جي فڪري تسلسل تي نظر وجهڻ لاءِ وڏي تفصيل جي ضرورت آهي. مختصر لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي دور جي انساني برابريءَ وارين تحريڪن ۽ فڪري/ روحاني هلچلن جو روح، پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳوهي پيش ڪيو آهي. سندس ذات توڙي ڏانءَ جي تاجي پيٽي ۾، جنهن ۾ ٻوليءَ جو حسن، خوبصورتي، سٽاءُ ۽ رچاءُ اچي وڃن ٿا، فقط ئي فقط سنڌ ڌرتيءَ جو ڪمال ۽ ڪنٽريبيوشن شامل آهي. شاهہ پنهنجي ٻوليءَ کي سنڌ جي تهذيبي روايتن، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن ۽ ڪهاڻين، تمثيلن، محاورن، علامتن، اُهڃاڻن، استعارن، تشبيهن، سلاست، فصاحت، بلاغت ۽ جدت جي خوبين سان ڳُتي ۽ مڙهي پيش ڪيو آهي؛ جنهن ۾ ماضيءَ جو سمورو حسن، فڪري ۽ تهذيبي ورثي جي سموري سونهن موجود آهي. سنڌ جي تاريخ جي ستم ظريفي اها آهي تہ اسان جو آڳاٽو تخليقي سرمايو، تاريخ جي لَٽَ ۾ گم ٿي ويو

آهي. پر پوءِ بہ، لطيف سائينءَ بچيل ۽ معلوم سموري ميڙي چونڊيءَ جي حسن ۽ ڳُر سهيڙي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ائين اسان جي آڏو سنڌ جي صدين جو سرمايو، سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪري، لطيف سائينءَ جتي سنڌي ٻوليءَ کي وسعت، دائميت ۽ شاهوڪاري بخشي آهي، اتي اسان کي فڪري طور بہ مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. لطيف سائين، سنڌ جي هزارن ورهين جي فلسفي ۽ فڪري ارتقا جو تت ۽ نچوڙ آهي. هن صدين جي سچ گرهڻ مان سنڌي ٻوليءَ جي فڪري سونهن جي سج کي آزاد ڪري، هن ڌرتيءَ تي اهڙو تہ چمڪايو ۽ جرڪايو آهي، جنهن تي وري ٻيهر گرهڻ اچڻ جي ڪا نہ آهي.

ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي خير ۾ ايڏي تہ ڪشادگي، وسعت، بلند خيالي ۽ صلاحيت پيدا ڪري ويو آهي، جو اها دنيا جي سڌريل ۽ جديد زبانن جي مرتبي ۽ مقام تي پهچي سگهي ٿي.

دنيا جي اڪثر شاعرن وٽ اهڙي شاعراڻي ٻولي مشڪل ملندي، جيڪا ڀٽائيءَ وٽ موجود آهي، جنهن جون تشبيهون ۽ ترڪيبون، استعارا ۽ علامتون، روزمره جي زندگيءَ مان کنيون ويون آهن ۽ جنهن کي پنهنجي عوام ۽ ان جي زندگيءَ ايڏو اُتساهيو آهي. هن ٻوليءَ ۾ مصوري ڪئي آهي ۽ پنهنجي دور جو وڏو مصور – شاعر هو. هن جذبن ۽ مظهرن کي ٻوليءَ جي قالب ۾ عڪس بند ڪري، ڪمال ڪاريگريءَ کان ڪم ورتو آهي!

شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي ٻولي، سنڌي عوام جي ٻولي آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايل هر انساني ڪردار جي ٻولي ڪم آندي آهي، هر ماحول جي ٻولي ڪم آندي آهي ۽ هر ماحول جون ترڪيبون ۽ محاورا استعمال ڪيا آهن.

شاهہ جي شاعري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن ڪرشمي ۽ معجزي کان گهٽ درجو نہ ٿي رکي. هن وٽ تجنيس ۽ تشبيهہ جو حسن حد درجي جو موجود آهي.

هن لفظن کي نيون معنائون ڏنيون آهن ۽ عام معنائن کي سماجي ۽ ڪلچرل معنائون مهيا ڪيون آهن. هتي مثالن سان ڳالهه ڪبي تہ تفصيل طويل ٿي ويندو. آءُ هيٺ ٽن سُرن مان ٽي بيت ڏيان ٿو، جن ۾ ٻوليءَ جو سٽاءُ، حسن ۽ ترڪيب ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ ٻولي صرف ۽ صرف لطيف جي ئي ٿي سگهي ٿي:

ڪوهيارو ٿي ڪاتُ، مُيون مارڻ آئيو،
هُئي مر هوتُ حيات، آءُ ميائي گهوري!

٭ ٭ ٭

ڪوئين ڪُٺي آهيان، سگهي سارَ لهيج،
متُ مانڏاٽي منجيج، تہ نيرَن ئي نئون ڪريان!

٭ ٭ ٭

اڄ ڪڪوري ڪاڪ، مومل مُنهن متي ٿيو،
ساماٽي سيد چئي، پُرسن لاءِ پياڪ،
بيا رَڱيا ڪاڪ، راڻو ڪاڪ رڱي ويو!

٭ ٭ ٭

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

# هند ۾ سنڌي اعليٰ تعليم ۽ تحقيق

جهڙيءَ ريت اِنساني تهذيب جي واڌاري جي ڪهاڻي مسلسل ڪوشش، انسان جي تجسس ۽ کوجي سياو جي ڪهاڻي آهي، تهڙيءَ ريت تعليم جو واڌارو بہ اِنسان جي مسلسل سوچ ۽ کوجنا جو ڦل آهي. جيڪڏهن سکيا گهرن ۾ ويد منترن جي اُچارڻ سان گڏ مشهور ۽ مهان هستيون اسان لاءِ مثالي بڻيون تہ تکششلا (ٽيڪسيلا) جهڙن عالمي تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم عطا ڪئي. اُن سونهري دور کان وٺي جديد دور تائين تعليم ۾ گهڻيون تبديليون آيون پر سوچ احساس ڪي سجاڳ ئي رکيو.

اوچ (اعليٰ) تعليم ڪي خاص اهميت واري جاءِ انڪري بہ ڏني ويئي آهي جو اِها ويچار شڪتي پيدا ڪري ٿي. سوچ جو دائرو وسيع کان وسيع تر بڻائي ٿي، ماڻهوءَ کي پنهنجي آئيندي لاءِ راهہ ڏسي ٿي. زندگيءَ جي دنيوي، سماجي توڙي روحاني مسئلن تي فتحياب ٿيڻ لاءِ سگهہ پيدا ڪري ٿي. اعليٰ تعليم ۽ اُن مان اُپريل دانشمند طبقي جي رول جي خاص اهميت آهي.

اعليٰ تعليم ۾ بہ ڪنهن بہ ڀاشا جي ادب جي خاص اهميت آهي. ادب ۾ ئي اِنساني ذهن کي ولوڙڻ ۽ شعور کي وسيع بڻائڻ جي سگهہ آهي. اِنسان ۾ جيڪي ڪجهہ بهتر آهي، خوبصورت آهي، اِنساني تهذيب کي ڪارائتو بڻائيندڙ آهي، ادب اُنکي ئي اِظهاري ٿو. ادب جي تعليم اِن لاءِ بہ ضروري آهي جو هنجي اپيل عالمي هوندي آهي، جيڪا ڄاڻ بين موضوعن ۾ نہ آهي. ادب جون سموريون حدون انساني پاونائن کان شروع ٿي اُتي ئي ختم ٿين ٿيون. سنڌي اعليٰ تعليم جو اِتهاس گهڻو پراڻو ڪونهي. 1886ع تائين سنڌ ۾ ڪوبہ ڪاليج برپا نہ ٿيو هو.

مئٽرڪ امتحان لاءِ بہ 1878ع کان اڳ بمبئي وجي امتحان ڏيڻو پوندو هو. سامونڊي سفر يا اٺانگو خشڪي رستي جو سفر طئہ ڪرڻو پوندو هو. 17 جنوري 1887ع ۾ ”سنڌ آرٽس ڪاليج“ (هاڻي ڊي جي ڪاليج) جي نالي سان پهريون ڪاليج برپا ٿيو. صاحب سنگهہ شهاڻي پهريون سنڌي هو، جنهن 1895ع ۾ بي اي پاس ڪئي.

يعني ويهين صديءَ جي چائنٹ تائين پهچندي حالتون ڪو تسلي بخش ڪونہ آهن. جڏهن تہ ورهاڱي بعد باوجود سمورين مخالف حالتن جي، بنا زمين جي هڪ هنڌ مرڪوز نہ ٿي سگهڻ جي مجبوري، زمين جي جڙن کان ڪٽجي وڃڻ ڪري، ٻاشا جي ترقيءَ آڏو تہ ڇا انجي برقراريت آڏو ئي سوالن جا نشان هوندي بہ هند جي سنڌي گهٽائيءَ وارن صوبن خاص ڪري گجرات ۽ مهاراشٽر ۾ شاهي عمارتن ۾ ڪاليج کليا، زور شور سان ڪلچرل پروگرام ٿيا، سوين شاگرد داخلا وٺندا هئا، پر پوءِ اعليٰ تعليم جي بنياد پرائمري سيڪنڊري اسڪولن جو تمام تڪڙي رفتار سان بند ٿيندو وڃڻ، انڪري اعليٰ تعليم واسطي خطرا، سنڌي پڙهندي ڪو مفاد (ڪيريئر، روزگار، مالي فائدو) محسوس نہ ٿيڻ، ڪتابي سنسار تي ميڊيا ۽ سيٽلائٽس جي ڳجهن حملن جو ظاهر نتيجو، سرڪار پاران سنسڪرت، اردوءَ جي (ٻنهي ٻولين کي صوبو ڪونهي) پيٺ ۾ تمام گهڻ حوصلا افزائي وغيره جي باوجود سنڌي ٻاشا جي اعليٰ تعليم اڃا تائين تہ نراش ڪندڙ ڪونهي. اهو جدا سوچ جو موضوع آهي تہ اڄوڪي سازگار حالت کي برقرار رکڻ لاءِ واسطيدار ليڪچرارن کي واڌو محنت ڪرڻي ٿي پوي. شاگرد تلاش ڪري ڪين منٿون ڪرڻيون ٿيون پون ۽ ائين مجبي ڪٽي تہ پنهنجي مانائتي عهدي ۽ شاندار پگهارن ۽ پين مفادن جي لالچ ۾ ئي اِئين ڪرڻ لاءِ مجبور آهن تہ بہ ظاهر آهي رٽائرمينٽ تائين اهڙي جاکوڙ ڪرڻي پوندن. اِنڪري ايندڙ ٽي ڏهاڪا

ڪوشش جي آڪسيجن سان مريضن کي سلامت رکندا. موضوع جي چونڊ ڪندڙ هر هڪ شاگرد وٽان عزت ماڻ عيوض سندن هر هڪ ماڻي کي منهن ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيندا. بهرحال اڄ پارت ۾ سنڌي اعليٰ تعليم جي حالت هيٺيئن ريت آهي (سري ۾ واضح ڪيل نہ هوندي بہ مان خود کي پارت تائين محدود رکان ٿي، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ حالتون هتان کان بلڪل علحديون آهن).

1960ع ۾ ڊيڪن ڪاليج پونا ۾ سنڌي وياڳ برپا ٿيو. 1961ع ۾ ڊاڪٽر جيٽلي جي مقرري ٿي. لڇمن خوبچنداڻي، جهمٽ مل ڀاوناڻي، ڊاڪٽر جوتواڻي ۽ ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي خدمتون ڪيون. هن وقت يوڳراج ليکواڻي مقرر آهي. هتي غير سنڌي ماسترن کي هڪ سال لاءِ ڊيپوٽيشن تي گهرائي سنڌي سيکاري ويندي آهي، پوءِ اهي پنهنجن صوبن ۾ وڃي سنڌي پڙهائيندا آهن. هر سال 25 کان 30 ماستر (جن جي مادري زبان آسامي، گجراتي، مرهٽي ۽ مليالم وغيره آهي.) اهي سنڌي سکندا آهن.

ممبئيءَ ۾ جيئن تہ جئہ هند، نئشنل، ڪي سي ڪاليج خاص ڪري سنڌين برپا ڪيا، اِنڪري شروعاتي بہ ڍاڪا سنڌي مضمون بہ هلندو هو، پر ڏيري ڏيري حالت جي اثر ۽ پريشر ڪري ختم ٿيندو ويو. البت جوڙجڪ ۾ سنڌي ڀاشا جي تسليميءَ بعد سرڪاري بيانن ۾ سنڌيءَ جو شمارجڻ لازمي بڻجي پيو. ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي وياڳ جي شروعات تہ 1972ع ۾ ٿي چڪي، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ريڊر طور مقرري 5 جون 1975 تي ٿي. 1981ع کان ڊاڪٽر ارجن شاد، 1985ع کان ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي رهيا. 1994ع کان ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي ۽ 1996ع کان ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي ڪجهہ قدر وڏيڪ ڪوشش سان وياڳ هلائي رهيا آهن. ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪانسواءِ "سنڌي ڀاشا ڀون" جو اهميت

پريو عمدو، اوچو سپنو ساپيان ڪرڻ جو سندن پورهيو. سنڌ هند جي عالمن جا ليڪچر پروگرام، سيمينارن جو سلسلو ۽ معياري ڪتابن جي اشاعت، ريفريشر ڪورس ڪرائڻ وغيره جا اُدم تن ڏهاڪن ۾ فقط هنن جي ئي ڪاتي ۾ درج آهن. ايم اي جي ڪلاسن ۾ برابر شاگرد گهٽ آهن پر اهو مسئلو ٻين پارتي ٻولين سان بہ آهي. تحقيق تي مونکي اجا گهڻو ڳالهائڻو آهي، انجو بيان بعد ۾ ڪريان ٿي. بي اي، بي ڪام ۾ الهاس نگر جي چاندي ٻائي آر ڪي ٽي ڪاليج ۾ جهجهي تعداد ۾ شاگرد سنڌي مضمون جي چونڊ ڪن ٿا، انڪري آر ڪي ٽي ۽ چاندي ٻائي ڪاليج ۾ ٻہ ٻہ ليڪچرار مقرر آهن. ظاهر آهي هن وقت مجموعي طور مهاراشٽر جون حالتون وڌيڪ سازگار آهن. پونا ۾ بہ سنڌي مضمون انٽر ۾ آهي باقي ڊگريءَ جي ٻئين ۽ ٽئين سال ۾ سنڌي ڪٽڻ لاءِ ٻارن جو چاهہ ڪونهي.

راجستان ۾ بہ جيتوڻيڪ سنڌي مضمون 1974 کان ئي شروع ٿيو. اول پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي، موتيرام وليچا ۽ ڀڳوان ٽلواڻيءَ آنريري خدمتون ڏنيون. 1975 ۾ ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻيءَ جي مقرر ٿي. 1982 کان ايم. اي سنڌي مضمون منظور ڪيو ويو ۽ 1999 کان ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي ۽ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي پي ايچ ڊي لاءِ گائيڊ طور تسليم ٿيا. هت مڪمل شعبو يا وڀاڳ آهي. هن وقت ڊاڪٽر دادلاڻي، ڊاڪٽر مينا، ڊاڪٽر پرميشوري ۽ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي يعني ڪل چار ليڪچرار مقرر آهن. راجستان تعليم کاتي جي سخت نيمن موجب بي اي ۾ هر هڪ ڪلاس ۾ 20 - 20 ۽ ايم اي ۾ ڏهہ ڏهہ شاگرد هجڻ لازمي آهن يعني 80 کان 70 ٻار هوندا ئي آهن. ايم اي ۽ ڪوچنا لاءِ فقط گورنمينٽ ڪاليج ۾ ئي سنڌي آهي. راجستان ۾ شروعات ۾ ڪاليج راجستان يونيورسٽيءَ کان مڃتا حاصل ڪيل هو، پوءِ اجمير يونيورسٽيءَ

جي وجود ۾ اچڻ بعد 1986ع کان ان سان آهي. سنڌو يونيورسٽيءَ ۾ هجي ها تہ منظر ڪجهہ ٻيو ئي هجي ها. خاص ڪري يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي لاڳاپيل گرانٽ جي سڄي رقم هاٽي سائنس جي مضمون لاءِ خرچ ٿئي ٿي. سنڌي اقليتي (ٽورائي وارو مضمون) هجڻ ڪري پروجيڪٽ، سيمينار، ليڪچرس، لئبرري گرانٽ تمام گهٽ ملي ٿي. يونيورسٽيءَ ۾ پرائيويٽ امتحان ڏيڻ وارن جو بہ جهجهو تعداد آهي. نہ رڳو اجمير يا راجستان پر دهلي، اتر پرديش ۽ مديہ پرديش جي جدا جدا شهرن جا شاگرد بہ هتان ايم اي ڪري اوچ عهدا ماڻي رهيا آهن. ڪوٽا ۽ آديپور يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي مضمون چونڊ ورهين کان شروع آهي پر ليڪچرار جي مقرري نہ ٿي آهي. اجمير ۾ ئي سدا حيات تعليم دان شري جهمٽ مل ٽلواڻيءَ ڪي انتهائي شرڌا سان ياد ڪندي واضح ڪريان تہ هنن آدرش گروپ آف ايڊيوڪيشن جي رٿا موجب ميلواڻي آدرش ڊگري ڪاليج فقط ڇوڪرين لاءِ برپا ڪيو اٽڪل بہ ڏهاڪا اڳ اتي اڄ بہ سڄي ڪاليج ۾ 200 کان وڌيڪ سنڌي ڇوڪريون پڙهن ٿيون ۽ سنڌي مضمون ۾ بي اي جي ٽنهي سالن مان هر هڪ ۾ 60 کان 50 يعني ڪل 150 ڇوڪريون سنڌيءَ جي چونڊ ڪن ٿيون. جيسين اسڪولن مان فيڊنگ جاري آهي، تيسين بيشڪ سنڌي تعليم جي جوت تجلي سان جڳمڳائيندي رهندي. شري ٽلواڻي ۽ رٽائرڊ پرنسيپال سندري ڪيولراماڻيءَ سنڌي ماحول برقرار رکڻ لاءِ يادگار ڪوششون ورتيون.

دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لسانيات جي شعبي ۾ سنڌيءَ جي ريڊر جي روپ ۾ سنڌي کي بلنديءَ تي رسايو. ديش بنڌو ڪاليج ۾ پروفيسر جهانگياڻي، ڊاڪٽر داسواڻي، پدم شري ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ خدمتون ڏنيون. هن وقت اتي شريمتي وشوبيلاڻي اهو مضمون جاري رکڻ جو اڌمر ڪري رهي آهي. جڏهن تہ اتساهي نوجوان

ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي دهلي يونيورسٽيءَ جي لسانيات جي شعبي ۾ سنڌيءَ جا سرٽيفڪيٽ ڪورس، ڊپلوما ڪورس ۽ ايڊوانس ڪورس هلائي رهيو آهي، جنهن ۾ غير سنڌي داخلا وٺن ٿا. جيٺلي صاحب دهلي يونيورسٽي پاران ڪارائتا ڪتاب ڇپرائڻ جو اُدم پڻ ڪيو.

ڪجهه ورهيه اڳ لکنو ۾ اتر پرديش سنڌي اڪاڊميءَ پاران سرٽيفڪيٽ ڪورس هلائڻ لاءِ تعليم دان گهرائي سليبس ٺهرايو ويو هو ۽ ليڪچرار به مقرر ڪئي ويئي، جيڪا اهو مضمون هلائي رهي آهي. بنارس، لکنو، الله آباد، دهرادون ۾ به سرٽيفڪيٽ ڪورس جاري آهي.

گجرات يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي امتحان ڏيڻ جي سهولت هئي. اٺين ڏهاڪي ۾ جڏهن اجا اجمير ۾ ايم اي نه هئي، تڏهن گجرات مان ڊگري حاصل ڪبي هئي، هن وقت به سليبس ٺهيل آهي، پر ريگيولر ڪلاسز ڪونه آهن. احمد آباد جي سنت جيويئرس ڪاليج ۾ ڪجهه سال سنڌي مضمون هو. ٻڙودا جي يونيورسٽيءَ ۾ سبسيڊري مضمون طور سنڌي آهي، شاگرد به 25 کان 20 هوندا آهن. اتي هن وقت ورشا آڏواڻي ليڪچرار جي روپ ۾ ڪم ڪري رهي آهي. آديپور جي تولاڻي ڪاليج ۾ پڻ ساڳئي نموني سبسيڊري طور سنڌي آهي، جتي ومي سدارنگاڻي تمام سهڻي نموني خدمت ڪري رهي آهي. بيراڳڙهه جي ساڌو واسواڻي ڪاليج ۾ ڏهاڪو ورهيه اڳ سنڌي مضمون کولڻ جي چڱي جاکوڙ ڪئي ويئي پر ڪاميابي نه ملي.

اها ڪيتري عجب ۽ ڏک ڀري حقيقت آهي ته اسانجا سنڌي سڄڻ خاص ڪري N.R.I. (ملڪ کان ٻاهر رهندڙ) سنڌيءَ جي بدولت ئي ڪروڙين روپيا دان ڏين، عمارتون ٺهرائين، انجو فائدو به بيشڪ هر هڪ ڀارت واسي حاصل ڪري، پر سنڌي مضمون نه پڙهايو وڃي، سنڌي تهذيب ۽ سڀيتا کي نئين ٽهيءَ تائين منتقل نه ڪري سگهون ته اسين سنڌو ماتا جا سچا سپوت چورائڻ جو حق ڪيئن ٿا رکي سگهون؟.

# سنڌي تحقيق جي ترقي

اچو تہ پهرين تحقيق لفظ کي سمجهون. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، اُن جي ڄاڻ واسطي انسان گهڻيون راهون ڳولهي ڪڍيون آهن. ڪو اُن کي ذهني عناصر سان سمجهڻ چاهي ٿو، ڪو جذبي سان، ڪو وگيانڪ (سائنسي) ڇيد ۽ تجربي جي راهہ اختيار ڪري ٿو. آد جڳاد کان ائين ٿيندو آيو آهي ۽ اننت ڪال تائين اُن جون حدون پکڙيل آهن. اهڙيءَ ريت زندگيءَ جي مختلف پهلن جي وگيانڪ انداز ۾ ڪيل اڀياس کي تحقيق چئبو آهي، جنهن جي مدد سان انساني حياتيءَ کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي سگهجي.

ادبي تحقيق بابت هيرو ٺڪر لکي ٿو: گذريل وقت جي ليکڪن ۽ شاعرن جي تصنيفن جي کوج ڪري اهي روشني ۾ آڻڻ يا ان قسم جو جيڪو ساهت اڳ ۾ ئي روشني هيٺ آيو آهي، اُن جي متن يعني ٻولن،وياڪرڻ ۽ ٻين پهلن تي تاريخ ڀاشا وگيان، لپي وگيان، ڊڪشنري، زباني روايتن ۽ اهڙن ٻين ٻاهرين اُپاون ۽ متن منجهان ملندڙ اندروني شاهدين جي روشنيءَ ۾ انهن ۾ ترميم ۽ تصحيح ڪري اُنهن جي اصلي روپ ۽ معنيٰ سان پيش ڪرڻ جو ڪم ادبي تحقيق جو ڪم سڏجي ٿو. جو ڪنهن بہ ڀاشا ۽ اُن جي ساهت لاءِ نهايت اهميت رکندڙ ڪم آهي. سنڌيءَ ۾ تحقيق جي اوسر ۽ ٿيل تحقيق جي مواد بابت ڪجهہ نہ چوندي مان هت خود کي فقط اڪيڊمڪ ڊگرين لاءِ ٿيل تحقيق جي ذڪر تائين محدود رکان ٿي. اُنهن جي بہ معيار بابت ڪجهہ واضح ڪرڻ جي هت گهٽ ئي گنجائش آهي، بس ايم-فل ۽ پي-ايڇ-ڊي . جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوجنا جي ڪم جو بيحد مختصر ذڪر ڪنديس.

ڊاڪٽر ديال آشا کي ممبئي يونيورسٽيءَ پاران ڊي_لٽ جي ڊگري عطا ٿي. ڊيڪن ڪاليج پونا مان ڊاڪٽر جيٽلي کي پاشا وگيان تي 1965 ۾، ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کي شاهه لطيف آف ڀٽ تي، موهن لعل شرما کي ويدانت، ڊاڪٽر ديال آشا کي سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا تي، ارجن شاد کي سنڌي غزل تي، لڇمڻ خوبچنداڻي، پيتامبر ناڪواڻي، ڊاڪٽر جهانگياڻي، پروفيسر داسواڻي، مرلي پاوناڻي وغيره کي اهي گهٽو ٽٺو پونا ۽ ممبئي يونيورسٽيءَ مان انگريزي يا هندي پاشا ۾ پيش ڪيون ويون. ان روايت ۾ ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻيءَ جو شاهه ۽ جايسيءَ جي ڀيٽ، راڄ يونيورسٽيءَ (1989) ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي سنڌي اور هندي ڪا سانسڪرتڪ اڀياس (هندي) 2004، اجمير يونيورسٽي، اتان ئي ڊاڪٽر پرميشوري پمناڻي سامي اور سندرداس ڪا تلناتمڪ اڀياس تي 2002 ۾ پي_ايڇ_ڊي ڊگري عطا ٿي. 2005 ۾ مهرشي ديانند سرسوتي يونيورسٽيءَ مان اجمير جي ڊاڪٽر مينا ماڙڪملاڻيءَ کي ”بيوس ۽ اُنجا پوئلڳ“ موضوع تي ڊاڪٽوريٽ ڊگري عطا ٿي. هن اجمير جي ئي ڊاڪٽر هاسو دادلاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ ڪوجنا جو ڪم ڪيو.

دهلي يونيورسٽيءَ پاران ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻيءَ کي پي. ايڇ. ڊي. عطا ٿي آهي. هن ڊاڪٽر جيٽليءَ جي رهبريءَ ۾ ڪم ڪيو.

دهلي سنڌي اڪاڊميءَ پاران اهم موضوعن تي ماهرن کان تحقيقي مقالا پيش ڪرايا ويا آهن، جن جو معيار ڪافي سٺو هوندو آهي. ڪي ويهارو مقالا وياکيان مالا پروگرام ۾ پيش ٿي چڪا آهن. ڀارت سرڪار جي يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن پاران ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جو مائينر پروجيڪٽ قبول ڪيو ويو. ”ڪميونل هارموني ان سنڌي پوئٽري “ ۽ تازو ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻيءَ جو ميجر پروجيڪٽ قبوليو ويو آهي.

سنڌيءَ ڪان سواءِ ٻين مضمونن جي عالمن سنڌيءَ سان واسطيدار موضوع تي پي. ايڇ. ڊي. ڪئي، جن ۾ ڊاڪٽر يُو. ٽي. ٺڪر "سنڌي سنسڪرتي" ۽ ڊاڪٽر ڪشني قلواڻيءَ پشچمي راجستان ۾ "سنڌي گيبه پريما گيان" موضوع تي ڪم ڪيو.

ڊگريءَ ڪانسواءِ به چڱو ڪم ٿي رهيو آهي، خاص ڪري گنگارام سمراٽ، ليلو روچنداڻي، هيرو شيوڪاڻي، نند جويري، هيرو ٺڪر، سرگواسي نانڪرام ايسراڻي، پر ان لاءِ جدا مقالو لکڻ ضروري ٿي پوندو. في الحال مان خود کي اڪيڊميڪ مقصد سان ڪيل تحقيق تائين محدود رکان ٿي.

ممبئي وشو ودياليه مان ٿيل تحقيق جو بيان هن ريت آهي.

## ايم-فل

| سال | ڪوجنيڪ | گائيڊ | وشيه |
|---|---|---|---|
| 1985 | ٻلديو مٽلاڻي | رام پنجواڻي | سچل جون واديون |
| 1985 | جگديش لڇاڻي | ارجن شاد | سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر |
| 1985 | جگديش لڇاڻي | ڊاڪٽر ديال آشا | جديد شعر جو باني بيوس |
| 1989 | منوهر مٽلاڻي | نارائڻ ڀارتي | شاهه جو سرمور |
| 1990 | لڇمڻ چاندواڻي | نارائڻ ڀارتي | لوڪ چوڻين جو هڪ جائزو |
| 1990 | مينا شهدادپوري | نارائڻ ڀارتي | سنڌي ڪهاڻين جي ڦهلاءَ ۾ موهن ڪلپنا جو حصو |
| 1996 | نيلم موٽواڻي | ٻلديو مٽلاڻي | ساميءَ جا سلوڪ |
| 1996 | آشا رنگواڻي | ٻلديو مٽلاڻي | هري دلگير شخص ۽ شاعر |
| 1999 | انيتا ڏوڏيجا | ٻلديو مٽلاڻي | رام پنجواڻيءَ جو سنڌي نثر ۾ حصو |

متين گرنٿن مان ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي، منوهر متلاڻي، جڳديش لڇاڻي، مينا روپچنداڻيءَ ئي تحقيق کي ڪتابي صورت ۾ ڇپارائي عوام آڏو آندو. اميد ڪجي ممبئي وشو ودياليه ۽ NCPSL مان ته باقي تصنيفون به اشاعت هيٺ اچي ادبي سرمائي ۾ اضافو آڻينديون. بهرحال ڇپيل متيون چار ئي ٿيسز ساهت کي نئون ڍنگ ڏيڻ جو دم رکن ٿيون. جيئن ته ايم ـ فل فقط ممبئيءَ ۾ ئي آهي، اجمير ۾ فقط پي ـ ايچ ـ ڊي ۾ ڪوجنا جو ڪم ڪري سگهجي ٿو. جتان ڊگري حاصل ڪيل هڪ به ٿيسز اڃا ڇپجي نه سگهي آهي. ادارن کي اهڙن ڪتابن لاءِ دل کولي مالي امداد ڏيڻ گهرجي. هڪ طرف سيمينارن تي لکين روپيا فراخ دليءَ سان خرچ ڪيا ٿا وڃن. ٻئي طرف ٻن ڪان وٺي ست اٺ سال نور نچوئي ذهني پورهيو ڪري تيار ڪيل قبول پيل ٿيسز جا ڊزن گرنٿ فقط يونيورسٽيءَ جي ڪٻٽن جي سونهن بڻيل يا جاءِ گهيريندڙ. ممڪن آهي ڪڏهن آرڊر ٿئي، گذريل ٻن ڏهاڪن جون ٿيسز رديءَ ۾ وڪڻي نين رچنائن لاءِ جڳهه خالي ڪريو:

## هاڻي ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پي ـ ايچ ـ ڊي لاءِ قبول ٿيل ٿيسز جي وضاحت

| سال | ڪوجنيڪ | رهبر | وشيه |
|---|---|---|---|
| 1978 | ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي | پروفيسر رام پنجواڻي | لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پس منظر |
| 1981 | ڊاڪٽر موتي پرڪاش | پروفيسر رام پنجواڻي | سنڌي شاعريءَ ۾ استريءَ جو چٽ |
| 1982 | ڊاڪٽر چندو لا جئسنگهاڻي | پروفيسر رام پنجواڻي | سنڌي ناول جي اوسر |
| 1986 | ڊاڪٽر پريم پرڪاش | ڊاڪٽر ارجن شاد | سنڌي ناٽڪ جي اوسر |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1993 | ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي | ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي | سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ |
| 1995 | ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي | ڊاڪٽر ديال آشا | شاهه ۽ سچل جو تقابلي اڀياس |
| 1996 | ڊاڪٽر ڄينو لعلواڻي | ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي | ٻنيءَ جو لوڪ ادب |
| 1996 | ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي | ڊاڪٽر ديال آشا | ٻال ساهت |
| 1998 | ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي | ڊاڪٽر ديال آشا | گوبند مالهي شخص ۽ اديب |
| 2001 | ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي | ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي | ڀارت جي سنڌي شعر ۾ ورهاڱي جي تصوير |

مٿيون لڳ ڀڳ سموريون ٿيسز ڇپجي چڪيون آهن. هي اُهي مثال آهن، جي ڪنهن رنڊڪ پر نہ ڊنا. رنڊڪن جون ڇپون محڪم ارادي ۽ محنت سان پرزا پرزا ڪيون. پر هر ڪنهن جا حوصلا ايترا بلند نہ هوندا آهن. مون کي ذاتي طور ڄاڻ آهي تہ اٺين ڏهاڪي ۾ اٺ ڏهہ ساٿي سنجيدگيءَ ۽ اُتساهہ سان تحقيق لاءِ وڌيا. ڪن رجسٽرڊ ٿيڻ کان اول ئي بان پري، ڪن ڪجهہ ڪم ڪري ٿڪجي نراشا جو دامن پڪڙيو. ڪي تہ پاڻ پنهنجو ڪتاب ڇپارائي صبر ڪري ويٺا. هيءَ سڪي جو هڪڙو پاسو آهي، ٻيو پاسو بہ عجب ۾ وجهندڙ ئي آهي جو ڪي گهٽ محنت ۾ ئي منزل تي پهچيو وڃن. ڪن ۾ مولڪتا ڪونهي تہ ڪي هن هن جي مدد سان مڙيوئي ........ حالتون هئي سازگار نہ ليکبيون.

شخصي آزمودي مان ڪوجنا ڪندڙن کي اهو عرض ڪنديس تہ مضمون سان جڙي وڃن، لين تي وڃن، جهجهو اپياس ڪري بهترين چيز ڏين. ممبئي ۽ اجمير مان ڪن جا نالا درج آهن. ضرورت آهي ترتيب سان ڪم ڪرڻ جي. حقيقت ۾ منهنجو هيءَ مقالو انفارميٽو وڌيڪ آهي، فقط تحقيق تي جدا مقالي جي ضرورت آهي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# ادب جي نفسياتي تنقيد

اسان ادب جي پرک ڪرڻ وقت هميشہ فن جي اهميت، ٻولي، جماليات ۽ فڪري بحثن کي ترجيع ڏيندا آهيون پر اسان ادب جي نفسياتي پرک ڪرڻ جا عادي ناهيون جڏهن اسان ادب لاءِ شعور، لاشعور، الهام ۽ وجدان جهڙا لفظ استعمال ڪندا آهيون تہ پوءِ خود بخود اسان علم نفسيات جي دائري ۾ اچي ويندا آهيون. عالمي ادب ۾ اسان کي علم نفسيات جي تنقيد جا رجحان تمام گهڻا ملن ٿا. فرائيڊ کان اڳ"رومانوي تحريڪ" جي ڪولرج جڏهن پنهنجي مشهور نظم "Kubla Khan" لاءِ چيو هو تہ اهو نفسياتي عجوبو (Psychological Curosity) آهي. (1) ان جو مطلب تہ ڪولرج وٽ ادب جي نفسياتي اهميت جو تصور موجود هو ۽ اڳتي هلي ڪولرج جهڙي طرح تخيل جي تشريح ڪئي اج بہ فلسفي ۽ نفسيات ۾ انهي جي اهميت آهي. ڪولرج جي تخيل جي نفسياتي اهميت کي هربرٽ ريڊ هن طرح بيان ڪيو آهي تہ:

"ڪولرج کي اهو يقين هو تہ تخيل پنهنجي اعليٰ تر توانائي ۾ هڪ جوش حيات (Vital Force) آهي ۽ انهيءَ جو بنياد لاشعور ۾ آهي." (2)

1910ع ڊاڪٽر ارنسٽ جونز تحليل نفسي جي روشني ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي هيملٽ جي پرک ڪئي جنهن ۾ هن هيملٽ کي ايڊي پس الجهاؤ (Oedipus Complex) جو شڪار ڏيکاريو.

هيملٽ ۾ فيصلي جي قوت گهٽ هوندي آهي هو پنهنجي مڪمل طاقت ساڻ بہ پنهنجي پيءُ جي بدلي وٺڻ ۾ دير ڪندو آهي تحليل نفسي جي مطابق

قوت فيصلہ ان وقت مفلوج ٿيندي آهي جڏهن لاشعوري محرڪ شعوري اراري ۽ مقصد تي حاوي ٿي رهيا هجن. ارنسٽ جونز انهي ڪشمڪش کي ايڊي پس اڻ تڻ (الجهاؤ) قرار ڏنو هن جو خيال هو تہ هيملٽ پنهنجي ماءُ سان وڌيڪ پيار ۽ پيءُ سان لاشعوري نفرت ڪندو هو. انهيءَ ڪري پيءُ جي قتل جو بدلو وٺڻ ۾ دير ڪئي.

ساڳئي طرح ارنسٽ جونز شيڪسپيئر جي شخصيت جو بہ جائزو سندس ادبي ڪاوشن ذريعي وٺڻ شروع ڪيو تہ خود شيڪسپيئر هيملٽ لکي پنهنجي نفسياتي تسڪين جو هڪ ذريعو پيدا ڪيو.

ارنسٽ جونز بنيادي طرح فرائيڊ جي نظرئي جو پوئلڳ هو تنهن ڪري فرائيڊ جي واضح ڪيل نفسياتي اصطلاحن مطابق هن تنقيد ڪئي.

1942ع ۾ ڊاڪٽر هانس شاس فرائيڊ جي سوانح عمري Freud: Master and friend" ۾ انهي ڳالهہ کي واضح ڪيو تہ فرائيڊ جو ادب ڏانهن لاڙو تمام گهڻو هو. خود فرائيڊ جو چوڻ هو تہ هو نفسيات دان نہ هجي ها تہ ناول نگار هجي ها هن ڪتاب ۾ تخليق ۽ تخليقڪار جو لاشعور سان تعلق ۽ اثراندازي جو گهرو اڀياس ڪيو ويو آهي. ان ڪان پوءِ نفسياتي تنقيد جي دنيا ۾ ايڊمنڊ ولسن جو نالو اچي ٿو. هن تخليقڪار جي شخصيت جي ائبنارملٽي جو تخليق تي اثر جو مطالعو ڪيو ۽ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ انسان بنيادي طرح وحشي جانور ناهي بلڪ انسان مريض آهي.

هن سوفوڪليز (Sophocles) جي ڊرامي "Philotetes" جو تجزيو ڪندي هڪ مقالو لکيو "The wound and the bow" جنهن ۾ هن ثابت ڪيو تہ تخليقڪار جي بيماري نفسياتي طور وڏي اهميت رکي ٿي بلڪ تخليق ذريعي ليکڪ پنهنجي بيمار شخصيت ۾ سڌارو آڻي سگهي ٿو.

هن ڊرامي جي ڪهاڻي ڪجهہ هن طرح آهي تہ:

”فوج جنگ ڪرڻ وڃي رهي آهي هڪ سپاهي کي نانگ ڏنگي وجهي ٿو ڪردار مري نہ ٿو پر سندس پير ۾ زخم اهڙو گهرو ٿئي ٿو جو ان مان روڳ ۽ بدبوءِ هين لاءِ آزار بڻجي وڃي ٿي فوج ان سپاهي کي اتي ئي رستي ۾ ڇڏي اڳتي وڌي وڃي ٿي.

جنگ جي دوران طلسمي قوتن جي تير اندازي جي ضرورت پوندي آهي تہ جنگ فيصلہ ڪن ٿي پوي پر اهو فن ۽ طاقت صرف ان سپاهي وٽ هوندي آهي جنهن کي هنن رستي ۾ ڇڏي ڏنو ۽ آخر فوج جو سردار حڪم ڪندو آهي تہ وڃو انهيءَ سپاهي کي پرچائي وٺي اچو. آخر اهو سپاهي ايندو آهي اهو طلسمي تير اندازي ڪري جنگ کٽرائي ڏيندو آهي پر هڪ معجزو اهو ٿيندو آهي تہ هو جيئن تير اندازي ڪندو آهي تئين سندس پير جو ناسور بہ ٺيڪ ٿيندو ويندو آهي ۽ آخر صحتياب ٿي ويندو آهي.“

هن ڊرامي ۾ نفسياتي طرح تشريح هيئن ٿيندي تہ زخم پير جو ناسور تخليقڪار جي ائبنارملٽي آهي. هڪ اعصابي خلل آهي. ڪمان ۽ تير اندازي ڪرڻ تخليقڪار جو تخليقي جوهر آهي ۽ اهو ئي جوهر تخليقي عمل آهي. جڏهن تخليقڪار تخليق جي عمل مان گذرندو آهي تہ سندس اعصابي خلل بہ ٺيڪ ٿي ويندو آهي. هن بنياد تي ماڻهوءَ جي صلاحيتن جي پرک بہ ڪبي آهي تہ ڪنهن ۾ ڪيتري صلاحيت آهي پر سماج هن ڪان سندس صلاحيت مطابق ڪم نہ وٺي تہ ماڻهوءَ ۾ اعصابي اڻ تڻ ٿيندي آهي. هن ڊرامي جو سماجي اهو بہ پهلو آهي تہ جيڪو ماڻهو معاشري لاءِ ناچاڪ آهي پر ان جي صلاحيتن جي ضرورت پوي تہ قابل قبول آهي.

نفسياتي تنقيد ۾ ائڊلر Alfred Adler 1870 – 1937

۽ ڊاڪٽر جنگ Carl Jung 1875 – 1961

جي نظرين جو بہ وڏو اثر موجود آهي. جيئن فرائيڊ جو چوڻ هو “World

moves around the Sex" يعني دنيا جنس جي چوڌاري گهمي ٿي. پر ايڊلر جو خيال هو تہ:

"Fundamental drive in life is the desire for power." (3)

هن خيال جي بنياد تي ايڊلر احساس ڪمتريءَ (Inferiorty Complex) وارو نظريو ڏنو.

هن نظريي جي مطابق هر ماڻهو ۾ ڪا ازلي کوٽ آهي، جنهن جي پورائي لاءِ هو لڪائيندو رهندو آهي. ڪا نہ ڪا ڳالهہ، ڪو هنر، ڪو فن، ڪا تخليق ڪري پنهنجي اندازجي کوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هن نظريي مطابق جڏهن ڪو بہ تخليق ڪار تخليق ڪري ٿو تہ دراصل هو پنهنجي اندر جي احساس ڪمتري مان جان ڇڏائڻ چاهي ٿو. جيئن پنهنجي وجود جون محروميون ۽ خواهشون ناآسودگيون اديب پنهنجي ڪردارن ذريعي خيالن جي دنيا ۾ پوريون ڪندو آهي ۽ ساڳي وقت اديب جي ذات جو اظهار سندس ناموس ۽ تعريف سندس انهي کوٽ کي پورو ڪندي آهي.

ڊاڪٽر جُنگ (Jung) وري اجتماعي لاشعور وارو نظريو ڏنو.

فرائيڊ لاشعور جو تصور ڏنو جيڪو انفرادي نوعيت جو هو تہ فرد جو پيدائش کان وٺي لاشعور ٿيندو آهي. پر ڊاڪٽر جنگ لاشعور کي انهي فرد کان اجتماعي، سماجي ۽ خانداني نوعيت جو قرار ڏنو تہ لاشعور صرف فرد جو ذاتي نہ پر اجتماعي بہ هوندو آهي. انهي لاشعوري بنياد تي ڪنهن قوم جي نفسياتي ساخت جڙندي آهي ڪنهن سماج جي ساخت ٺهندي آهي.

هاڻي جيڪڏهن اسان غور ڪنداسين تہ اسان جي سنڌي اديب جيڪي قومي جذبي تحت ناول لکيا يا شعر چيا تہ يقيناً انهن جي پنيان قوم جو اجتماعي لاشعور ۾ ويٺل قومي جذبو هو خاص طور سان سراج جا ناول، آغا سليم جو "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" علي بابا جو "موهن جو دڙو" انهي ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪن ٿا تہ تخليق ڪارن جي لاشعور ۾ پنهنجي قوم جي وڏائي،

همت، تاريخ، قدر اثر انداز آهن ۽ ساڳئي وقت ايڊلر واري احساس ڪمتري تي پرکيو وڃي ته اها ڳالهه به ظاهر ٿيندي ته سنڌي قوم جو زوال ۽ غلامي جو احساس اديب کي سندس ذهني احساس ڪمتري ۾ ڌڪي پيو جنهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ هو پنهنجي قوم جي سنهري ماضي کي خوبصورتي سان ڪارنامن سان پيش ڪري پيو.

اسان وٽ سنڌي ۾ نفسياتي تنقيد اجان آڳاهون نه ٿي آهي پر ايترو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ادب ۽ اديب جي نفسياتي پرک ڪرڻ لاءِ گهڻو مواد پيو آهي، ڇو ته اسان جو اديب نه صرف علم نفسيات کان واقف آهي بلڪ ڪيترين تحريرن ۾ هو نفسياتي نظرين جو اثر ظاهر ڪري ٿو.

هتي مان مثال غلام رباني آگري جي ڪهاڻي "اڪڙيون اجايون" (4) جو ڏيندس. هي ڪهاڻي آب_ حَيات ڪتاب جيڪو 1960ع ۾ ڇپيو ۾ موجود آهي. هن ڪهاڻي ۾ فرائيڊ جي ٿيوري ته "خواب اسان جي نا آسوده جنسي خواهشن جو روپ آهن"، وارو فڪر موجود آهي. ڪهاڻي ۾ هڪ ڪردار خواب ۾ ڏسي ٿو ته هن ڪنهن حسين اک ۾ اسٽيل (قلم) اڇلائي هنيو آهي.

نفسيات جو شاگرد سندس دوست آهي جيڪو خواب جو تعبير ڪيس ٻڌائي ٿو ته سندس خواب اندر ۾ دٻيل جنسي جذبي جو لاشعوري اظهار آهي.

. هن سڄي ڪهاڻي ۾ فرائيڊ جي نظرئي مطابق ڪردار جنسي خواهشن جو دٻيل اظهار ڪندو رهندو آهي.

فرائيڊ چيو هو ته جنسي خواهش صرف جنسي عمل ناهي بلڪ "انسان جي سڄي ذات ۾ جنس جاري وساري هوندي آهي ۽ هر ڪم ۾ مداخلت ڪندي آهي يعني پيانو وڄايون يا دهل پر ان ۾ جنس جو عمل دخل هوندو آهي." (5)

غلام رباني آگري صاحب هي ڪهاڻي ڏاڍي فني پيرائي ۾ فرائيڊ جي نظرئي جي پوئيواري ۾ لکي آهي.

نفسياتي تنقيد جي دنيا ۾ هربرٽ ريڊ اهڙو تنقيد نگار هو جنهن فرائيڊ، ڊاڪٽر جنگ ۽ ايڊلر جي ٽنهي نظرين ۾ توازن آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽنهي نظرين جي اهميت ۽ فائدي کي سمجهيو هن جو چوڻ هو تہ تنقيد وضاحت ڪرڻ جي هڪ سلسلي جو نالو آهي جيڪا انسان جي ذهن جي عجيب و غريب پراسرار لڪل رازن کي بہ ظاهر ڪري ٿي تہ وري خارجي دنيا جي رنگن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. اهڙي طرح هن يورپ جي ڪلاسيڪل ۽ رومانوي شاعري کي خارجي ۽ داخلي عڪسن جو نالو ڏنو.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ يورپ وانگر ڪلاسيڪل دؤر فڪري حوالي سان نہ رهيو آهي پر اسان صرف ادب کي تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڳڻيون ٿا. اسان جي ادب ۾ فڪري طور گونا گون رنگ ملن ٿا داخلي ۽ خارجي عڪس گڏ ملن ٿا.

جيئن شاهہ لطيف ۽ سندس شاعري جو نفسياتي جائزو ورتو وڃي تہ شاهہ وٽ گهڻ رخو فڪر ۽ زندگي جا پراسرار رنگ ملندا. مثال شاهہ صاحب جي شاعري ۾ عورت جي زباني شاهہ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. مثال

1. اديون عبداللطيف چئي.
2. پينر هن پنهور ۾.
3. آيل ڪريان ڪيئن.

يعني شاهہ عورت جي الميہ کي ڏک کي وڌيڪ ڳايو آهي تہ ڇا اسان اهو سوال ڪٺي سگهون ٿا شاهہ صاحب ايڊي پس ڪمپليڪس جو شڪار هو؟

شاهہ صاحب جي لاشعور ۾ موروثي طور ۽ فردي طور ڪهڙا عوامل هئا جو شاهہ تخليقي طور ايڏو وڏو شاعر هو.

ساڳئي طور جديد ادب ۾ شيخ اياز جي فڪري لاڙن، رومانويت ۽ دعائن جا سبب بہ نفسياتي تنقيد ذريعي ڳولي سگهجن ٿا.

جيئن امر جليل جي تقريباً سڀني ڪهاڻين ۾ پيار نہ حاصل ڪري سگهڻ جو درد شامل آهي تہ ڇا امر جليل جي لاشعور ۾ سنڌي قوم جي اجتماعي محرومي جو اثر آهي ۽ سندس داخليت ۾ ڪا محرومي احساس ڪمتري هيٺ ڪيس ڪهاڻين ۾ اهڙا ڪردار چونڊڻ تي مجبور ڪري ٿي؟

ساڳئي طرح موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين ۾ زندگي جو اهو خال موجود آهي جيڪو رومانويت جي انتها تي پهچڻ ڪان پوءِ بہ پورو نٿو ٿئي يعني موهن ڪلپنا ايڊلر جي ان نظرئي هيٺ هڪ اهڙي ڳولا ۾ آهي جيڪا ڪڏهن بہ پوري ناهي ٿيندي. سوين حسين خوبصورت عشقن جي قصن سان ڀريل ڪهاڻيون دراصل موهن جي اندر جو هڪ فرياد بڻجي وڃن ٿيون تہ فرد جي داخلي پيڙا ۽ خال نہ ڀرجڻ جو آهي.

نفسياتي تنقيد مطابق دنيا ۾ نارمل ڪا بہ شيءِ ناهي هر اديب Auto Immune System (يعني خودڪار پاڻ بچاءُ تحت) تخليق ڪري پنهنجي اڻ تڻ مان جان ڇڏائي ٿو. ساڳئي وقت تخليقڪار جنسي دٻاءُ تحت خوبصورت تخليقون ڪري جماليات جي دنيا ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ڇو تہ اديب جو شعور، تحت الشعور ۽ لاشعور سگهاري طرح سان ڪم ڪن ٿا. انهي ڪري تخليقڪار جو وجدان تيز هوندو آهي. جنهن ڪري ڪيس الهامي هئڻ جي ڳالهہ چئي ويندي آهي. علم نفسيات ايترو وسيع ۽ پيچيده آهي جو انهي بنياد تي تنقيد ڪرڻ ۽ سڀئي پاسا جاچڻ ڪو آسان ڪم ناهي پر انهي پاسي بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

## حوالا ۽ حاشيہ

1. Read Herbert "The true vice of feeling" P – 172 London Faber and Faber, n.d.
2. محمداحسن فاروقي ڊاڪٽر "تخليقي تنقيد" ص 174 ڪراچي اردو اڪيڊمي سنڌھ 1981.
3. J.A.C Brown "Distressed Mind" P – 63 London walts Co 1949.
4. غلام رباني آگرو "آب حيات" ص 100 زندگي پبليڪيشن گاڏي کاتو، حيدرآباد 1960.
5. روزنامہ "نصرت" – لاھور 3 جولائي 1961ع.
6. هند مقالي لکڻ لاءِ ڊاڪٽر سليم اختر جي پي ايچ ڊي جي ٿيسز جيڪا پنجاب يونيورسٽي ۾ 1978ع ۾ پيش ڪئي ويئي هئي جيڪا سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1998ع ڇپائي. موضوع هو "اردو ۾ تنقيد کا نفسياتي دبستان" مطالعو ڪيو ويو ۽ مدد ورتي ويئي.
7. سراج ميمڻ صاحب جا ناول، علي بابا جو ناول، آغا سليم جا ناول ۽ شاھ صاحب جي رسالي جو مطالعو ڪيو ويو.
8. سوفوڪليز جا تقريباً 100 کن ڊراما لکيل آهن سندس پيدائش جو دؤر 496 ق م آهي. هي يونان جو مشهور ڊرامہ نگار هو. هن فيلوطيطس نالي ڊرامو 409ق ۾ لکيو.
9. ايڊيپس يوناني ڏند ڪٿا جو ڪردار آهي جنهن بي خبري مان پنهنجي پيءُ کي ماري پنهنجي ماءُ سان شادي ڪئي هئي فرائيڊ ان ڪردار کي نفسياتي اصطلاح طور استعمال ڪيو آهي.
10. الفريڊ ايڊلرآسٽريا ۾ 7 فيبروري 1870 ۾ ڄائو 28 مئي 1937ع تي وفات ڪيائين هي ميڊيڪل ڊاڪٽر ۽ سائيڪالوجسٽ هو.

ڪارل جنگ 26 جولاءِ 1875ع ۾ هڪ ننڍي ڳوٺ سوئز Swiss ۾ ڄائو فرائيڊ جو دوست هو 1907ع ۾ فرائيڊ سان ويانا ۾ مليو. 6 جون 1961ع Zurich ۾ وفات ڪيائين.

سگمنڊ فرائيڊ 1856ع ۾ فرائيبرگ ۾ ڄائو. لڏي اچي ويانا ۾ پاڻ ميڊيڪل ڊاڪٽر ۽ سائيڪالوجسٽ هو.

شازيہ پتافي

# هتان ڪُٺي هت، جن رکئو سي رسيون

انسان پنهنجي انتهائي ابتدائي دؤر ۾ ڇڙوڇڙ رهندو هو، جتي هن لاءِ ڪيئي خطرا هئا. جهنگلي جانورن ۽ فطرت جي آفتن هن کي گڏجي رهڻ جي ضرورت جو احساس ڏياريو ۽ هن گروهن جي صورت ۾ رهڻ شروع ڪيو، اها سماجي زندگيءَ جي ابتدا هئي.

سندس ان سماجي زندگيءَ ۾ وقت سان گڏ تبديليون ايندي رهيون آهن. چيو ويندو آهي تہ "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي-" انسان غارن کان ميٽرو پوليٽن شهر اڏڻ تائين، ڏاند گاڏيءَ کان هوائي جهاز جو سفر طئي ڪيو آهي. ظاهر آهي تہ ان سفر ۾ هن ڪيئي دشواريون بہ ڏٺيون ۽ حل ڪيون آهن. ڪا بہ تبديلي آڻڻ لاءِ پهريون قدم ذهني سجاڳي هوندو آهي:

"Social theories arise because they are necessary for society, because without their organizing, mobilizing and transforming work the solution of the problems which have come to a head in the evolution of society is impossible." (1)

۽ اها ذهني سجاڳي ئي قومن جي تقدير جو فيصلو ڪندي آهي. ڪنهن مسئلي کي مسئلو سمجهڻ ئي ان جي حل ڪرڻ لاءِ ضروري هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين ڪن "موجود حالتن" کان بغاوت يا بيزاري نٿي محسوس ڪئي وڃي تيستائين انهن جي تبديليءَ لاءِ سوچڻ جو سوال ئي نہ ٿو اڀري.

"ڪنهن موجود هاڃي کي هاڃو سمجهڻ ۽ ان کي ختم ڪري ڪنهن نئين لاڳاپيل صورت جي پيدا ڪرڻ جي ضرورت جي احساس کي "انقلابي شعور" تو

چئجي. ان لاءِ پوري پوري ۽ هر طرح جي ڪوشش ۽ قربانيءَ کي انقلابي جدوجهد ۽ ان ۾ ڪاميابيءَ کي ”انقلاب“ تو سڏجي.“ (2)

بغاوت اهو ئي ماڻهو ڪندو آهي جنهن کي پنهنجي حقن جو شعور هجي ۽ تاريخي شعور يا تبديليءَ جي عمل کي سمجهڻ جي ساڃاهه هر ڪنهن وٽ نه هوندي آهي. اهي معاشري، قوم ۽ ملڪ جا ڏاها، اهل قلم ۽ اهل دل هوندا آهن، جيڪي اهڙي رستي تي پاڻ به هلندا آهن ۽ ٻين کي به اتساهيندا آهن ته وري انهن لاءِ مشعل راهه جو ڪم به سرانجام ڏيندا آهن.

اڃي اڃهايو آڳ کي، پتنگن سين پرواز،
ڪامي خاڪ تيڻ جا، انهين وٽ انداز،
رمز پروڙيئون راز، چيري جي چيءَ جا.

سنڌ جي سرويچ سوڀي گيانچنداڻي مطابق:

”انقلاب شروعات ۾ اڪثريتون شروع نه ڪنديون آهن. انقلاب جي بسم الله هڪ با همت، تربيت يافته ۽ ڪنهن نظرئي جو علمبردار اقليتي فورس آڻيندو آهي ۽ نيٺ وڃي اڪثريت جي تائيد حاصل ڪري ڪاميابي ماڻيندو آهي.“ (3)

انقلاب موجود نظام سان بغاوت جي نتيجي ۾ ايندا آهن، ان تبديلي آڻڻ لاءِ ڪي تعميري طريقا هوندا آهن ته ڪي وري تخريبي، پر ان تخريب جو مقصد به تعمير هوندو آهي، جو ته اهو عام مروج طريقو نه هوندو آهي، ان ڪري ان جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي ۽ ان کي بغاوت ۽ شرپسندي سڏيو وڃي ٿو. انقلابين کي انهن سيني رڪاوٽن کي نه صرف منهن ڏيڻو آهي بلڪ وڏي همت سان اڳتي وڌڻو آهي:

جيئن جيئن جهلي جگ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي،
ڳهلو تو ڳالهيون ڪري، ورسئو پُٽي وڳ،
لوڪ لتاڙي ننڊ ۾، پنيءَ لالڻ لڳ،
آرياڻي اوڙڳ پنيوران پاهر ٿي.

سبط حسن بغاوت ۽ انقلاب ۾ فرق جي باري ۾ لکي ٿو:

"سماجي اور پيداواري رشتون مين بنيادي تبديليان لاني کا نام انقلاب هي. معاشرتي ارتقا کي يہ وہ منزل هي جهان پهنچ کر فکر و عمل کا منفي انداز مثبت صورت اختيار کر ليتا هي اور حال سي انکار ايک بهتر مستقبل کا مزده سناتا هي. انقلاب تخريب بهي هي تعمير بهي۔ چنانچہ هر انقلابي کي لئي باغي هونا شرط هي ليکن هر باغي انقلابي نهين هوتا اور نہ هر بغاوت انقلاب کي نقيب هوتي هي۔" (4)

جيڪڏهن عمل جو صحيح رخ نہ هوندو تہ اهو فائدي بدران نقصانڪار ثابت ٿيندو، ان لاءِ ضروري آهي تہ عمل ڪرڻ کان اڳ واضع نقطئہ نظر هجي، سفر شروع ڪرڻ کان اڳ رستي جي آگاهي ۽ منزل جو تعين هئڻ ضروري آهي. لينن چيو آهي تہ،

"Without revolutionary theory, there can be no revolutionary movement." (5)

نظريا قوم جا دانشمند ۽ ڏاها ڏيندا آهن، جيڪي پنهنجي ماڻهن سان لاڳاپيل ۽ انهن جا هڏ ڏوکي هوندا آهن.

ڇا شاهہ عبداللطيف سنڌي سماج ۾ ڪا تبديلي چاهي پئي يا هو حالتن کان مطمئن هئو؟ جيڪڏهن هن تبديلي چاهي پئي تہ سندس نظريو ۽ طريقو ڪهڙو هئو؟ هن ڪهڙا گس ۽ پيچرا ٻڌايا آهن جيڪي اسان کي سوب سان سرخرو

ڪندا؟ هي اهي سوال آهن جن جا جواب اسين سندس شاعريءَ مان ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

شاهه عبداللطيف سماج ۾ موجود غلط رسمن رواجن جي خلاف هو. هو ماڻهن کي هڪ نئين دنيا اڏڻ ۽ سماجي شعور اجاگر ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو. هن ڪڏهن به ”عامن سندو عام“ ٿيڻ جي ترغيب نه ڏني آهي بلڪ سدائين نيون واٽون گهڙڻ جي تلقين ڪئي آهي:

اڪ اُلٽي ڏار، وَڻءِ الٽو عام سين،
لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار،
منجهان نوچ نهار، وهه پُنيرو پرينءَ ڏي.

شاهه سائينءَ جو اعليٰ پائي جو نقاد ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو:

”اسان جي ايشيائي ملڪن جو سماج خاص ڪري سنڌي سماج انهن تڪڙين سماجي تبديلين کان وانجهو رهيو آهي، ان ڪري صدين تائين ساڳين روايتن ۽ ساڳئي فڪر کي جهٽيو پيو آهي. جيڪو سماج صدين تائين بيٺل ٿو رهي، اهو بيٺل پاڻيءَ وانگر سينوارجي ٿو وڃي ۽ خراب ٿيو پوي. سنڌي سماج جي ان صدين پراڻين بيٺل روايتن کي شاهه لطيف يڪايڪ بدلائي ڇڏيو ۽ سنڌي سماج کي اڳتي وڌايو. سنڌي شاعريءَ جي ارتقا ۾ شاهه لطيف جو وجود هڪ وڏي ڇال (Leap) وانگر آهي، جنهن سنڌ ۾ صدين کان رائج سماجي ۽ اخلاقي قدرن کي يڪايڪ بدلائي ڇڏيو.“ (6)

پيو منجهه قلهيار، ماڻڪ ميرو نه ٿئي،
لائي تنهن نه لهي، ساري سپ چمار،
ولها جي وينجهار، ڪچ ڪمائين ڪين ڪي.

اهو ماڻڪ ڪيئن ميرو ٿي سگهي ٿو جيڪو هر وقت باهہ ۾ هجي؟ باهہ هڪ انقلابي قوت آهي جيڪا شين جي بناوت ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿي ۽ اها مادي جي هڪ صورت کي ٻيءَ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي. ڀٽائي رح متئين بيت ۾ ٻڌائي ٿو تہ صرف اهي جيڪي وقت جي صدا تي ڪن لاڻار نہ ٿا ڪن بلڪ پاڻ کي تبديليءَ جي لاءِ تيار رکن ٿا انهن کي سڄي جمار نئون سج نئين زندگيءَ جو پيغام ڏيندو رهندو.

هر ڏاهي ۽ قوم جي سڄاڻ شخص کي پنهنجي ماڻهن جي سجاڳ ڪرڻ جو اونو هوندو آهي، "سلطاني سهاڳ" ننڊون ڪندي نہ ملندو آهي، ان لاءِ هو "ستا اٿي جاڳ" جي صدا بلند ڪندا آهن، جيئن علامہ آءِ. آءِ قاضي صاحب پنهنجي هڪ خط ۾ سائين جي – ايم سيد کي لکي ٿو:

"ٻڌاءِ تہ ڪهڙي طرح هنن نالي ماتر مسلمانن کي سجاڳ ڪجي؟ هي نالي ۾ مسلمان آهن، پر غفلت ۾ ستل ۽ پاڻ وساريل آهن. نٿا ڏسن تہ صور اسرافيل پنٽي پيل (قومن ۽ ماڻهن) کي خاڪ ۾ ملائڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي." (7)

شاهہ سائين فرمائي ٿو:

بندر جان پئي، تہ سڪاڻيا مَ سمهو،
ڪپر ٿو ڪن ڪري، جيئن مانيءَ منجهہ مهي،
ايڏو سُور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

صرف شعور يا سجاڳيءَ جو هئڻ بہ تہ ڪافي ناهي. حاصلات عملي جدوجهد کان سواءِ نا ممڪن آهي، حرڪت زندگي آهي ۽ ماٺ موت! دل جي حرڪت بند ٿي وڃي تہ ماڻهو مري ويندو، ڏيئي جي جوت جلڻ سان آهي، ڏيئو سڙڻ بند ٿي وڃي تہ روشني بہ ختم ٿي ويندي، تنهن ڪري شاهہ سائين رح فرمائي ٿو تہ:

تان تان ڪرهل ڪاه، جان جان آهي سوجهرو،
متان ٿئي اونداه، پير نہ لهين پرينءَ جو.

❊ ❊ ❊

جان جيئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ ٿڌيءَ هَلُ، ڪانهي ويل وهڻ جي.

❊ ❊ ❊

شاه عبداللطيف نہ صرف جدوجهد جي ڳالھ ڪري ٿو بلڪ ان تي پورو يقين اٿس تہ انسان پنهنجي ارادي سان، مسلسل محنت سان منزل حاصل ڪرڻ چاهي تہ اهو ممڪن آهي. مستقل مزاجي ضروري آهي، مايوس نہ ٿجي آخر هڪ ڏينهن حالتون بدلجي وينديون.

جيڪي طالب تات جا، تات بہ تني وٽ،
هڏهين ڪانهي هَٽ، گهور تہ گهرائين لهين.

❊ ❊ ❊

جفا وارين جَس، جس جفا ري نہ ٿئي،
سُتين سات وڃائيو، گولي چڏ مَ گس
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر آهي ڏس،
پنهون وڃي پس، سر ير هلي سسئي.

❊ ❊ ❊

چين جي عظيم انقلابي رهنما مائوزي تنگ چيو آهي تہ. ”پنهنجي مايوسيءَ کي قوت ۾ بدلايو. پنهنجي بيوسي ۽ ويچارگيءَ کي غصي ۾ بدلايو. پنهنجي اڪيلائيءَ کي ٻڌيءَ ۾ بدلايو ۽ پنهنجي اندر جي اونده کي اميد جي روشنيءَ ۾ بدلايو.“

ايندڙ بهار جي اميد ۾ انسان سياري جي ٿڌ برداش ڪري ويندو آهي. ان ڪري سوچ جو محور هميشہ مثبت رکڻ گهرجي. بقول شيخ اياز جي:

"ماحول ڪٿي ڪيترو ئي قنوطيت سان ٽمٽار هجي هڪ رجائي نقطۂ نگاهہ زندگيءَ کي آسان بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ هر انڌيري ۾ سويري جي آس ۽ ان سان ڳانڍاپو زندگيءَ کي وڌيڪ بامعنيٰ بڻائي ڇڏي ٿو ۽ اهو ئي منهنجي حياتيءَ جو نظريو آهي." (8)

ارپنا تبديليءَ جو بنياد آهي. پنهنجي وجود کي پنهنجي مقصد ۾ تحليل ڪرڻ سان مشڪلاتن جو احساس نہ ٿيندو آهي. ڪاميابي صرف انهن کي حاصل ٿيندي جيڪي سختيون سهڻ لاءِ تيار هوندا:

ڪنڊيءَ اڀيون ڪيتريون، ٿيون ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪني سانگو ساهہ جو، ڪي گهوريس ڪئو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.

❊ ❊ ❊

سڪن واري سڌ، متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جني اڌ، ڏونگر سي ڏوريندیون.

❊ ❊ ❊

هر انسان ۾ ڪي ڪمزوريون هونديون آهن تہ ساڳئي وقت هر انسان ۾ خوبيون بہ هونديون آهن تہ هو ڪجهہ بہ ڪري سگهي، ذات ذات جي محتاج نہ آهي، نہ وري قابليت ڪا آسمان مان نازل ٿيندڙ شئي آهي. اهو مسلسل عمل آهي جيڪو ڪوئلي کي هيرو بنائيندو آهي:

جن سُڪو ئي ناهِ ڪو، چارڻ سي چئجن،
رونجهي راهہ پڇن، متي ڪلهن ڪينرو،
هتان ڪٿي هتُ، جن رکئو سي رسيون

”ساهيوال جيل جي ڊائري“ جو مصنف لکي ٿو،

”انقلابي بہ ہين انسانن جهڙا انسان آهن ۽ انهن ۾ بہ ہين انسانن جهڙيون ڪمزوريون آهن جن ڪان مٿي اڀرڻ لاءِ نفس سان وڏي جهاد جي ضرورت آهي. انسان ڪي پنهنجي گوشت پوست ڪي شعلي ۾ بدلائڻو آهي ۽ چوڌاري روشني ڦهلائڻ لاءِ ڪم آڻڻو آهي.“ (9)

جي ڪاٺا تن ڪٽئو، اُجهاڻن اوندهہ،
جن اندر ٻري باهہ، ايءَ سڌ سيڪا تن ڪي.

ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون تحفي ۾ نہ پر فتح جي نتيجي ۾ نصيب ٿينديون آهن. ان لاءِ جان، جسو، جيءُ سڀ قربان ڪرڻو پوندو آهي، اتي سسي نيزي پانڌ اچلائڻي ٿي پوي. ”علم تدريس مظلومن لاءِ“ جو مصنف پائلو فريري لکي ٿو:

”ظلم جي صورتحال ۾، بالا دست اعليٰ مقامي ماڻهو مظلومن جي ”جيئندڙ موت“ تي ئي ٽڳن ٿا ۽ جيئن ٿا ۽ پنهنجي ۽ مظلومن جي وچ ۾ ان هيٺ ۽ مٿي واري عمودي بيٺل لاڳاپي جي آڌار تي ئي پنهنجي وجود جو جواز قائم رکن ٿا: انقلابي عمل جي صورتحال ۾ ايرندڙ اڳواڻپ جي جائزيٺي يا جواز جو هڪ ئي رستو آهي: اهڙي اڳواڻپ لاءِ ”قربان ٿيڻ“ لازم آهي، ”مرڻ“ لازم آهي. انهيءَ لاءِ تہ اُها مظلومن جي ذريعي ۽ انهن سان گڏ ٻيهر جنم وٺي سگهي.“ (10)

ڪر هئار هلڻ جي، ويئو پڇين پَر،
اڄ آدِيسي مَر، صُباح مرندو سيڪو.

❊ ❊ ❊

سڪ نہ آهي سٽري، ڪڻ پروڙي پير،
ڪسڻ ذاران ڪير، ڪري سَنڌ صِراط جي.

❊ ❊ ❊

”تبديلي“ قدرت جو قانون آهي. وقت سان گڏ هر شيءِ تبديل ٿئي ٿي، وڌي ويجهي ٿي. وقت ڪنهنجو بہ انتظار نہ ڪندو آهي اها ئي زندگيءَ جي سچائي آهي.

“Nature is constantly changing: ‘there is always something arising and evolving, something declining and living out its time’. This means that, ‘the dying off of what is old and the growth of something is the law of evolution.’ Hence that there are no ‘stable’ social orders or ‘eternal principles’ of private property. It means further that, only that which is rising and developing is invincible”. (11)

اهو ساڳيو اصول معاشري جي ريتن رسمن سان بہ لاڳو ٿئي ٿو:

”نيڪي ۽ بديءَ جو تصور وقت سان گڏ تبديل ٿيندو رهي ٿو. سچائي ۽ حقيقت ڪي آسماني يا سدائين قائم رهندڙ صفتون نہ پر تاريخي عمل جو حصو هونديون آهن. روايتن ۽ قدرن جو جڙڻ، انسان جي ضرورتن سان ٻڌل هوندو آهي. جڏهن انساني ضرورتون بدلجن ٿيون تہ معاشري جا قدر ۽ روايتون پڻ بدلجي وڃن ٿيون.“ (12)

سرها ڏٺم سي، جن جي ساڃاءِ سراڻن سين،
تيغ تني جي ڪي، ڪٽ نہ چڙهي ڪڏهين.

اهي شيون جن تي وقت ڪٽ چاڙهي ٿو ڇڏي، سراڻ اهو ڪاريگر آهي جيڪو ڪٽ صاف ڪري انهن کي نئون بنائي ٿو. ان لاءِ اهڙن ڪاريگرن سان ساڃاهہ ضروري آهي جيڪي فرسوده قدرن جي دز لاهي حال سان هم آهنگ ڪن.

انسان کي پختي عزم سان اڳتي وڌندو رهڻ گهرجي، سندس اها ڪوشش نيٺ رنگ لائيندي انفرادي طور تي به ته اجتماعي حوالي سان به.

هتان ڪٽي هُت جن رکئو سي رسيون،
ساجن سونهن سُرت، وکان ئي ويجهو گهٽو.

"شاهه لطيف هتان ڪٽي هُت رکڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هتان ڪٽي هُت رکڻ جو مطلب آهي (Status quo) مان مطمئن نه رهجي ۽ اڳتي وڌجي، ان جو مقصد آهي سماجي تبديلي، سماجي ارتقا. سماجي اوسر ۽ جي ان ريت آهستي آهستي ارتقا ٿيندي رهي ته سڄڻ يا مقصد جنهن کي شاهه سائين سونهن ۽ سرت ٿو سڏي اهو وک کان به وڌيڪ ويجهو آهي." (13)

انساني ترقيءَ ۾ عوام جي گڏيل جدوجهد سان گڏ فردن جو رول به انتهائي اهم رهيو آهي. تاريخ ساز شخص ماڻهن ۾ سوچڻ ۽ لوچڻ جي قوت پيدا ڪندا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ کي انسان جي روحاني ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ پيغام بڻايو آهي. اهڙو پيغام جنهن ۾ انتهائي مايوسي وارين حالتن ۾ اميد آهي، انهن حالتن کي بدلائڻ ۽ انهن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو درس ڏنل آهي. تقليد پرستي خلاف آواز اٿارڻ، پاڻ ڀري ڀين کي روشني ڏيڻ جي ڳالهه آهي. ان سان ئي ابن آدم پنهنجي ڪماليت کي پهچي ٿو ۽ اهو ئي انسانيت جو معراج آهي.

جت نه پکيان پير، تتي ٿمڪي باهڙي،
هٿو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

❋❋❋

# حوالا


1. Morgan George Allen – Paper 'Stalin on Revolution' Edited by, Philip E. Mosely – The Soviet Union (1922 – 1962) – Frederick A. Praeger Publisher, New York London, 1963 – P – 234.

2. جويو محمد ابراهيم، هوءَ جا ٽمڪي باهڙي – سهيڙيندڙ – هادي بخش ڀٽ، نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي – 1995ع، ص – 170

3. گيانچنداڻي سوڀو – تاريخ جا وساريل ورق – سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ – 1992ع ص – 18

4. حسن سبط – نويد فڪر – مڪتبئہ دانيال ڪراچي 2002ع، ص – 207

5. Morgan George Allen – 'Stalin on Revolution' Edited by – Philip E. Mosely – The Soviet Union (1922 – 1962) – Frederick A. Praeger Publisher – New York London – 1995, P – 216

6. عباسي ڊاڪٽر تنوير – شاهہ لطيف جي شاعري – روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو – 2000ع، ص – 68

7. قاضي علامہ آءِ. آءِ _ ساهڙ جا سينگار – نيو گرين پرنٽرس حيدرآباد – 1969ع – ص – 36

8. اياز شيخ – خط، انٽرويو، تقريرون – مرتب رشيد ڀٽي – نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ – 1987ع

9. اياز شيخ – ساهيوال جيل جي ڊائري – نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ – 1986ع ص – 66

10. فريري پائلو – علم تدريس مظلومن لاءِ _ مترجم: محمد ابراهيم جويو – عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ – 1984ع، ص – 214

11. Morgan George Allen – 'Stalin on Revolution' Edited by – Philip E. Mosely – The Soviet Union (1922 – 1962) – Frederick A. Praeger Publisher, New York London, 1963 – P – 218.

12. مبارڪ علي ڊاڪٽر – تاريخ جو سفر – مترجم ابوبڪر شيخ – ص 43

13. عباسي ڊاڪٽر تنوير – شاهه لطيف جي شاعري – روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو – 2000ع – ص 286

**نوٽ:** شاهه جا بيت ٻانهي خان شيخ جي ترتيب ڏنل رسالي تان کنيل آهن.

ڦلو مل ميگهواڙ

# سر سامونڊي جي واين تي اعتراض

سمنڊ ڪين سڪن، ڪوڙين جي ڪائو ٿئي،
پاٽيءَ سين پيڪ ڪئو تيلاهه وڻجارن،
لعلون سي لهن، جنين سودو سچ سين.

جئين تہ مان هڪ شاگرد آهيان، پنهنجي حيثيت ڪي مطالعي ۾ آئيني اڳيان بيهارڻ ڪانپوءِ پنهنجي وجود کان بہ انڪار محسوس ڪيم ۽ انهن عظيم اديبن، سگهڙن، عالمن ۽ محققن جي نور نچوئيل پورهئي تي ڪجهہ سوچڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيو جڻ مان پاڻ مرادو بہ قدم پاڇلئي سرڪي پيس ۽ قلم کڻڻ کان اڳ ۾ هٿن ۾ ڪا لرزش پيدا ٿي پئي ۽ ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي پٺڪي پيس تہ، نہ مان انهي جي قابل ناهيان. بهرحال ڏڪندي ڪنبندي قلم کنيو اٿم اهو سوچي تہ مان انسان آهيان ۽ انسان جي عظمت انهي ۾ آهي تہ پنهنجي سوچ کي هڪ هنڌ بيهڻ نہ ڏي. مونکي پنهنجن عظيم استادن ۽ عالمن تي ڪو بہ شڪ ناهي چاڪاڻ تہ "اهو سچ آهي تہ جيڪو پنهنجي استادن تي شڪ ڪري ٿو تہ انهي چا سکيو، صرف شڪ ڪرڻ" شاهہ جي سالڪن جي محنت، محبت، پورهئي ۽ عشق کي پسي جڻ شاهہ صاحب انهن سيني اديبن کي مخاطب آهي تہ.

اي گت غواصن، جئن سمنڊ سوجهياڻون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙياڻيون،
آٿي ڏناڻون، هيرو لعل هٿن سين.

بيشڪ هي اهي ئي ٽوڪا آهن جيڪي پنهنجي جان ۽ مال جو فڪر ڪرڻ کان سواءِ علم جي اونهي سمنڊ ۾ ڪاهي پيا ۽ زندگي جا ڪيئي سال انهيءَ ڪم ڪي ارپي ڇڏيائون. مان سمجهان ٿو ته اهي ئي انهن جي زندگيءَ جا عظيم لمحا هئا جن ۾ انهن شاهه سائينءَ جي شاعري کي ميڙي سيڙي، سنواري سڌاري اصلي حالت ۾ اسان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو سلسلو اڄان تائين هلندڙ آهي.

مغرب جي عالمن جا اسان تي ٿورا آهن، جو مشرق ۾ پيدا ٿيندڙ عظيم شاعرن کي انهن متعارف ڪرايو. جيتوڻيڪ انهن جي پاٽي ۾ پٽر ڪرڻ کان پوءِ اسان جي عالمن ڏاڍو پتوڙيو، مان انهن جي قدمن جي نشانن تي قدم رکڻ جي قابل به بلڪل ناهيان. صرف انهن نشانن کي ڏسي ڪري سرڪي ٿو پوان.

اسان اڏارا آٽي آونگ چاڙهيا

ڇڻ انهن جي شيءِ، انهن کان اڏاري وٺي، انهن کي ئي پيو ارپيان.

منهنجو موضوع شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي شاعريءَ تي مشتمل آهي. مون کي مختلف عالمن پاران ترتيب ڏنل "شاهه جو رسالو" جي سر سامونڊي جي واين مان ڪن سان اختلاف آهي. پنهنجي موضوع تي اچڻ کان پهرين اهو ڏسجي ته شاهه جو ڪلام ڪيئن جمع ٿيو ۽ مختلف عالمن ۽ محققن ڪلام کي ڪيئن گڏ ڪيو.

مير عبدالحسين "سانگي" پنهنجي وقت ۾ شاهه جي ڪلام جو هڪ وڏو ڄاڻو هو ۽ هن جون ٻيڙن، فقيرن ۽ شاهه جي جهونن سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. شاهه صاحب جي ڪلام سان هن کي هڪ قسم جو عشق هو. مير صاحب مرحوم لکي ٿو ته "شاهه صاحب پاڻ لکي پڙهي ڪونه ڄاڻيندو هو. هو شعر چوندو ويندو هو ۽ فقير اهو لکندا ۽ بي ترتيب جمع ڪندا ويندا هئا. ڪي

فقير وري ان کي ياد ڪري وٺندا هئا. ان ريت هڪ طرف شاهه جو ڪلام ڪيترن ماڻهن کي ڪنٺ ٿيل هو تہ ٻي طرف دفترن جا دفتر لکجي گڏ ٿي رهيا هئا". هڪ روايت موجب "شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ جا دفتر پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪٽي وچي ڍنڍ ۾ اڇلايا". ڊاڪٽر گربخشاڻي انهي روايت کي بلڪل ڪوڙي ۽ هٿ ٺوڪي سمجهي ٿو. مان بہ ڊاڪٽر صاحب جي سوچ سان اتفاق ڪندي اهو چوندس تہ هر ڪو پنهنجي ڪويتا کي پنهنجي اولاد کان بہ مٿانهون سمجهي ٿو ۽ سمجهڻ بہ کپي. شيڪسپيئر پنهنجي پٽ لاءِ لکي ٿو تہ "هي ڇا آهي؟ ڪجهہ بہ نہ. هي تہ صرف مٽيءَ جو پتلو آهي، جنهن جي ساهہ نڪرڻ کان پوءِ صرف مٽي ۽ مٽي سان ملي وڃي مٽي ٿيندو. اصل، سچو ۽ هميشہ لاءِ رهندڙ منهنجو پٽ تہ صرف منهنجو شعر آهي".

شاهه صاحب جي ڪلام کي جيڪا هاڻي ترتيب ڏيئي رسالي جي صورت وٺرائي وئي آهي ان بابت سانگيءَ جي تحقيق ڪيل آهي تہ "شاهه صاحب وٽ هڪڙا ٻہ گويا "چنچل" ۽ "اٽل فقير" رهندا هئا. هو اصل دهلي جا رهاڪو هئا. پهريان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دربار ۾ آيا ان کان پوءِ سموري ڄمار شاهه صاحب جي خدمت ۾ اچي رهيا. علم موسيقي يا راڳ وديا جا وڏا ڄاڻو هئا. جن شاهه صاحب جي ڪلام کي موسيقي جي سرن موجب ورهائي جدا جدا داستان رٿيا ۽ داستانن تي سندن مضمون پٽاندڙ راڳڻين جا نالا ڏنا. جن کي پويان فقير علم موسيقي جي سرن پٽاندر راڳڻين کي جدا جدا آوازن ۾ آلاپيندا رهن ٿا. رسالي ۾ جو هندي يا پارسي شعر داخل ٿي ويا آهن، سي بہ انهن دهلوي گوين جي معرفت رسالي جي ترتيب ڏيڻ وقت درج ٿيل آهن. هندي شعر يا ٻين سنڌي سگهڙن جا ڏوهيڙا جيترا بہ رسالي ۾ آيل آهن سي شاهه صاحب جي خدمت ۾ ڳائيندا هئا ۽ پاڻ ٻڌندا هئا. جنهنڪري انهن کي بہ ڪٺي رسالي ۾ داخل ڪيو اٿن. اهو سڀ ڪجهہ شاهه صاحب جي

وفات کان پوءِ ٿيو آهي يا حياتي جي پوئين زماني ۾. ان بابت ٺيڪ ڳالهه هيءَ معلوم ٿئي ٿي ته سندس وفات کان پوءِ ئي هاٺوڪي صورت وارو رسالو جمع ٿيو. سندس حياتي ۾ ڪجهه ڪلام فقيرن جي هٿ نه اچڻ سبب ناحق ناس ٿي ويو. ڪجهه فقيرن وٽ لکيل هو ۽ گهڻو ڪري گهڻن کي ياد هو. جنهن کي گڏي هاٺوڪو مجموعو ناهيو ويو. هڪ ٻي روايت آهي ته تمر فقير واري نسخي تان سرن جي ترتيب موجب ٻه نسخا تيار ڪرايا ويا. جن ۾ هڪ ڀٽ تي رهيو ۽ ٻيو درگاهه ڪريميءَ تي رکيو ويو. درگاهه ڪريميءَ واري اصلي نسخي تان 1196هه مطابق 1780ع ۾ ٻيو نسخو لکرايو ويو جو اڄ تائين موجود آهي. اهو نسخو شاهه صاحب جي وفات کان 13 ورهيه پوءِ تيار ڪرايو ويو. جو گهڻو ڏگهو زمانو ڪونه گذريو هو. ان وقت شاهه صاحب جا ڪيترائي ملاقاتي هن جهان ۾ موجود هئا. درگاهه لطيفي ۽ درگاهه ڪريمي وارن نسخن جو بمبئي وارن نسخن کان ٿورو تفاوت آهي. شاهه صاحب جي رسالي گنج جي صورت ۾ گڏ ٿيڻ ڪانپوءِ هن جا جدا جدا ڇاپا پڌرا ٿيندا رهيا.

## رسالي جا جدا جدا نسخا:

1) سڀ کان پهرين شاهه جي رسالي جو هڪ نسخو ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ صاحب 1866ع ۾ جرمني ۾ ليزگ شهر ۾ ڇپارايو. ٽرمپ صاحب لکي ٿو ته. ڪيس ٻه جهونا قلمي رسالا هٿ آيا، جن کي هڪ هوشيار پڙهيل سنڌي عالم پيٽي سندس لاءِ هڪ ڪاپي تيار ڪئي.

2) بمبئيءَ جو ڇاپو : اهو رسالو قاضي ابراهيم پلبندري، بمبئي جي ڪتاب فروش پهريون ڀيرو 1867ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. مرزا قليچ بيگ صاحب جو چوڻ آهي ته اهو صحيح نسخو آهي ۽ ڀٽ جي گنج تان ورتل ٺيڪ ڇاپو آهي. مگر ڊاڪٽر گربخشاڻي جو لکڻ آهي ته "هن ڇاپي جهڙو ردي نسخو ڪڏهن هٿ نه

ايندو“. بمبئي وارو نسخو هڪ دفعو وري 1877ع ۾ ڇپيو. جنهن جي پڇاڙي ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ شاهہ جي مشهور فقير طالب هالن واري ڪيترائي نسخا پيٽي تيار ڪيو آهي.

3) سنڌ سرڪار جي تعليم واري کاتي جو ڇپايل ”شاهہ جو رسالو“: اهو رسالو ديوان تارا چند ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 1900ع ۾ تيار ڪرايو. پٺ واري قلمي رسالي، ٽرمپ جي رسالي ۽ بمبئي جي ڇاپي سان مقابلو ڪرائي تيار ڪيو ويو آهي. مگر انهي ۾ ڪيتروئي ڌاريو ڪلام آهي.

4) مرحوم مرزا قليچ بيگ، شاهہ جي رسالي کي پنهنجي نموني ۾ 1913ع ۾ جمع ڪيو جنهن کي شڪارپور جي منشي پوڪرداس 1914ع ۾ پهريون دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو. مرزا صاحب، ديوان تاراچند جي ڇاپي ۾ آيل ڌارئي ڪلام ۾ اضافو ڪيو آهي.

5) ڊاڪٽر گربخشاڻي جو رسالو : پروفيسر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي شاهہ جي رسالي کي ٽئن جلدن ۾ ورهائي، ڏاڍي محنت ڪئي جنهن جو پهريون جلد شرح ۽ معنيٰ سميت 1923ع ۾ ڇپيو، ٻيو جلد 1925ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ ٽيون حصو 1931ع ۾. افسوس جو چوٿون حصو آخري وقت تائين پڌرو ڪري نہ سگهيو. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هي رسالو تيار ڪيو.

6) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : ڊاڪٽر گربخشاڻي جي نور نچوئيندڙ پورهئي کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاڻ موڪيو ۽ ڏهن جلدن تي مشتمل ”شاهہ جو رسالو“ ترتيب ڏنائون. ڊاڪٽر صاحب بہ گهڻي محنت ۽ پورهئي کان پوءِ هي انمول رسالو ڏنو.

مذڪورا بالا رسالن کان پهرين ۽ پوءِ ٻين ڪيترن ئي محققن ۽ عالمن شاهہ سان عشق جو ثبوت ڏيندي تمام گهڻي محنت ڪئي ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا آيا ۽ اچڻ لڳا. منهنجو هتي رسالن جي اچڻ ۽ ڇپجڻ جو ذڪر ڪرڻ انهيءَ لاءِ

ضروري هو ته. اها ڳالهه ظاهر ٿي وڃي ته شاهه جو ڪلام ڪيترين پيچيدگين ۽ مشڪلاتن مان گذري ڪري اڄ جي شڪل ۾ موجود آهي، جنهن تي اڄ ڪيترائي ادارا تحقيق ڪري رهيا آهن ۽ ڪيترائي اديب گوشه نشيني ۾ پنهنجي پر ڪم ڪري رهيا آهن.

شاهه جي ڪلام جي گڏ ٿيڻ جي باري ۾ ايترو لکڻ کان پوءِ آئون پنهنجي موضوع طرف موڙ ڪائيندي، "سر سامونڊي" جي موضوع ۽ مضمون متعلق ڪجهه عالمن جا رايا پيش ڪندس ته جيئن اهو واضع ٿي وڃي ته سر سامونڊيءَ جو اصل موضوع ڪهڙو آهي، تقريبن سيني محققن جهڙوڪ ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شاهواڻي، عثمان علي انصاري، علامه آءِ.آءِ قاضي، ممتاز مرزا، غلام مصطفيٰ قاسمي، شوقيرام تاراچند، مرزا قليچ بيگ، ٻانهون خان شيخ، ڪاڪو ڀيرومل، لالچند امر ڏنومل ۽ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي انهيءَ رايي تي متفق آهن ته :

"مشهور هندستاني راڳن مان اهڙو ڪو به نه ٿو سجهي جنهن جو نالو سر سامونڊي هجي، مضمون جي مدنظر ٿي هن ڪي اهو نالو ڏنو ويو آهي. هي سر گويا "سريراڳ" جو ڏوڙي آهي، يا ائين چئجي ته ساڳي تصوير جو ٻيو پاسو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي وڌيڪ لکي ٿو ته "سر سريراڳ ۾ وڻجارن جو ذڪر ڪيل آهي ته سر سامونڊي ۾ وري سندن وڇڙيل وهن جو ذڪر ڪيل آهي. هن سر ۾ شاهه صاحب جي شاعراڻي شعور جون به خاص خوبيون پلي پت ظاهر آهن، هڪڙو ته دلسوزي ۽ رقت نهايت نازڪي سان ادا ڪئي ويئي آهي ۽ ٻيو زال ذات جي دلي جذبن ۽ امنگن جي اهڙي چٽي مورت ڪڍي ويئي آهي، جو چڻ ته شاعر خود عورت بڻجي ويو آهي. وڻجاري جي اندر جا احوال طرحين طرحين جا پور ۽ خيال ڪيس پلپل پون ٿا. ڪانڌ جي موٽي اچڻ جو اوسيئڙو ۽ انتظار، بندر تي ناڪئن ڪان پڇائون ڪرڻ، پيرن تي پڙ باسڻ، درياهه تي اَکا پائڻ، چوُ واٽن تي

ڏيئا ٻارڻ وغيره. انهن واقعن جو نهايت درد وارو احوال بيان ڪيل آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هي سر به شاهه جي جواني جي وقت جو چيل آهي ۽ هي سر انهن ٿورن سرن مان آهي، جنهن ۾ ڪو به ڏاريو بيت ڪونهي ۽ نڪا ڪا پڙهڻين ۾ گهٽي قير گهير آهي."

مگر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق جي بنياد تي رايو ڏيندي لکي ٿو ته "هن سر جو نالو "ساموندي" غور طلب آهي، جنهن جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا.

1) عام فهم سبب اهو ته هن سر جا مکيه ڪردار يعني سمنڊ جو سفر ڪندڙ وڻجارا، معلم، ملاح ۽ ناکئا هئا، جنهن کي "سمنڊ" جي نالي پويان "ساموندي" سڏيو ويو ۽ انهي نالي سببان هن سر کي به "ساموندي" سڏيو ويو.

2) تاريخي لحاظ سان وڌيڪ سهي سمجهڻ ۾ ائين ٿيندو ته ان دؤر ۾ سنڌ جي پرڏيهي واپارين ۽ ملاحن جا ڏوراهين منزل ۽ مقصد وارا ماڳ اوپر طرف جاوا ۽ سوماترا جو "ساموندرا" وارو ملڪ هو ۽ ان ساموندرا واري ملڪ ڏانهن وڃڻ ۽ واپار ڪرڻ سببان ڪين "ساموندري" سڏيو ويو. جنهن تان هن تي پڻ اهو نالو پيو. جيڪڏهن اهو نالو سمنڊ جي نسبت سان هجي ها ته جيڪر "ساموندرائي" يا "سمندائي" سڏجي ها. ٻيو ته "ساموندري" فقط ان تاريخي دور وارن وڻجارن، ملاحن يا ناکئن کي سڏيو ويو ۽ اهو دور ختم ٿي ويو. هن موجوده صدي ۾ 1947ع کان اڳ سنڌ جا واپاري ۽ ناکئا اوپر طرف هندستان جي بندرن تائين ويندا هئا، پر انهن کي "ساموندري" ڪونه سڏيو ويو. ان مان انهيءَ دليل جي پٺڀرائي ٿئي ٿي ته اڳوڻي دور ۾ "ساموندرا" طرف وڃڻ وارن وڻجارن کي ئي ساموندري سڏيو ويو.

انهي کان علاوه ڊاڪٽر صاحب "سر ساموندي" جي "سر" ۽ "راڳ" متعلق لکي ٿو ته. "شاهه جي راڳ" جي روايت ۾، وقت جي لحاظ سان

”ساموندري“ لاباري واري موسم جو راڳ آهي. وڏيڪ هي ڄاڻڻ ضروري آهي ته ”ساموندري سر“ يقيني طور ”مقامي سنڌي سر“ آهي، جنهن جو بنياد شاهه صاحب وڌو ۽ ان ۾ هندستاني موسيقي جي راڳ راڳڻين سان گڏ اڏواڏ ڪن مقامي سنڌي سرَ ۽ الحان شامل ڪيائين. سنڌس وقت تائين سنڌ جي هيٺين لاڙ ۽ ڪاري واري پاڳي ۾ وڻجارن جي موضوع وارو ”ساموندي ڳائڻ“ يا ”ساموندري سر“ هلندڙ هو. جنهن کي راڳ ۾ شامل ڪيو ويو. پڻ تي ”شاهه جي راڳ“ ۾ جيئن هاڻي ڳائجي ٿو، تيئن اهو ڪنهن حد تائين چڻ هندوستاني ”راڳ گا وتي“ سان ملي ٿو. سنڌ جو اهو آڳاٽو راڳ هاڻي فقط ”شاهه جي راڳ“ ۾ ئي سلامت وڃي بچيو آهي، باقي ٻاهر ڪٿي به ڪو نه ٿو ڳائجي“.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيق جي آڌار تي سر ساموندي ۽ کي ڇئن داستانن ۾ ورهايو آهي، جنهن متعلق لکن ٿا ته ”پهرئين داستان جو موضوع ماضي ۾ سمونڊ ذريعي پرڏيهه ويندڙ وڻجارن ۽ سندن سمنڊ جي سفر ۽ ڪشالن وارو ماحول آهي ۽ مجموعي طرح داستان ٻئي، ٽئي ۽ چوٿين ۽ هنن ٽنهي داستانن جو مکيه موضوع ساڳيو آهي يعني وڻجاري ڪانڌ ۽ سندس وني جي وڇوڙي وارو ماحول. البته ڪنهن حد تائين هر داستان ۾ هن ماحول جا ڪي جدا جدا ٽاٽا ۽ اهڃاڻ منجهن وڌيڪ روشن ڪيل آهن“.

سر ساموندي جي واين کي سولي نموني سمجهڻ لاءِ اهو تمام ضروري هو ته پهرين انهي ڳالهه کي واڪو ڪجي ته انهي سر جو اصل موضوع ڇا آهي؟ انهي ڳالهه کي واضع ڪرڻ لاءِ اسان ڪيترن ئي مهان محققن ۽ سگهڙن جا ميڙيل سيڙيل تحقيقي حوالا پيش ڪيا. جنهن مان صاف صاف ظاهر آهي ته، هي سر سمنڊ سان واسطو ماضي جي انهن ماڻهن جي زندگيءَ جو آئينو آهي جي سنڌ کي خوشحال ڪريو وينا هئا ۽ انهن جا پنهنجي هٿ جي ترين تي رکڻ جهڙا جوکائتا عمل ڪرڻ ۽ سندن ونين جا دلي جذبا ۽ دل ۾ چوليون

پائيندڙ محبت جي عظيم قرباني ڪي، نہ چاهيندي بہ قربان ڪرڻ جهڙا عظيم موضوع سامهان اچن ٿا. مان پنهنجي نڪتي جي پٺڀرائي ڪندي اهو چوندس تہ انهن سيني محققن جي اشارن مان اهڙو ڪو بہ اشارو نہ ٿو ملي جيڪو ٿورو ٽڙيل هجي. اگرچہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ مان ڪجهہ نواڻ سامهون اچي ٿي، مگر اها نواڻ يا تحقيق بہ منهنجي موضوع جو جواب نہ ٿي ڏئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اها ڳالهہ ضرور ڪن ٿا تہ سر ساموندي تي اهو نالو "ساموندرا" جي ملڪ ڏانهن ويندڙ واپارين جي ڪري پيو هجي، بهرحال ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش تمام گهڻي معنائتي آهي تنهن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي.

سنڌي شعبي ۾ منهنجي استاد سائين عابد مظهر شاهہ صاحب جي ڏنل علم ۽ شفقت جي روشني منهنجي ننڍڙي ذهن کي جنهن ڳالهہ تي لکڻ لاءِ اتساهيو آهي سو نڪتو اجا بہ پنهنجي جاءِ تي آڪڙيو بيٺو آهي ۽ اهو آهي سر ساموندي‌ءَ ۾ ان جي موضوع کان هٽيل واين جي موجودگي، جنهن تي تقريبن هر محقق سوچيو ۽ لوچيو هوندو. مونکي اهو سوچيندي حيرت ٿئي ٿي تہ، اهي تہ ڇٽيون ۽ پنهنجو پاڻ ظاهر ڪندڙ غلطيون آهن، جيڪي اجان تائين ٿينديون پيون رهن. آخر اهو ڇو ضروري هو يا آهي جو ماضي ۾ ۽ اج جا عالم بہ انهن شين کي سر ساموندي ۾ رکڻ ضروري ٿا سمجهن، جيڪي پنهنجي موضوع مطابق رڙي رهيون آهن ۽ اهي تمام ڪوڪون ۽ رڙيون مونکي تہ پٽائي سرڪار جي سورمي "سسئي" جون ٿيون لڳن. جن جن لفظن، مصرعن ۽ واين تي مونکي اعتراض ٿو لڳي انهن نڪتن تي بحث ڪرڻ کان اڳ اهو واضع ڪرڻ گهران ٿو تہ. شاهہ جي سالڪن مان "سر ساموندي" جي واين سان ڪنهن ڪيترو نيايو آهي ۽ ڪهڙي محقق ڪهڙي وائي هن سر ۾ ڪٿي سجائي آهي.

### 1) شاهه جو رسالو گنج شريف :

جيئن تہ گنج شريف ۾ شاهه جي بيتن کي داستانن ۾ موتئي جي هار جيان پرويو ويو آهي جن جي وچ وچ ۾ وايون گلاب جي گلن جيان سينگاريل آهن. شروع ۾ ڏهن بيتن کان پوءِ

(1) "ائين اچي پسو جيڏيون! هي جو حال منهنجي جندڙي" واري وائي آهي، وري يارهن بيتن کان پوءِ

(2) "ڏک لاهيندا ڏونگر ووءِ ماءُ! پريان جا" آهي ۽ وري ارڙهن بيتن کان پوءِ

(3) "پرين جي پنڌان مونکي جي جهلنديون، سي نہ پڄنديون" آهي. انهيءَ کان پوءِ وري يارهن بيتن کان پوءِ

(4) "ڪرهل پائي لڄ، ڪوهه نہ ويئينءَ ان سين" آهي. انهي کان لاڳيتو پوءِ

(5) "پڳهہ پاءِ پانهنجي، متان چوهي چنيائين،" ائن بيتن کان پوءِ ٻہ لاڳيتيون وايون اچن ٿيون :

(6) "آئون هلندي هوت ڏي، هاءِ هاءِ" ۽

(7) آيل ڪريان ڪيئن وو! منهنجو نينهن پليو نہ رهي" ۽ آخر ۾

(8) تڙ نهاريان تي، منهنجا بندر وئڙا جي" آيل آهي.

### (2) شوقيرام تاراچند

#### داستان پهريون

(1) پرين جي پنڌان مونکي جي جهلنديون، سي نہ پڄنديون.

(2) تڙ نهاريان تي، منهنجا بندر وئڙا.

(3) آيل ڪريان ڪيئن وو! منهنجو نينهن پليو نہ رهي.

**داستان ٻيون**

(1) ائين مونکي زور مَ جهليو جيڏيون، آءُ هلندي هوت ڏي.

(2) ڪرهل پائي لڄ، ڪوهه نه وئينءَ ان سين.

(3) ويندي آءُ هوتن وٽ، مرڻ مون وڻجارن سين.

**داستان ٽيون**

(1) ائين اچي پسو جيڏيون، هي جو وهه منهنجي جندڙي.

(2) ڏک لاهيندم ڏونگر وو، پرين جا مونکي سيئي.

مرحوم مرزا قليچ بيگ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، عثمان علي انصاري، غلام محمد شاهواڻي ۽ علامه آءِ.آءِ. قاضي جهڙن سيني محققن سڀ وايون پنهنجن ترتيب ڏنل رسالن ۾ آنديون آهن. جڏهن ته عثمان علي انصاري ۽ علامه آءِ.آءِ. قاضي ٻنهي صاحبن " ڏک لاهيندم ڏونگر وو" ناهي ڏني. ۽ ٻانهي خان شيخ "سڙهه سجاڻيو چوءِ، ماءُ ساموندي آيا" پنهنجي رسالي ۾ متين سيني واين سان گڏ اضافي ڏني آهي. مجموعي طور تي مٿي ڄاڻايل وايون سيني محققن ساڳيون پيش ڪيون آهن، پر هر محقق ڪجهه لفظن ۽ مصرعن جي ڦيرگهير ڪئي آهي. جهڙوڪ، سيني محققن "ڪرهل پائي لڄ" لکيو آهي مگر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب "گرهڙ پائي لڄ" استعمال ڪيو آهي. اهو هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو اڄ تائين بحث هيٺ آهي ڇاڪاڻ ته شاهه جو ڪلام مختلف علائقي جو ماڻهو مختلف انداز ۽ مختلف لفظن سان به پڙهي ٿو. هاڻي آئون ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي تان ورتل انهن واين جا ڪجهه نڪتا هيٺ بيان ڪندس، جن تي اعتراض ٿي سگهي ٿو.

(1) پرين جي پنڌان، مونکي جي جهلينديون، سي نہ پڇنديون.

(2) تان ڪين واس وهائيو، پاروچي ملاءِ، سي نہ پڇنديون.

(3) تان ڪيئن ڏونگر ڏوريان، جان ڪرهہ اندر ساهہ، سي نہ پڇنديون.

(4) ائين مونکي زور م جهليو جيڏيون!

ووءِ! آءٌ ويندي هوت ڏي.

(5) هاڻ نہ جيان جيڏيون! آءٌ ڪنس ڪاهياري،

ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.

(6) ڪرهل پائي لچ، ڪُہ نہ وئينءَ ان سين.

(7) متان وهين ويسري! اٿي پورل پچ، ڪُہ نہ وئين ان سين؟

(8) ويندي آئون هوتن وٽ.

(9) پوريندي‌س پرين ڏي.

(10) آئين اڄي پسو جيڏيون.

(11) پائي ويئڙا پير ۾ منجهان ڪرس ڪسو.

(12) آئون ڏوريندي ان کي، ڏيئي تن تسو.

(13) ساءُ نہ آيان سورجو، هاٿي ٿيون هسو.

(14) متان وهو ويسريون، رڙهو تي رسو.

(15) ڏک لاَهيندم ڏونگر وو!

(16) ڏاڍي ذات جتن جي ويئي ڏيل ڏهي.

(17) آئون ڏوريندي ان کي، رائي رات رهي.

(18) ڏنا وڻ ڪوهيار جا، ويئي اڄ لهي.

متي ڏنل سٽن مان جيڪي اعتراض جوڳيون ڳالهيون ظاهر ٿيون تن جي وضاحت هيٺ ڏجي ٿي.

### (1) وڻجاري جي ونيءَ جو پنهنجي ڪانڌ پنيان وڃڻ جو جذبو:

جڏهن تہ اسان بلڪل واضح نموني اهو بيان ڪري چڪا آهيون تہ ”سر سامونڊي“ ۾ سمنڊ جي ذريعي واپار ڪندڙ ۽ وڻجارن جي ونين جي اندر جي اڌمن جي چٽي تصوير آهي. اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ شاعر پنهنجن خيالن جا بادشاهہ ٿيندا آهن ۽ عاشق پنهنجن عملن جا. اهو ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ صاحب پنهنجن خيالن جي اڏام ۽ وڻجارن جي عشق جو بي پناهہ اظهار ڪيو آهي. شاعر ۽ عاشق پنهنجن خيالن کي انهي ڪان بہ متي آزاد رکي سگهي ٿو. جڏهن تہ وڻجارن جي ونيءَ ظاهري طرح پنهنجي ڪانڌ جي پنيان نٿي وڃي سگهي، مگر هوءَ پنهنجن خيالن ۽ اڌامن ۾ رهي ڪري اهڙن خيالن جو اظهار ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي ڪانڌ کي ماڻڻ لاءِ هرهر پويان وڃڻ جا اڌما رکي ٿي ۽ انهن اڌمن جو اظهار اجهو هيئن ڪري ٿي:

”پرينءَ جي پنڌان، مون ڪي جي جهلنديون، سي نہ پڄنديون“

متئين رايي سان اتفاق ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اهڙا وڻجاري جي ونيءَ جا اڌما هجن. پر مان هتي هڪ ڳالهہ واضح ڪندو هلان تہ شاهہ صاحب جا ڪردار لوڪ ڪهاڻين جهڙا بلڪل ناهن. شاهہ صاحب بہ پنهنجن ڪردارن کان اهڙا ڪم بلڪل نٿو وٺي، جيڪي اسان لوڪ ڪهاڻين ۾ ڳرڙ پکي ۽ ديون کان وٺون ٿا. شاهہ صاحب جا ڪردار پنهنجي حيثيت جي دائري ۾ حقيقت جو آئينو آهن ۽ سندس جي هر بيت مان ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ پاڻ انهيءَ مشاهدي مان گذريو هجي. يعني شاهہ صاحب جو ڪم مشاهدي سان تمتار آهي. اسان موضوع جي حوالي سان متين سٽ کي جيڪڏهن غور سان پڙهون ۽ پڙهڻ ڪانپوءِ ”سر سسئي“ جو دائري ۾ رهي ڪري اگر سوچيون تہ تمام بهتر رهندو بنسبت ”سر سامونڊي“ جي. انهيءَ نڪتي جي حوالي سان ڏسو تہ ”سر

ساموندي" ۾ ڪيترين ئي واين ۾ وڻجارن جي ونيءَ جو پنهنجن ڪانڌ پنيان وڃڻ جو ذڪر ملي ٿو جيڪا موضوع ۽ مضمون جي حوالي سان نہ ٺهڪندڙ ڳالهہ آهي.

## (2) ٻاروچي ۽ جت جو ذڪر:

بلوچ قوم کي "ٻروچ" بہ سڏيو وڃي ٿو ۽ اوٺاڙين کي "جت"، جڏهن تہ هر سر ۾ انهن شين جو رکڻ ڪل جهڙي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ صاف "سر سسئي" جا آهن ۽ اتي ئي ٺاهوڪا ٿا لڳن. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ اهي لفظ علامتي آهن ۽ انهن جو استعمال سر ساموندي ۾ ڪو عيب ناهي. حالانڪہ اها ڳالهہ ائين صحيح ٿيندي تہ جڏهن اسان ڪنهن سر جا روحاني راز ڳوليون ٿا تہ انهي سر جا ڪردار اسان کي علامتي لڳن ٿا. مگر ٻئي سر لاءِ علامت طور استعمال ڪيل نٿا لڳن. اسان انهي ڳالهہ کي مونجهاري ۾ چو وجهون جڏهن تہ اهي لفظ ۽ جملن جا ٽڪرا سڌاسنوان سر سسئي سان وابستہ آهن.

## (3) ڏونگر ۽ ڪوهيار جو ذڪر:

سر ساموندي‌ءَ ۾ مٺي ۽ کاري جو ذڪر ڏاڍو وڻي ٿو، مگر ڏونگر ۽ ڪوهيار تي دل نٿي پوي. اهو تہ صاف ڪنن تي پوي ٿو تہ سسئي پٿڪندي رڙندي ۽ رلندي جڏهن ڪوهيار جا وڻ ڏسي ٿي تہ پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيندي دعا ڪري ٿي تہ:

"ڏٺا وڻ ڪوهيار جا ويئي اڄ لهي"

### (4) جيڏين جو ذڪر ۽ وڻجاري جي ونيءَ کي پيڙا ۾ هڪ ۽ اڪيلي ڪرڻ:

اها ڳالهه اعتراض جوڳي آهي تہ لفظ ”جيڏين“ يا ”جيڏيون“ جو ذڪر شاهہ صاحب پنهنجي ”سر سسئي“ جي حوالي سان استعمال ڪيو آهي. پر سر سامونڊي ۾ اهڙن لفظن کي ٽنبڻ نا انصافي ٿيندي. جيڪڏهن اسان انهيءَ ڳالهہ کي قبول ڪريون تہ شاهہ صاحب وڻجاري جي ونيءَ کي پنهنجين جيڏين سان مخاطب ٿو ڪرائي تہ اها ڳالهہ ناقابل قبول رهندي ڇاڪاڻ جو صرف انهيءَ هڪ وڻجاريءَ جو ڪانڌ واپار تي ويو آهي، جو هوءَ ٻين سرتين کي ميارون ٿي ڏي تہ :

”ائين اچي پسو جيڏيون“ يا ”هاٺي تيون هسو“

مٿين ٻن مثالن مان اهو صاف ظاهر آهي تہ وڻجارن جي پاڙي ۾ ڪي ڪي واپار تي ويندا هئا، تہ ڪي ڪي نہ ويندا هئا. جنهن جي ڪري اها عورت جنهنجو ور وڇڙيل آهي سا پنهنجي سرتي کي چوي ٿي تہ ، تون اچ مونکي ڏس، منهنجو حال ڏس تہ مان ڪهڙن سورن ۾ آهيان. يا وري چوي ٿي تہ مان بلڪل پنهنجي سرت يا عقل ۾ ناهيان. منهنجي محبوب جي وڇوڙي مونکي چري ڪري وڌو آهي ۽ توهان جا مڙس توهان ساڻ آهن. تڏهن ٿيون توهان کلو ۽ خوش ٿيو ۽ مونتي ٺٺوليون ڪريو.

جڏهن تہ اها ڳالهہ ڪٿي بہ واضح ناهي تہ هڪ وڻجاريءَ کي ڪا ٻي عورت روڪي ٿي، ٽوڪي ٿي يا انهي جي حال تي کلي ٿي. مگر اها ڳالهہ اسان کي ”سر سسئي“ ۾ صاف نظر اچي ٿي.

### (5) رائي جو ذڪر

”سر سامونڊي“ ۾ پاٽي ۽ پاٽي جي ڇولين جو ذڪر نهي ٿو مگر رائي جو ذڪر بلڪل نامناسب آهي، رائو تہ انهن ريگستانن ۽ وارياسن يا پٽريلن پٽن ۾

هوندو آهي، جتي پاڻيءَ جو ڦڙو بہ ناهي هوندو. جيئن سسئي پنهنجن سرتين کي مخاطب ٿيندي سمجهائي ٿي تہ :

سرتيون سچي سچ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهي پٽن ۾، رائو سجهي رڃ،
متان مري اڄ، ڏيو پاراتو پنهون کي.

※ ٻي پڙهڻيءَ مطابق :

پاڻي ناهي پنڌ گهڻو رڳو رائو رڃ،
متان مري اڄ، ڪا ڏئي پاراتو پنهونءَ کي.

انهيءَ کان علاوه ٽاٽارو، هوت، ترس تسو، ڏيئي تن تسو، رڙهو تہ رسو وغيره وغيره. اهي سڀ اهڙا لفظ آهن جن کي سر سامونڊي ۾ رکڻ مناسب نٿو لڳي. هڪ هنڌ شاهَ صاحب سسئيءَ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ "ڪرهل پائي لڄ، ڪوهہ نہ وئينءَ ان سين؟" ڪرهل اٺ کي چئبو آهي، اٺ جو ذڪر سر سامونڊي ۾.....!! بهرحال ڊاڪٽر بلوچ صاحب "ڪرهل" جي جاءِ تي "ڳرهڙ" لفظ استعمال ڪيو آهي پر انهي لفظ جي معنيٰ ناهي ڏني، جنهن ڪري اهو ظاهر نٿو ٿئي تہ ڊاڪٽر صاحب "ڳرهڙ" لفظ ڪهڙي معني کان استعمال ڪيو آهي، ٻيو تہ ڊاڪٽر صاحب انهن واين کي سر سامونڊي جي موضوع سان ٺهڪائڻ لاءِ جتي، جت، هوت ۽ پاروچي جهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن اتي "پرين" وغيره جا لفظ وڌا آهن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ائين رسالي جا لفظ مٽائي سگهجن ٿا؟! با وجود انهيءَ جي ڊاڪٽر صاحب بہ مٿين اعتراض جوڳين ڳالهين کي چٽي طرح واضح نٿو ڪري.

اهو مسئلو نہ صرف سر سامونديءَ جي واين سان آهي بلڪ شاهه صاحب جو سڄو رسالو اهڙن مسئلن کان اڃا تائين آجو ناهي ٿيو. جنهن تي محنت ۽ تحقيق جي تمام گهڻي ضرورت آهي. جيئن مٿي اسان اهو ذڪر ڪري آيا آهيون تہ شاهه صاحب جو ڪلام ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪيترن مشڪل مرحلن مان گذري ڪري گڏ ٿيو آهي. ڪيترن ئي هندي، فارسي ۽ عربي شاعرن جي شاعريءَ جا ٽڪرا گڏوچڙ ٿي پيا. انهي بابت مٿي ڏنل آهي ۽ واضع آهي ۽ اڄ تائين اهو ئي عقيدورهيو آهي تہ شاهه جي سماع ۾ گويا شاهه جا شعرچوڻ سان گڏ ٻين ٻولين توڙي سنڌي ٻوليءَ جي ماضي جي يا شاهه صاحب جي همعصرن جي شاعري شاهه سائين جي حضور ۾ آلاپيندا هئا. جنهن جو اثر شاهه جي رسالي تي پيو ۽ صاف نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ شاهه صاحب جي هر سٽ کي جتي بہ آلاپجي پنهنجي سڃاڻپ جي پاڻ مالڪ آهي. هڪ عظيم ڪويءَ جي ڪويتا ۾ جيڪا انفراديت هوندي آهي، اهائي يقيني انفراديت شاهه جي شاعريءَ ۾ جرڪي ٿي. هو پنهنجي انفراديت جي ئي بنياد تي شاعريءَ جي آسمان تي سورج جيان چمڪي ٿو ۽ پيار ۽ امن جا ترورا ٽمڪائي ٿو ۽ انهن تررن ۾ پنهنجي ڪشش ۽ لطف آهي، جيڪي پنهنجائپ جو هر سامان مهيا ڪن ٿا. تڏهن تہ زندگيءَ جي هر شعبي سان وابستہ ماڻهو ان کي آلاپي ٿو ۽ انهن جي پنهنجن اندر جي اڌمن تحت معني ڪڍي ٿو. اها ڳالهہ سئو سيڪڙو درست آهي تہ هر ماڻهو پنهنجي ذهني دائري تحت معني جي ور ۾ اچي ٿو. تڏهن تہ اهو بہ سئو سيڪڙو ممڪن تي سگهي ٿو تہ مان بہ سئو سيڪڙو غلط رايو ڏيندڙ هجان. ڇاڪاڻ تہ منهنجو ذهني دائرو پنهنجو آهي. سو ڪنهن بہ محقق جي ڳالهہ کي رد نٿو ڪري سگهجي، ۽ نہ ئي اهو چئي سگهجي ٿو تہ مان جو چوان ٿو بلڪل لوهہ تي لڪير آهي. ڇاڪاڻ تہ شاهه صاحب پنهنجن بيتن لاءِ ڪجهہ اهڙو رايو ڏي ٿو تہ :

جي تون بيت ڀائيين، سي آيتون آهن.

بهر حال سيني محققن ۽ عالمن جا لک لائق، لک ٿورا جو انهن پنهنجن پيارن نيڻن کي اوجاڳا ڏئي، نور نچوڻي، رت ولوڙي، اهڙو انمول هيرو اصل حالت ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي اسان فخر ڪريون تا اها اسان جي سڃاڻپ آهي، اسان جي وڏائيءَ جي علامت آهي. اسان زنده قوم آهيون جيڪا هڪ عظيم شاعر سان روشناس ٿيل آهي. اسان کي جڳائي ته صرف عقيدن جي ڏاوڻن کي پنهنجي تحقيق جي پيرن مان ڪڍي حقيقت ۽ سچائي سان پنهنجن مهان ڪوين کي پنهنجن ۽ پراون جي دلين ۾ جاءِ ڏيون ۽ انهن جي ڪويتائن ۾ موجود مونجهارن جي سچائيءَ تائين پهچون ۽ پنهنجي روح کي آرام ڏيون. مون ته بهرحال اهڙي ڪا تحقيق ناهي ڪئي، پر پاڻيءَ ۾ پٿر به ناهي هنيو ۽ نه ئي ڪکرن ۾ ڪڙو هنيو اٿم، ڇاڪاڻ ته شاه صاحب جي شاعريءَ تي تحقيق جو سلسلو ماضيءَ جي ڪيترن ئي سالن کان هلندو اچي ۽ هلندو ئو رهي. صرف ايترو ضرور چوندس ته شاه جي سالڪن کي ۽ جن "شاه جا رسالا" ترتيب ڏنا آهن تن مان جيڪي حال حيات آهن انهن کي اها نماڻي گذارش ڪندس ته پنهنجي محنت تي نظر ثاني ڪن، ممڪن آهي ته ڪين ڪي مونجهارا نظر اچن ۽ انهن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪن. منهنجي نظر تي جيڪي به رسالا چڙهيا تن مان صرف ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جن داد جا حقدار آهن، جن جي تحقيق تي سچ ته ڏندين آڱريون اچيو وڃن، پر بيا ته هڙئي رسالا ڇڻ هڪبئي کي ڏسي تيار ڪيا ويا آهن، جن صرف ايترو ڪيو آهي ته ڪنهن بيت کي ڪنهن داستان ۾ رکيو آهي ته ڪنهن وائيءَ کي ڪنهن داستان ۾، هيڏانهن جو بيت هوڏانهن ڪري ۽ هوڏانهن جو بيت هيڏانهن ڪري يا ڪجهه بيتن جي سٽن ۾ ٿوري گهٽ وڌ ڪري رسالا تيار ڪيا ويا آهن. تي سگهي ٿو ته مان انهن عالمن جي باري ۾ غلط رايو ڏئي ويو هجان، مگر مونکي جو ڪجهه محسوس ٿيو آهي سو مون لکيو آهي.

منهنجي موضوع جي حوالي سان ائين ڪرڻ گهرجي ته، اهو ڏسجي ته هڪ ئي سٽ ۾ يا بيت ۾ ٻن سرن جون ڳالهيون پيون ٿين. اهو ڏسجي ته اهڙو ٽڪرو جيڪو سر سامونڊي يا ڪنهن ٻئي بيت جي رهنمائي ٿو ڪري، انهن کي انهي سر جي ڪنهن بيت سان ڀيٽي ڏسجي، ته ڪٿي ٿو پورو لهي، ۽ ٻئي ٽڪري کي ٻئي سر جي ڪنهن بيت يا وائي سان. جهڙوڪ

ڪرهل پائي لڄ، ڪهه نه وئينءَ ان سين؟
اجاريائون اوليون، ڏڌاريائون ڏڄ.

سر سامونڊيءَ جي انهي وائي ۾ مٿين سٽ سر سسئي جي لڳي ٿي ته هيٺين سٽ سر سامونڊيءَ جي. انهي مونجهاري کي اڪلائڻ لاءِ مٿين سٽ کي "سر سسئي" جي بيتن سان ۽ واين سان ڀيٽجي ته متان اها اتي ڪٿي ٺهڪي ته نٿي، اگر جي ٺهڪي ٿي ته اها سٽ انهيءَ بيت جي آهي ته انهي جي اصل جڳهه اهائي آهي. اگر جي نٿي ٺهڪي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اها سٽ يا چوڻ ڪنهن ٻئي شاعر جو آهي. اهڙي چند چاڻ ڪانپوءِ اهو پتو پئجي سگهي ٿو ته اهو بيت، سٽ يا وائي ڪهڙي سر جي آهي ۽ ڪٿي هئڻ گهرجي. سر سامونڊيءَ جون وايون ايترو ته ڏارين لفظن ۽ سٽن جي ور چڙهيل آهن جو صرف ٻه ٽي وايون خاص انهي سر جون آهن باقي ته انهيءَ سر جون لڳن ئي نٿيون ۽ تقريباً ته ڳاڏڙ آهن.

"سامونڊيڪو سڱ، آهي گوندر ڳاڏئون،
انگن چاڙهي انگ، وٺو وڻجارو اوهري."

# مددي ڪتاب:

(1) شاھ جو رسالو — گنج شريف.
(2) شاھ جو رسالو — ڪلياڻ آڏواڻي.
(3) شاھ جو رسالو — علامہ آءِ.آءِ. قاضي.
(4) شاھ جو رسالو — شوقيرام تاراچند.
(5) شاھ جو رسالو — ڊاڪٽر گربخشاڻي.
(6) شاھ جو رسالو — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
(7) شاھ جو رسالو — مرزا قليچ بيگ.
(8) شاھ جو رسالو — ٻانهون خان شيخ.
(9) شاھ جو رسالو — غلام محمد شاھواڻي.
(10) شاھ جو رسالو — عثمان علي انصاري.
(11) شاھ جو رسالو — علامہ غلام مصطفي قاسمي.
(12) شاھ جون وايون — ٻولچند آڏواڻي.
(13) شاھ جي شاعري — تنوير عباسي.
(14) سر سامونڊي — حميد سنڌي.
(15) ڪلاچي — تحقيقي جنرل.
(16) نئين زندگي (رسالو)
(17) سوجهرو (رسالو)
(18) شاھ ۽ سنڌ — ڊاڪٽر فهميده حسين.
(19) سنڌ جو شاھ — بدر ابڙو
(20) شاھ جي رسالي جو مطالعو — مولانا دين محمد وفائي.
(21) لطف لطيف — مولانا دين محمد وفائي.
(22) شاھ جون وايون — پروفيسر ڪلياڻ ٻولچند آڏواڻي.

احمد سومرو

# شاهه رح جي تخليقي ڪيفيت ۽ قوت

افلاطون جو خيال هو تہ شاعريءَ جي ديوي تخليقڪار (شاعر) ۾ الهامي قوت جو روح ڦوڪي ٿي ۽ شاعر فن جي مدد سان نہ پر آسماني قوت سان شاعري ڪري ٿو ۽ ڪو بہ تخليقڪار صرف ان وقت ئي تخليقي ڪيفيت ۾ داخل ٿيندو آهي، جڏهن ڪيس الهامي قوت بخشي ويندي آهي. افلاطون پنهنجي وجدان واري نظربي ۾ اهو ٻڌايو تہ جڏهن روح مثاليت ڪي پنهنجو پاڻ ظاهر ڪرڻو هوندو آهي تہ پوءِ اها ڪنهن اهڙي وجود ڪي ڳوليندي آهي جيڪو ڪيس ظاهر ڪري، ۽ اهو وجود ڪنهن "شاعر" جو هوندو آهي.

افلاطون جي ان خيال جا قائل نہ صرف قديم يوناني هئا، بلڪ ڪيتري ئي وقت تائين يورپ جا ماڻهو بہ انراءِ جي لپيٽ ۾ رهيا، ڇاڪاڻ تہ خود يورپ جي ڪيترن ئي ڏاهن افلاطون جي خيال ڪان متاثر ٿي، اهڙن ئي نظرين جي پرچار ڪئي. پر پوءِ آهستي آهستي يورپ ۾ تخليق بابت نوان جديد نظريا سامهون آيا، جن قديم خيال پرست نظرين ڪي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. انهن جديد نظرين ۾ آسٽريا (يورپ) جي ناليواري فلسفي ۽ ڏاهي "سگمنڊ فرائڊ" (1856_1939) جو "تحليل نفسي" وارو نظريو سڀ ڪان وڌيڪ اهميت جو حامل آهي، جنهن ۾ هن ڪنهن بہ تخليق ڪي دٻيل ۽ اڻپورن انساني جذبن ۽ خواهشن جو شعوري اظهار سڏيو آهي.

يورپ ۽ دنيا جي ٻين سڌريل ملڪن ۾ جيتوڻيڪ اڄان بہ تخليق بابت "الهامي" ۽ "شعوري" ٻئي نظريا موجود آهن، پر گهڻي قدر ماڻهو تخليقي عمل

ڪي مڪمل شعوري عمل سمجهن ٿا ۽ قديم خيال پرست نظرين جي ڀيٽ ۾ جديد سائنسي نظرين کي فوقيت ڏين ٿا. اتي اهي قديم نظريا صرف فلسفي جا ارتقائي نظريا هجڻ جي ڪري اجا تائين محفوظ آهن.

هي سڄي دنيا جي ابتڙ سنڌ واسين تي اڃ بہ اهي قديم خيال پرست نظريا غالب آهن. اسان وٽ ڪيترائي ماڻهو اهو مڃيندا آهن تہ تخليق ڪرڻ دوران سيئي تخليقڪار ڪنهن غيرشعوري حالت ۾ داخل ٿي ويندا آهن. مٿن ڪا وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي، جيڪا پاڻمرادي اظهار جو رستو ڳولي، تخليقڪار هٿان تخليق کي عيان ڪندي آهي ۽ ان سڄي عمل ۾ تخليقڪار بلڪل بيوس ۽ محض وسيلي جو ڪم ڪندو آهي.

جيڪي بہ ماڻهو ڪنهن تخليقڪار جي پورهئي کي الهامي هجڻ جو درجو ڏئي سندس تخليقي قوت کي پنيرو رکن ٿا، اهي دراصل فطري طور تي خيال پرست هوندا آهن ۽ تخليق بابت دنيا جي نون نظرين کان بلڪل اڻ واقف هوندا آهن. بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ اهي واقف ٿيڻ جا خواهشمند ئي نہ هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي تخليقڪار پاڻ بہ خيال پرست هجڻ ڪري ساڳين خيالن جو پرچار ڪندا آهن ۽ پنهنجي تخليق کي خدائي تحفو سڏي پنهنجو ۽ پنهنجي تخليق جو مان وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. تخليق ڪندڙ ۽ تخليق پرکيندڙ ٻئي جيڪڏهن خيال پرست هجن تہ اهڙي حالت ۾ تخليق پنهنجي فن جي ڪماليت ذريعي نہ بلڪ عقيدت ذريعي پاڻ مڃائيندي آهي.

دراصل تخليق جو عمل ڪو غير شعوري، يا وجداني عمل نہ آهي، بلڪ هي هڪ مڪمل شعوري عمل آهي. هن ۾ ڪا بہ الهامي قوت هرگز ٻهرو ناهي وٺندي، ڇاڪاڻ تہ هي مڪمل طور تي هڪ مادي عمل آهي. بدر ابڙو پنهنجي ڪتاب ”تنقيد نگاري“ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ :

"فن ۽ تخليق ڪڏهن بہ غير شعوري نہ ٿيندا آهن. اهو سدائين شعوري عمل آهي. جڏهن اسان جو ذهن ڪنهن ڳجهارت، مسئلي يا موضوع کي سلجهائڻ ۾ مصروف هوندو آهي، تڏهن ائين لڳندو آهي تہ ڄڻ اسان بي تحرڪ آهيون جڏهن تہ ذهن بي انتها ڪم ۾ رڌل هوندو آهي. تخليق مهل فنڪار جو ذهن نيم خوابيدا ٿي ويندو آهي ۽ ذهن جا سمورا حصا پوري ڏيان ۽ شدت سان موضوع کي اڪلائيندا ويندا آهن." (1)

شاهہ لطيف جي تخليقي ڪيفيت بابت بحث ڪندي بہ اڪثر ماڻهو "وجدان"، "الهام" ۽ "آمد" جهڙا لفظ استعمال ڪري ڪيس ڪا مافوق الفطرت (Super Natural) قوت رکندڙ هستي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر جيڪڏهن شاهہ جي پنهنجي ڪلام کي غور سان جانچجي تہ خبر پوندي تہ شاهہ خود انهن سڀني خيال پرست راين جي نفي ڪئي آهي. پاڻ سر پرڀاتي ۾ چوي ٿو تہ :

"ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي"

(سر پرڀاتي : داستان 1 )

مطلب تہ ذات (تخليقي قوت) ڪجهہ خاص ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل نہ آهي، بلڪ جيڪو جيترو رياض ڪندو، اهو اوترو ئي ان قوت کي حاصل ڪندو.

جيتوڻيڪ شاهہ صاحب سر سهڻي ۾ اهو چيو آهي تہ :

جي تو بيت ڀانئيان، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

(سر سهڻي : دستان 6 )

پر ان مان اهو هر گز نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام کي الاهي تحفو سڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻ تہ محض پيٽ ڏني اتائين ۽ پنهنجي ڪلام کي آيتن وانگر پيغام ڏيندڙ سڏيو اٿس. لفظ ”آيت“ معنيٰ ”نياپو“ آهي . ہي معنيٰ ۾ انهن کي قرآني آيتن جي تفسير بہ چئي سگهجي ٿو.

شاهہ صاحب جي پنهنجي ڪلام ۾ جديد نظرين جي مطالعي مان اها ڳالهہ آسانيءَ سان ثابت ٿئي ٿي تہ شاهہ صاحب صرف ڪنهن مجذوبيت واري ڪيفيت طاري ٿيڻ سان ئي شاعري ڪانہ ڪئي، بلڪ شعوري حالت جا سيئي شديد مشاهدا ۽ اڀياس ۽ سندس اندر جا پيڙاءَ ڪيس تخليق ڪرڻ واري عمل جي نزديڪ آڻي ڇڏيندا هئا. جتان اظهار بلڪل آسان ٿي پوندو آهي، بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ پاڻمرادو ٿي ويندو آهي. جيئن انگريزي ٻوليءَ جي ناليوري شاعر ”وليم وردس ورٿ“ (1770_1850) چيو آهي تہ :

Poetry is the spontaneous overflow of powerful emotions.

يعني : ”شاعري سگهارن جذبن جي پاڻمرادي اٿل آهي.“

## شاهہ جي تخليقي قوت :

تخليقي قوت مان مراد آهي ڪنهن بہ تخليقڪار جي اها تخليقي قوت يا سگهہ جيڪا سندس تخليق کي مڪمل اظهاري ۽ فني صلاحيتن سان وجود ۾ آڻي سگهي. اها سگهہ ئي ڪنهن تخليقڪار کي تخليق ڪرڻ واري مرحلي تائين پهچائيندي آهي ۽ اظهار کي برسات جي پاڻيءَ جيان رواني ڏئي ڇڏيندي آهي، جيڪو پنهنجا رستا پاڻ جوڙيندو آهي.

شاهہ لطيف جي تخليقي قوت کي پرکڻ ۽ ماپڻ نهايت آسان ڪم آهي. نہ صرف ڪو تخليقڪار بلڪ هر اهو عام ماڻهو بہ شاهہ جي تخليقي سگهہ کي

سمجهي سگهي ٿو جيڪو محض مشاهدي ۽ اندروني پيڙاءَ جي اظهار جي انتهائي حد جو تعين ڪري سگهي. شاهه هڪ شاعر هجڻ جي حيثيت سان پنهنجي مشاهدن، اپياسن، اندر جي پيڙائن ۽ شخصي جذبن ۽ خواهشن جو حقيقي مظهر پنهنجي سڄي ڪلام ۾ ڪي بڻائي پيش ڪيو آهي.

ڪنهن به شاعر لاءِ اهو سڀ کان ڏکيو مرحلو هوندو آهي ته پنهنجي احساسن کي اهڙو مڪمل اظهار ڏئي سگهي، جنهن ۾ ڪجهه رهجي وڃڻ جي ڪا به گنجائش نه هجي ۽ جيڪو سندس پنهنجي شخصيت جي داخلي بيچينيءَ کي شانت ڪري سگهي. شعر جهڙي صنف ۾ ته اهو سڀ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ وڏيڪ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ ته شعر جي صنف ۾ ڪوڙ ساريون فني بندشون به هونديون آهن، جيڪي ڪنهن به شاعر آڏو اظهار جي وهڪري ۾ رنڊڪون وجهنديون آهن. ان کان سواءِ شعر جي صنف اختصار سان گڏ جامعيت به گهرندي آهي. مطلب ته هڪ مڪمل ۽ بهترين شعر چوڻ ائين آهي جيئن ڪنهن وٽي ۾ سڄو سمنڊ سمائڻ انهن سڀني حالتن ۾ به جيڪڏهن ڪو شاعر پنهنجو پاڻ کي ڪامياب ڪري ڏيکاري ته اهو ضرور ڪامل شاعر ئي چئبو. جيئن طالب المولىٰ چيو آهي :

> واردات قلب کي جيڪو بيان شاعر ڪري،
> ان کي پنهنجي اڻ لکيل پنهنجي ڪلامن جا سلام.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به اهڙو ئي ڪامل شاعر آهي. سندس ڪنهن به بيت ۾ اظهار جي رواني ڪنهن فني بندش جي ڪري هرگز نه ٿي رڪجي. سندس شاعري پڙهڻ سان ائين لڳندو آهي ڄڻ سندس اظهاري قوت کي عقاب جا پر لڳل هجن!

تخليق جيتري قدر سگهاري ۽ پر اثر ٿي سگهي ٿي، شاهه سائينءَ ان کي اوترو ڪري ڏيکاريو آهي. سندس مشاهدي ۾ تمام گهڻي باريڪ بيني هئي، تنهنڪري سندس اظهار ۾ ڪڏهن به ڪا کوٽ نه رهي. پاڻ پنهنجي ڪنهن به احساس کي اظهار جي سڀ کان اونهي ۽ انتهائي حد تائين بيان ڪيو اٿس. هڪ اهڙي حد جتي ڪنهن عام ماڻهوءَ جي سوچ ڪنهن مضبوط سهاري يا اشاري کان سواءِ پهچي به نه ٿي سگهي. سندس مشاهدي جي اک تمام تکي هئي. سندس بيان جيترو روان آهي اوترو ئي گهرو ۽ اثرائتو پڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ جي سائر ۾ هر بار غوطو هڻڻ سان ڪا نئين شيءِ ضرور لڀندي آهي. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي صاحب پنهنجي مرتب ڪيل "شاهه جي رسالي" جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته :

"شاهه ئي آهي جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو پرياڻ هيءَ آهي، ته جيئن جيئن اسين سندس شعر تي اونهو غور ڪنداسين، تيئن تيئن اسان ۾ نئين حيرت اٿپن ٿيندي." (2)

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،\
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي،\
پسندا سيئي، املهه اکڙين سين.

(سر سريراڳ : داستان 2)

شاهه هڪ جمالياتي ۽ پيغام ڏيندڙ شاعر آهي. سندس شاعريءَ جا سرچشما هوندئن ته تمام گهڻا آهن پر سندس چونڊيل ڪردار وڏيڪ اهميت رکن ٿا. شاهه انهن ڪردارن جي ذريعي تصوف جي ڳوڙهن فلسفن کي بيحد آسان ۽ مؤثر ڪري پيش ڪيو آهي. اهو سندس تخليقي سگهه جو ئي ڪمال آهي جو هن هر شيءِ کي تمام باريڪيءَ سان ڏسي بيان ڪيو آهي.

شاهه صاحب جي ڳايل جڳ مشهور داستانن ۾ سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، موکي متارا، ليلا چنيسر ۽ سورٺ راءِ ڏياچ شامل آهن. انهن داستانن جا ڪردار شاهه جي شاعريءَ جا سرچشما آهن. جيتوڻيڪ اهي داستان ۽ انهن جا ڪردار سنڌي لوڪ ادب ۾ هوئڻ بہ ڪا جاءِ ضرور والارين هان پر شاهه صاحب کين هميشہ لاءِ امر بڻائي ڇڏيو آهي. شاهه جي زماني ۾ اهي داستان ۽ قصا عام رائج هئا. سندس بزرگي ۽ ڪماليت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ انهن داستانن ۽ انهن جي ڪردارن جا سيئي فڪري پهلو تلاش ڪري اهڙي تمثيلي شاعري ڪئي اٿائين جيڪا ٻيو ڪوئي ناهي ڪري سگهيو. پنهنجي ڪردارن کي صرف تمثيلي شاعريءَ لاءِ بہ ڪم نہ آندو اٿائين بلڪ انهن جي اندروني ڪربن، سماجي ۽ معاشي حالتن کي پڻ تمام پر اثر نموني پيش ڪيو اٿائين.

جيڪڏهن ڳالهہ ڪجي سسئيءَ جي تہ ائين لڳندو ڇڻ شاهه صاحب هر لمحي سسئيءَ سان ساڻ رهيو هجي. پنيور کان ڪيچ واري پيرين اگهاڙي پنڌ ۾ سندس رفيق رهيو هجي. سندس هر احساس کي بيان ڪيو اٿائين.

جيڪڏهن سسئيءَ ڪڏهن جيون جي سورن تي سوچيو هوندو تہ سندس خيال جهڙا تي سگهيا تي، شاهه صاحب اهڙا ئي بيان ڪري ڇڏيا:

سرجي تان سور، سامائي تہ سک ويا،
اهي هيئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

(سر حسيني : داستان 10)

ڪيچيءَ جي عشق ۾ ازيل مائي سسئيءَ جي بيچيني ۽ انتظاري ڪيفيت کان بہ شاهه صاحب ائين آگاهہ هو ڇڻ آپ بيتيءَ کان آشنائي هوندي آهي:

ناه جمعيت جان ڪي، هوت پچاڻان هاڻ،
الله سيئي آڻ، جن ساءُ چکايم سڪ جو.

(سر سسئي آبري : داستان 10)

پنهونءَ پچاڻان جڏهن سسئي سپ سڪ وساري، بي پرواهه ٿي، پنڌ شروع ڪيو هوندو، ته ڪن ڪيس روڪيو ۽ ٽوڪيو به هوندو. شاهه سندس انهن امڪاني احساسن کان به واقف آهي ۽ اهڙو اثرائتو اظهار ڪيو اٿائين جهڙا سسئي جا دليل ٿي سگهيا هوندا :

ڪنڊا مون پيرن ۾، ٽوٽي لک لڳن،
آگر آڱوٺي نه مڙي، چپون پير چنن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نه پائيان.

(سر معذوري : داستان 3)

سسئي ڪيڏي به سچي عاشقياڻي سهي، پر سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪيل ڪو ننڍڙو احساسِ پڇتاءُ به شاهه صاحب جي خيالي قوت آڏو لڪي نه سگهيو:

اديون ! آئون اجاڻ، مون سڱ سڄاڻي نه ڪئو،
هوند نه سنيم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جيڏيون.

(سر سسئي آبري : داستان 5)

مطلب ته سسئيءَ جو هر ظاهري ٽوڙي لڪيل احساس جيڪو هن پنهنجي سرتين کان به لڪائي ورتو هوندو، شاهه صاحب نه صرف تلاش ڪري ورتو بلڪ

اظهار جي سڀ کان انتهائي ۽ پراثر حد تائين بيان ڪري ڏيکاريائين، جنهنڪي پڙهي ڪوئي پي سسئيءَ جي سوين سال پراڻن احساسن کي محسوس ڪري سگهي ٿو. اهو شاهه صاحب جي تخليقي سگهه جو ڪمال ۽ شاهه جي سگهه کي سمجهڻ وارن لاءِ بهترين مثال آهي.

ڪنهن به مرد شاعر لاءِ مرداڻا ڪردار ڪٺي مرداڻا احساس ۽ جذبا بيان ڪرڻ نسبتاً آسان هوندو آهي، پر شاهه صاحب پنهنجا گهڻي ڀاڱي ڪردار سورمين (عورتن) جي روپ ۾ ڪنيا آهن ۽ عورتاڻن احساسن کي اهڙيءَ ريت بيان ڪيو اٿائين جو جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجا جذبا پاڻ بيان ڪرڻ ويهي ته به اها تاثير ڏئي نه سگهي.

شاهه جي تخليقي قوت کي شاهه جي سڄي ڪلام مان ماپي سگهجي ٿو. سندس هر بيت سندس بزرگي ۽ عظمت جو دليل آهي. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته شاهه جي ڪلام کي ماپي توري پڙهجي.

## حوالا:

1. بدر ابڙو "تنقيد نگاري"، سنڌي ادبي سنگت ڪراچي، 1985ع، ص-7.
2. هوتچند مولچند گربخشاڻي، "شاهه جو رسالو"، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، پٽ شاهه، حيدرآباد سنڌ، 1992ع، ص-52.

## مددي ڪتاب:

- بدر ابڙو "تنقيد نگاري"، سنڌي ادبي سنگت ڪراچي، 1985ع.
- هوتچند مولچند گربخشاڻي، "شاهه جو رسالو"، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، پٽ شاهه، حيدرآباد سنڌ، 1992ع.
- عبدالغفار گوهر دائودپوٽو، "شاهه جو رسالو"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1994ع.
- ڊاڪٽر فهميده حسين، "ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع.
- ڊاڪٽر جميل جالبي، "ارسطو سي ايليٽ تڪ"، نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد، 2003ع.

مشتاق راڄپر

# عالمي سنڌ ڪانفرنس ـ هڪ تاثر

سنڌ جي ادب، ٻوليءَ تاريخ، قديم آثارن، سماج ۽ معيشت تي ڪراچيءَ ۾ تازو ٿيل ٽِئن ڏينهن واري ڪانفرنس ڏاڍي لاڀائتي ثابت ٿي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ سان لاڳاپيل اديبن، دانشورن ۽ اقتصادي ماهرن سميت صوبي جي اڳوڻن عملدارن ۽ بيوروڪريٽن پنهنجا تجزيا ۽ جائزا پيش ڪيا، جنهن سان نہ صرف اتي موجود ماڻهن جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيو بلڪ ڪانفرنس گهڻن ئي نون رُخن ۾ سوچ ۽ تحقيق جا دروازا کوليا آهن.

"سنڌ ماضي، حال ۽ مستقبل" جي عنوان هيٺ ٿيل ان ڪانفرنس ۾ جيتوڻيڪ سياست جي موضوع تي ڪوبہ سڌي طرح بحث رکيل نہ هو، ڪنهن بہ مقرر سنڌ جي سياست جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي نہ ڳالهايو، پر ظاهر آهي تہ جڏهن سنڌ جي ادب، سماج ۽ معيشت جي ڳالهہ نڪرندي تہ پوءِ سياست جا حوالا ۽ ان ڏانهن اشارا اڻٽر ٿي پون ٿا.

ٽِئن ڏينهن واري هن ڪانفرنس ۾ آخري ڏينهن تي سنڌ جي سماج ۽ معيشت (Society and Economy) تي ٿيل بحث مون کي وڌيڪ متاثر ڪيو. سنڌ جي معيشت ۽ سماج جي موجوده حالتن کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ لکڻ منهنجو گذريل ڪجهہ سالن کان موضوع رهيو آهي، تنهن ڪري مون کي ڪانفرنس جو اهو سيشن (ويهڪ) وڌيڪ اهم ۽ دلچسپيءَ وارو لڳو. ان اهم سيشن (Session) جي صدارت اسٽيٽ بئنڪ جو اڳوڻو گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين ڪري رهيو هو، جنهن جي موجودگيءَ ۾ سنڌ جي بدتر حالتن، معاشي پسماندگيءَ، حق تلفين ۽ استحصال جو سمورو ذڪر ٿيو جيڪو سالن کان هلندو ٿو اچي. ڊاڪٽر قيصر بنگالي، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، ادريس راجپوت، پروفيسر اعجاز

قريشي، اڳوڻن سرڪاري عملدارن نذر ميمڻ ۽ فضل الله قريشي سنڌ جي مالي حالتن، صوبيءِ وفاق جي وچ ۾ مالياتي لاڳاپن ۽ سنڌ جي زرعي معيشت تي تفصيلي ڳالهايو، جنهن مان اڄوڪي سنڌ جي هڪ مڪمل تصوير اڀري آئي.

ڊاڪٽر رجب ميمڻ سنڌ جي زراعت جي تباهيءَ جا انگ اکر پيش ڪيا، خاص طور تي موجوده دؤر ۾ سنڌ جي اهم فصلن جي پيداوار ۾ مسلسل لاٽ ۽ آباد ٿيندڙ بنيءَ ۾ آيل گهٽتائي جو احوال ڏنو. جنهن مان واضح پئي ٿيو ته سنڌ ڇو محروم ۽ غريب آهي. مثال طور هن چيو ته گذريل ڇهن سالن ۾ ڪڻڪ جي پيداوار 30 سيڪڙو گهٽي آهي. چانور 4 سيڪڙو ۽ ڪمند 20 سيڪڙو گهٽ پيو ٿئي. صرف ڪپهه جي پيداوار ۾ 3 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، پر تنهن جي آباد ٿيندڙ زمين ۾ 13 سيڪڙو لاٽ آئي آهي ـ جنهن جي معنيٰ ته ڪپهه پوکيندڙن جو تعداد گهٽيو آهي، جنهن سان بيروزگاريءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. ڊاڪٽر رجب ميمڻ ان گهٽجندڙ زرعي پيداوار جو سبب نه صرف پاڻيءَ جي شديد کوٽ ڄاڻايو آهي بلڪ ان سان ئي گڏ نقلي دوائن ۽ ٻاڻ جي فراهمي به هڪ سبب ڄاڻايو آهي. سندس بقول ته سنڌ ۾ 200 جي لڳ ڀڳ زرعي دوائن جون ڪوڙيون ۽ هٿ نوڪيون ڪمپنيون آهن. هن هڪ ٻئي اهم مسئلي جي نشاندهي ڪئي ته سنڌ جي آبادگار کي زرعي قرض صرف 12 سيڪڙو ملي ٿو جنهن ڪري زراعت جي شعبي ۾ نئين سيڙپ نه پئي ٿئي يعني ملڪ ۾ ملندڙ زرعي قرض (جيڪو هڪ سؤ ارب رپين کان ساليانو مٿي آهي) تنهن جو صرف 12 سيڪڙو صوبي جي آبادگارن کي ملي ٿو. جڏهن ته هڪ اندازي مطابق جي ان کي وڌائي 30 سيڪڙو ڪيو وڃي ته ان سان صوبي جي بيٺل زرعي معيشت ۾ تيزي ۽ تحرڪ اچي ويندو.

ڊاڪٽر رجب ميمڻ جي علمي تحقيقي مقالي سنڌ جي زراعت جي نہ صرف مسئلن جا سبب ۽ جائزو پيش ڪيو بلڪ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪافي قابل عمل تجويزون پڻ پيش ڪيون، جن ۾ خاص ڪري زرعي پيداوار سان لاڳاپيل صنعت (Agro-based industry) کي هٿي وٺرائڻ، زراعت سان لاڳاپيل آباديءَ جي نوجوانن کي تعليم ۽ هنري سکيا ڏئي ڪين زراعت کان علاوه ٻين شعبن (non-farming) ۾ روزگار سان لڳائڻ جو بندوبست ڪرڻ شامل آهن.

ڊاڪٽر رجب ميمڻ سنڌ جي زرعي سماج کي آهستي آهستي تبديل ڪرڻ جو هڪ مڪمل رستو ۽ نمونو (vision) ٻڌايو جنهن وينل ماڻهن جا ذهن کولي ڇڏيا تہ اسين سنڌ واسي جنهن جاگيرداري پسمانده زرعي سماج ۾ رهون پيا، ان مان نڪرڻ جا قابل عمل رستا موجود آهن. ضرورت صرف انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ پاليسين ۽ سياسي فيصلي ڪرڻ جي سگهہ (Political Will) جي آهي. هن سنڌ جي زراعت کي غير واضح سرڪاري پاليسين ذريعي ختم ڪرڻ جي بہ نشاندهي ڪئي. خاص ڪري ڪمند ۽ چانورن جي پوکي ۽ پيداوار کي ڇيهو رسائڻ لاءِ انهن جنسن جون قيمتون مقرر ڪرڻ ذريعي انهن فصلن کي تباهہ ڪيو پيو وڃي، جنهن لاءِ سندس بقول، ڪافي ثبوت بہ موجود آهن. هن جي نظر ۾ پنجاب جا وڏا زرعي آبادگار وفاقي زراعت توڙي خوراڪ کاتي جا وزير ۽ عملدار سنڌ جي پاڻيءَ کي سڄي جو سڄو پاڻ استعمال ڪرڻ واسطي سنڌ جي زراعت کي غير ضروري ٻڌائي جھڙوڪر ان کي ختم ڪرڻ وارين پاليسين تي عمل ڪري رهيا آهن. ڊاڪٽر ميمڻ اهڙي راءِ کي رد ڪندي چيو تہ ملڪ ۾ خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ نہ صرف سنڌ جي زراعت تمام اهم (Indispensable) آهي بلڪہ ملڪي ترقيءَ لاءِ سنڌ جي زراعت کي هٿي وٺرائڻ انتهائي اهم آهي، ڇو تہ پنجاب اڪيلي سر

ملڪ جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون نہ ڪري سگهي. تنهن ڪري سنڌ جي زراعت کي dispose off ڪرڻ واريون پاليسيون ترڪ ڪرڻ گهرجن.

غير ذميوار رويي تي ٻڌل پاليسين (Policy Distortions) جو معاملو هڪ انتهائي خطرناڪ مسئلي طرف نشاندي ڪري ٿو. جنهن جو ميمڻ صاحب وڏي جرئت سان ذڪر ڪيو آهي. اهڙن ڪجهہ معاملن جي نشاندهي اڳ ۾ اسان جو زرعي سائنسدان ايم ايڇ پنهور بہ ڪري چُڪو آهي، جنهن پنهنجي هڪ مضمون ۾ چيو هو تہ جنرل ايوب جي شروعاتي اقتدار واري زماني ۾ زرعي جنسن جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويو. تنهن بعد سالن تائين زرعي جنسن جي قيمت نہ وڌائي وئي تہ جيئن صنعتڪارن (Industrialists) کي سستو خام مال (Cheaper raw material) ملي سگهي، نتيجي ۾ صنعتن کي زور وٺائڻ لاءِ زراعت کي نہ صرف جمود جو شڪار بڻايو ويو بلڪہ ٻهراڙين ۾ غربت (Rural Poverty) ۾ اضافو ٿيو.

ڊاڪٽر رجب ميمڻ کي جي وڏيڪ وقت ڏجي ها تہ هو سنڌ جي زراعت جي ترقي توڙي زوال جو تاريخي پسمنظر پيش ڪري ها. جنهن تي هن کي عبور آهي. بلڪہ مسلسل تحقيق ۽ تدريس سان تعلق هجڻ ڪري هن حيرت انگيز حقيقتون معلوم ڪيون آهن. عالمي سنڌ ڪانفرنس جي موقعي تي ڪيس اسان جهڙن گهٽ ڄاڻ رکندڙ ماڻهن تائين گهڻيون ڳالهيون پهچائڻ جو موقعو مليو. پر سنڌ جي زراعت جا مسئلا هڪ ايڏو وڏو موضوع آهي جو ان تي الڳ ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪرڻ گهرجن. سنڌ ۾ جيترا شاعريءَ جا مجموعا ڇپجن ٿا ان جي ڏهين حصي جيترا بہ جيڪڏهن زرعي معيشت ۽ سماجي جمود جي معاملن تي ڪتاب ڇپجن تہ سنڌ ۾ تحقيق ۽ اسڪالرشپ جا بنياد پئجي سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي تڪرار بابت پنهنجي تاريخي مقالي ۾ ادريس راجپوت اهڙيون حقيقتون پيش ڪيون جن سان ڏيڍ سوءِ سالن کان هلندڙ پاڻي جو تڪرار ويڙلن ۾ هر ماڻهوءَ کي سمجهڻ ۾ آيو. ادريس راجپوت صاحب جي تقرير ايتري تہ پُر اثر هئي جو حاضرين سندس احترام ۾ ڪيترائي منٽ تاڙيون وڄائيندا رهيا. منهنجي اڳيان ويٺل امرجليل تہ اٿي بيهي تاڙيون وڄايون ۽ راجپوت صاحب کي ڀاڪر پائي پنهنجو خراج تحسين محسوس ڪرايو.

ادريس راجپوت جو مقالو ايترو ڊگهو هو جو ان جو هتي مان تت بہ نہ ٿو لکي سگهان. هونئن تہ هن اڪثر اهي ڳالهيون ڪيون جيڪي هو ڊئمن جي حوالي سان پاڻيءَ جي عدم موجودگي ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست واريون ڪندو آيو آهي، پر سنڌو درياهہ ۽ ان جي پنج معاون درياهن جا گذريل صديءَ جا وهڪرا هن ٻڌايا. خاص ڪري پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ جوڙيل اينڊرسن ڪميٽي (Andreson Committee) جو هن ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ جڏهن پنجاب 1930ع واري ڏهاڪي ۾ ٿل ڪئنال جو منصوبو جوڙيو پئي تہ انگريز سرڪار ان تي سخت اعتراض واريو هو ۽ چيو هو تہ پهرين سکر بئراج جڙي راس ٿئي، سنڌ جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو جائزو وٺڻ بعد جيڪڏهن اضافي پاڻي بچي ٿو تہ ڪئنال ڪڍو.

ان اينڊرسن ڪميٽيءَ پهريون پيرو هڪ متفقہ رپورٽ جاري ڪئي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ سنڌوءَ ۽ ٻين پنجن معاون درياهن ۾ ڪل پاڻي 105 ايم اي ايف آهي. جنهن مان 64 ايم اي ايف (64 MAF) استعمال هيٺ آهي. سنڌ صرف 24 ايم اي ايف استعمال ڪري رهي آهي. تنهن ڪري پنجاب پلي ٿل ڪئنال ناهي. اهڙي منظوري 1941ع ۾ ڏني وئي.

ان بعد سن 1945ع ۾ رائو ڪميشن (Rao Commission) جڙي، جنهن بہ هڪ متفقہ پاڻيءَ جو معاهدو جوڙيو. جنهن تي سنڌ ۽ پنجاب جي ٻنهي چيف انجنيئرن صحيحون ڪيون هيون. ان معاهدي هيٺ پنجاب کي چيو ويو تہ هو سنڌ کي 62 ملين پائونڊ ڏنڊ طور ڏئي تہ جيئن سنڌ ۾ نوان بئراج ۽ واهہ تعمير ڪيا وڃن، جن سان سنڌ ۾ آباديءَ لائق زمين ۾ بہ واڌارو ڪجي ۽ گهٽي کان گهٽ درياهي پاڻي زراعت لاءِ ڪتب آڻي سگهجي. ان معاهدي هيٺ پاڻيءَ جي ورهاڱو هيٺئين ريت ڪئي وئي.

رائو ڪميشن هيٺ پاڻيءَ جي ورهاڱو (1945)

| درياهہ | سنڌ | پنجاب |
|---|---|---|
| سنڌو | 75 سيڪڙو | 25 سيڪڙو |
| ٻيا درياهہ | 38 سيڪڙو | 62 سيڪڙو |

ان معاهدي هيٺ سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ تي سنڌ جو 75 سيڪڙو حق مڃيو ويو ۽ ٻين پنجن درياهن (جن ۾ تي الهنديون ۽ 2 اڀرنديون نديون شامل هيون) تي سنڌ جو 38 سيڪڙو حق مڃيو ويو. اهڙي طرح سنڌ کي 46 ايم اي ايف پاڻي ۽ پنجاب کي 42 ايم اي ايف پاڻي ڏنو ويو. پر پنجاب حڪومت ان رائو ڪيمشن جي معاهدي کي نہ مڃيو، تنهن بعد سگهو ئي پاڪستان وجود ۾ آيو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ پاڻيءَ جي مسئلي تي هڪ الڳ/جدا فريق ۽ ڌُر واري حيثيت وجائي ويٺي.

ادريس راجپوت 1991ع واري ڄام صادق علي ۽ نواز شريف واري دؤر حڪومت ۾ تيل پاڻيءَ جي معاهدي بابت چيو تہ ان معاهدي ۾ پاڻيءَ جي ورهاڱو ۾ پنجاب جو حصو 55 ايم اي ايف ڪيو ويو، جڏهن تہ 1960ع ۾ وڪرو تيل ٽن درياهن وارو سنڌ جو 38 سيڪڙو پاڻي اڳ ئي انڊيا کي ڏنو ويو هو.

راجپوت صاحب جي تاريخي حوالن سان ڳالهه ٻولهه ايتري عام فهم ۽ ڪري هئي جو سوالن جوابن واري وقفي ۾ ڪانئس هڪ ٻن سوالن کان وڌيڪ ڪجهه به نه پڇيو ويو. هن آخر ۾ اهو چيو ته سنڌ وٽ دليل ۽ سبب تمام گهڻا آهن انهن کي صحيح نموني پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي.

عالمي سنڌي ڪانفرنس ۾ قيصر بنگالي ۽ فضل الله قريشي مالياتي معاملن تي ڳالهايو ۽ ڪافي نيون ڳالهيون ۽ انگ اکر حاضرين آڏو پيش ڪيا. انهن مقالن کان پوءِ صدارتي تقرير لاءِ اسٽيٽ بينڪ جو اڳوڻو گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين آيو. مون ڪيس پهريون دفعو روبرو ڏٺو، سوچيم پئي ته ڳالهيون ته سڀ ٿي ويون هو هاڻي ڇا چوندو، پر هن به ڪمال جون ڳالهيون ڪيون. هڪ ڳالهه يا ڪو نقطو ورجائڻ کان سواءِ هن پيش ٿيل ڳالهين کي بنياد بڻائي سيني حاضرين کي ڪجهه ڪرڻ جي اتساهيندڙ ۽ درد ڀري گذارش ڪئي. ڊاڪٽر عشرت، جيڪو پاڻ به ملڪ جو وڏو معاشي ماهر آهي، جنهن سنڌ جي معيشت تي 1980ع ۾ ڪتاب لکيو هو: (Economy of Sindh) تنهن صاحب سنڌ جي پلاننگ ڊپارٽمينٽ تي چوٽ چنڊيندي چيو ته هنن کي پلاننگ لاءِ ڪي ماڻهو نه ٿا ملن ۽ هو ماڻهن جي ڳولا ۾ آهن ته ڪو هنن جي مدد ڪري. هن ان تي افسوس جو اظهار ڪيو ته سنڌ حڪومت مالياتي ڪميشن (NFC) ۾ پنهنجو نمائندو موڪلڻ لاءِ پريشان هوندي آهي جو ڪيس ڪو ماڻهو نه ملندو آهي جيڪو سنڌ جو مالياتي ڪيس تيار ڪري سگهي. ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هجڻ باوجود سنڌ ۾ ڪي اقتصادي ماهر نه آهن. ڊاڪٽر عشرت حسين ان جو سبب زوال جو شڪار ٿيندڙ تعليم ٻڌايو. هن چيو ته سنڌ ۾ تعليم ۽ صحت جون سهولتون تباهه ٿي ويون آهن ۽ پنهنجن ماڻهن جي سهاري لاءِ سنڌ جا ساڄاهه وند حڪومت

جي مدد جو انتظار نہ ڪن بلڪ پاڻ اتي ڪجھہ ڪن تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو.

هن اهو بہ چيو تہ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ملڪ ۾ انصاف جي ڪوٽ آهي پر اسان کي پنهنجو ڪيس ٺوس بنيادن تي ٺاهڻو پوندو. جذباتن ۽ احساسن کي ٺوس ۽ مضبوط ڪيس کان الڳ ڪرڻو پوندو، بلڪل ائين جيئن اي اين جي عباسي ۽ ادريس راجپوت سنڌ جي پاڻيءَ جو ڪيس پيش ڪيو آهي. ڪو ماڻهو ڳالهائڻ ۾ محتاط بہ هجي ۽ ڳالهہ ڪري بہ وجي، احساسن ۽ جذبن کي معيشت جي انگن اکرن کان الڳ بہ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري پر وري پاڻ سڄي جاھہ و جلال ۽ اندر جي آواز سان ڳالهائي ڪجھہ اهڙي ئي تقرير هُئي ڊاڪٽر عشرت حسين جي، جنهن بار بار پنهنجي مٿي ۽ حاضرين مٿان ديس جي قرض جي ڳالهہ پئي ڪئي، جيڪو سيني کي تحقيق، پاڻ ارپڻ جي جذبي سان ادا ڪرڻو آهي.

ڊاڪٽر عشرت حسين جي تقرير نہ صرف وينلن کي اتساھہ ۽ همت ڏني بلڪہ ذميداريءَ جو احساس ۽ ڪم جي رُخ جي چڻ نشاندهي ڪري ويو.

عالمي سنڌي ڪانفرنس کي مون ان ڪري ڪامياب سمجهيو جو هي وقت ۽ حالتون بدليل آهن. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جا اديب، دانشور، شاعر، ڪهاڻيڪار، ليکڪ، استاد ۽ معاشي ماهر ائين گڏجي ويهن، بحث مباحثا ڪن، هڪ ٻئي جي تجربن ۽ تحقيق مان سکن ان سان هڪ مضبوط ساٿ جو بنياد جڙي ٿو. اڄوڪي سنڌ جيڪا مونجهارن جو شڪار آهي، تنهن کي ڪا واٽ ڏئي سگهجي ٿي.

سنڌ وارن کي اهڙن دوستن مان اهڙي ئي اميد آهي تہ هو سنڌ ۾ تحقيقي علم جون نيون روشنيون آڻين جن سان اسان جا جامد (Frozen) ذهن ڪجھہ تحرڪ ۾ اچن.

ذوالفقار هاليپوٽو

# سنڌ ـ ماضي، حال ۽ مستقبل ـ عالمي ڪانفرنس

سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچيءَ ۾ ٽيل چئن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس "سنڌ ـ ماضي، حال ۽ مستقبل" ڪيترن ئي حوالن سان هڪ نمائنده فورم ۽ ڪامياب سرگرمي هئي.

28 اپريل کان 2 مئي 2006ع تائين هلندڙ اها ڪانفرنس سنڌ جي ٻن تمام وڏن تعليمي ادارن سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي زيلي ادارن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي شعبو ۽ شاهه لطيف چيئر پاران ڪرائي وئي هئي. انهن ادارن پاران رٿيل ان ڪانفرنس ۾ سنڌ کان ٻاهران آيل مهمانن جو تعداد جيتوڻيڪ گهٽ هو، تنهن هوندي به سنڌ مان دانشورن، ليکڪن، شاعرن، اقتصادي ماهرن، آرڪيالاجي ۽ اينٿراپالاجي، لسانيات ۽ ٻولي ماهرن، تاريخدانن، پاڻي ماهرن، تعليمدانن، بينڪرز ۽ سماجي سائنسدانن جي هڪ وڏي انگ شرڪت ڪئي.

منهنجي ڪوشش هوندي ته هن نمائنده ڪانفرنس جي حوالي سان هڪ تفصيلي مضمون لکان ته جيئن ڪانفرنس جي ڪارروائي جو تفصيل سامهون اچي سگهي ۽ اها خبر پوي ته ڪيئن سنڌ جي اسڪالرن پنهنجي پنهنجي شعبي جي حساب سان پنهنجي تقريرن توڙي مقالن ۽ ريسرچ پيپرز ذريعي سنڌ جي معاملن ۽ مسئلن بابت سائنسي ۽ دليلن وارو نقط نظر پيش ڪيو.

ڪانفرنس پنهنجي افتتاحي تقريب کان جيئن اختتامي تقريب تائين هڪ پرپور Sequence (تسلسل) ۾ هلي ۽ جيئن قراردادن ذريعي سنڌ جي بنيادي اقتصادي سياسي، سماجي، فڪري ۽ علمي تحفظات (Conceers) کي هڪ اڪيڊمڪ ۽ سائنسي نقط نظر سان پيش ڪيو

ويو. ان لاءِ پڪ سان نہ رڳو ڪانفرنس جا منتظمين پر مقالن جا ليکڪ ۽ ريسرچ پيپر پڙهندڙ اسڪالر ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ سامعين جس لهڻن جن چئن ڏينهن جي ان ڪانفرنس ۾ صبح جي ڏهين وڳي ڪان رات ڏهين وڳي تائين انتهائي ٿڪائيندڙ ميراٿن سيشن ۾ ڀرپور نمائندگي ڏيکاريندي، ڪانفرنس کي هڪ نئون رخ ڏنو.

منهنجي لاءِ سڀ کان اتساهيندڙ ڳالهہ اها هئي تہ ڪافي وڏي وٿيءَ کان پوءِ سنڌ جي اهم شهر ڪراچيءَ جي هڪ وڏي تعليمي اداري ڪراچي يونيورسٽيءَ، سنڌ يونيورسٽي سان ڀائيواري ڪندي نہ رڳو سنڌ جي اردو ڳالهائيندڙ دانشورن، تعليمدانن ۽ دانشورن جي هڪ چڱي تعداد کي ان پليٽ فارم تي آندو پر انهن پاران سنڌ ۾ وڏندڙ شهري ۽ ڳوٺاڻي (rural-urban) ورڇ بابت پڻ موقف بڌڻ ۾ آيو، جنهن جو سمورو زور ان وٿيءَ کي ختم ڪرڻ تي هو.

ڪراچي شهر جي ان وڏي تعليمي اداري پاران سنڌ جي اشوز تي ٿيندڙ ڪانفرنس کي پنهنجو ڪرڻ دراصل سنڌ جي معاملن کي پنهنجو ڪرڻ هو ۽ مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ اها مالڪي هڪ وڏو قدم هو. ان ڪانفرنس ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيو ان کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. هندستان جي سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي پاڪستان حڪومت پاران ويزائون جاري نہ ڪرڻ واري فيصلي تي ڪانفرنس جو زبردست موقف.

2. وڏي عرصي کان پوءِ سنڌ جي هر سطح جي بحران ۽ ان مان ٻاهر نڪرڻ بابت شهري ۽ ڳوٺاڻي سنڌ جي ويجهي ٿيڻ وارو تاثر.

3. سنڌ جي سياسي، اقتصادي، سماجي، علمي ۽ فڪري بقا بابت سنڌ جي ماهرن ۽ اسڪالرن جو چٽو ۽ ڀرپور موقف.

4. ڪانفرنس جي سرگرمين جو مجموعي اثر ۽ مستقبل جي ايجنڊا.

منهنجي لاءِ ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ هڪ عام ماڻهوءَ توڙي هڪ مقرر طور هيءَ ڪانفرنس سڀ کان وڏو نياپو اهو ڏئي وئي تہ سنڌ جي حقن جي لاءِ شعور بيدار ڪرڻ جي جيڪا تحريڪ آهي سا هاڻ انتهائي متحرڪ، پرپور ۽ سائنسي بنيادن سان هر جاءِ تي پنهنجا پير کوڙي رهي آهي.

مثال طور اسين جڏهن ڳالهہ ڪريون ٿا تہ سنڌ جي ٻوليءَ، ثقافت، تهذيبي ۽ تاريخي ورثي ۽ ماڳن مڪانن، سنڌ جي اصلوڪن ماڻهن جي قدرن، حقن، حڪمراني، نصاب، تعليم، صحت ۽ اهڙن ٻين معاملن کي تحفظ ڏنو وڃي تہ دراصل اسين سنڌ جي بنيادي انساني حقن جي تحفظ جي ڳالهہ ڪريون ٿا ۽ ضروري ناهي تہ هر ڀيري اها ڳالهہ ڪنهن سياسي جلسي يا مظاهري مان ئي ٻڌڻ ۾ اچي. مسئلن جي حل جو هڪ طريقو اڪيڊمڪ بہ ٿيندو آهي جتي سماج جا ڏاها، استاد ۽ دانشور پنهنجي علم ۽ دانش سان حل پيش ڪندا آهن.

ڪنهن علمي ۽ ادبي محفل مان ٻاهر نڪتل اهڙي ڳالهہ بہ ايتري ئي اهم آهي، ان جو هڪ مثال هي آهي تہ نج ٽيڪنيڪل سيشن ۾ جڏهن ادريس راجپوت، ذوالفقار علي ڀٽي جو ذڪر ڪري ٿو، يا نج ادبي مقالن واري نشستن ۾ جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجي جا ڪتاب ۽ مقالا ۽ ڪهاڻيون بيان ٿين ٿيون تہ ان جو نياپو اهو ئي آهي تہ قوم کي علمي فڪري ۽ ڏاهپ واري ميدانن ۾ اهڙي ئي موقف جي ضرورت آهي جهڙي سياسي ميدان ۾. ۽ شايد اهڙن موقعن تي اڪيڊمڪ انداز ۾ سنڌ جي پوري ڪيس جي ترجماني ڪن حوالن سان ڪنهن جلسي يا مظاهري جيتري ئي اهم هجي ٿي.

متي ڄاڻايل چئن اهم نقطن مان آءٌ ڪانفرنس جي اختتامي سيشن "سنڌ جي اقتصاديات ۽ سماجي اوسر" (Society and Economy of Sindh) تي ٿورين لکندس. جو جو ان ويهڪ ڪانفرنس جي سموري ڪارروائيءَ کي چار چنڊ هڻي ڇڏيا. جنهن طريقي سان ذهين

ماڻهن جي هڪ وڏي پنڊال ۾ سون جي انگ ۾ موجود اسڪالرز ۽ چاڙو ماڻهن ان سيشن کي ٻڌو. سوال جواب ڪيا ۽ جيئن مقررن سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو، ان لاءِ سڀ جس لهڻن.

هن سيشن جي صدارت سنڌ جو هڪ نالي وارو اقتصادي ماهر ۽ بينڪر اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جو اڳوڻو گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين ڪري رهيو هو. ان ۾ مقالا پڙهندڙن ۾ سنڌ جو وفاق ۾ وينل جهونو بيورو ڪريٽ فضل الله قريشي، پاڪستان ۾ ضلعي حڪومتن واري تصور جو مک ڪردار نذر ميمڻ، ڊاڪٽر قيصر بنگالي، پروفيسر اعجاز قريشي، ادريس راجپوت ۽ ڊاڪٽر رجب ميمڻ شامل هئا.

سنڌ جا قدرتي وسيلا، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي سگهه، سنڌ جي ماڻهن جو سنڌ مٿان حق حڪمراني، سنڌ اندر وڌندڙ غربت، زراعت جي تباهي، پاڻيءَ جي کوٽ جي نتيجي ۾ وڌندڙ بدحالي، اين ايف سي ايوارڊ، ڊئمن جي تاريخ ۽ مستقل شهرن ۾ ڳوٺن ۾ ورهائجي ويل سنڌ، سنڌ جون سياسي تحريڪون، سماجي تبديلين ۾ سول سوسائٽيءَ جو ڪردار وغيره ـ ڪهڙو اهڙو موضوع ۽ معاملو هو جيڪو پنهنجي پنهنجي شعبي جي انهن بادشاهه ماهرن ڇيڙيو نه هجي.

آءٌ هتي مقررن جو تقريرون ورجائڻ نٿو گهران رڳو اهو ٻڌائڻ گهران ٿو ته جڏهن به اهڙا اڪيڊمڪ ۽ علمي ميڙاڪا ٿين ٿا ته اتي اڄاريل هڪ هڪ اکر جو نوٽيس ورتو وڃي ٿو ڇو جو اهو سياسي مفادن کان پاڪ هوندو آهي.

سياسي مفاد سانڍڻ هڪ زبردست عمل آهي پر هڪ ڏاهي ۽ دانشور کان اهو گهربل هوندو آهي ته هو بحث کي هر حوالي سان عقلي ۽ دليلي ۽ سائنسي بنيادن تي ڏسي ۽ پوءِ جڏهن اهڙي عمل جو مظاهرو ٿيندو آهي ته ماڻهو بس ٻڌندا رهجي ويندا آهن.

هن نشست جون ڪي ڳالهيون تہ اهڙيون آهن جيڪي اجا اعتبار ۾ نتيون اچن. مثال طور جهوني ٽيڪنوڪريٽ ۽ بيوروڪريٽ سائين فضل الله قريشي پهرين ملٽي ميڊيا سلائيڊز رستي ڀرپور طريقي سان اهو سمجهايو تہ ڪيئن هڪ مخصوص پلاننگ سان سنڌ جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ واري ڦيٽي کي ڏينهن ڏينهن پنيان ڌڪيو پئي ويو آهي ۽ ڪيئن سنڌ جا وسيلا ڦرلٽ جو شڪار رهيا آهن. اهو موقف ڪنهن تقرير بدران انگن اکرن دليلن ۽ حيرت ۾ وجهندڙ سرڪاري دستاويزن (جيڪي هن پنډال کي بہ ڏيکاريا) تي ٻڌل هو. پر سڀ کان اهم ڳالهہ اها هئي تہ هن پنهنجو ٽيڪنيڪل مقالو ان موقف تي ختم ڪيو تہ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو ڇهن ڏهاڪن کان پنهنجي حقن کان محروم آهن ۽ جڙتو وڏيرن ۽ هٿرادو ناهيل تنظيمن جي مدد سان سنڌ کي تباهہ ڪيو ويو آهي. سندس اهڙو موقف حيران ڪندڙ هو ۽ پنڊال ڪجهہ منٽن تائين تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ قريشي صاحب کي خراج تحسين پيش ڪندو رهيو.

”سنڌ جي سمورن بحرانن جو حل سياسي جدوجهد ۾ آهي.“ اهڙي عقيدي تي ايمان رکندڙ مون جهڙي شخص لاءِ فضل الله جو اهو موقف، ان موقف جي فتح هو جيڪو سنڌ جا سياستدان رکندا تا اچن.

جنهن وقت ڊاڪٽر قيصر بنگالي جهڙو اسڪالر اهو چوي تہ ”ڇڏيو هنن فني بحثن کي. اچو تہ نيپال جي عوام وانگر روڊن تي نڪري اچون ۽ پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نہ تو عوام راڄ ڪري“ تنهن جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌ جي حقن جي جنگ جي بابت سنڌي ۽ غيرسنڌي حلقن ۾ هڪ زبردست پذيرائي موجود آهي. جنهن وقت ڪراچيءَ جي هڪ وڏي هوٽل ۾ ماڻهن جي وڏي تعداد اڳيان هڪ فني ماهر ادريس راجپوت اهو چوي تہ ”پاڻيءَ جا انجنيئر تہ آهيون پر پاڻيءَ جو تڪرار جو حل طاقت/اقتدار جي حصول سان ڳنڍيل آهي.“ يا پروفيسر اعجاز قريشي چوي تہ ”سنڌ اندر غربت جو ڪارڻ وڏيرو ۽ شهري دهشتگرد آهي. انگن اکرن سان يا

عالمي مالياتي ادارن جي مدد بدران سنڌ جي ماڻهن جي سياسي قوت سان غربت ختم ٿي سگهي ٿي" ته اهڙو موقف سنڌ جي ماڻهن جي دل جو آواز بنجي پوي ٿو.

اوهان کي بظاهر اهي سٺون جذباتي لڳنديون پر اهو موقف اهڙي ته زبردست اڪيڊمڪ ۽ فني بنيادن تي اختيار ڪيو ويو جو ڪنهن وٽ ان جي ٽڪراءُ ۾ يا ان کي رد ڪرڻ وارو جواب ڪونه هو. اهو سمورو موقف ان اصول تي ٻڌل هو ته هيءَ رياست/ملڪ سنڌين کي به ايترو ئي عزيز آهي جيترو ڪنهن ٻي قوم کي! سنڌي قوم هن ملڪ جي اهم ۽ ذميوار حصي طور پنهنجي جائز ۽ بنيادي انساني حقن جي گهرجائو آهي. ملڪ اندر جمهوريت جي بحالي ۽ آمريت جي خاتمي تي پڻ اصولي موقف اختيار ڪيو ويو.

اها ڳالهه پڻ ساراهڻ جوڳي آهي ته ٻن سرڪاري يونيورسٽين پاران اها ڪانفرنس هڪ اهم ۽ وقتائتي موضوع تي گهرائي وئي. اهڙي موقف تي اڪيڊمڪ بحث کي جاءِ ڏيڻ ڪا ننڍي ڳالهه ناهي، پر اهو بنيادي طور ان رويي جو اظهار آهي ته اهي ادارا هجن ئي ان ڪري ٿا ته هو جنهن سماج جو حصو آهن ان جي ترقيءَ بابت ريسرچ ڪن، ان جي زوال جي سببن تي تحقيق ڪن ۽ ان سماج جي سياسي معاشي ۽ سماجي لاهن چاڙهن تي فڪري اپياس ڪري قوم کي اڳيان وڌڻ جا نوان گس فراهم ڪن. يونيورسٽين جي اهڙي ڪردار بابت سيني جي اها راءِ هئي ته سنڌ جي اچوڪين گنڀير حالتن ۾ اهڙي شاندار ڪانفرنس جي منعقد ٿيڻ مان ڪافي نوان بحث ۽ انهن جا حل سامهون آيا.

خود سنڌ جي موقف جي يا پنهنجي پنهنجي موضوع بابت راءِ رکڻ بابت هر هڪ مقرر يا اسڪالر جي موقف ۾ نواڻ ۽ جدت نظر آئي. پڪ سان موضوع جي تاريخي ڇاڻ ۽ ان بابت موجود جديد عالمي توڙي

علائقائي انفارميشن کي ڳنڍي پيش ڪرڻ سان ئي مجتا جوڳو موقف جڙي ٿو ۽ اهڙو مظاهرو ڪانفرنس جي هر هڪ مقالي ۾ نظر آيو.

تعليم جي هڪ اعليٰ اداري طور يونيورسٽيءَ جي ڪم جو به هڪ مخصوص دائرو هجي ٿو ۽ ان کي هڪ مخصوص حد تائين وڃڻ جو مينڊيٽ مليل هجي ٿو ۽ جيڪي تعليمي ادارا اهڙي ئي مينڊيٽ کي استعمال ڪن ٿا ۽ سماج جي مختلف شعبن جي ماڻهن کي تحقيقي نقطئہ نظر پيش ڪرڻ جو پليٽ فارم فراهم ڪن ٿا ته يقينن انهن لاءِ ماڻهن وٽ سنو تاثر جڙي ٿو. اهڙو ئي سنڌ جي اسڪالرن کي پليٽ فارم فراهم ڪري سنڌ يونيوسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي اهو ثابت ڪيو آهي ته اهي ادارا سوسائٽيءَ جي سمورن بحثن جو مک پليٽ فارم بڻجي سگهن ٿا.

